
شهيد ڏودو سومرو

(سنڌي سرويچ)



ڊاڪٽر آزاد قاضي

روشني

kaptan abro

شهيد دودو سومرو

(سنڌي سرويچ)

مرتب
ڈاڪٽر آزاد قاضي

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2015ع

Roshni Book No. 698

ڪتاب جو نالو: شهيد دودو سومرو

مرتب: ڊاڪٽر آزاد قاضي

ڇاپو پهريون: © روشني 2015ع

ڪمپوزنگ: رفيق حسين ڪولاچي

روشني ڪمپوزرس، حيدرآباد

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

قيمت: -/160 رپيا

SHAHEED DODO SOOMRO

Compiled by: Dr. Azad Qazi

Composed by: Rafique Hussain Kolachi
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2015

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڌي ڪاڻي حيدرآباد • پٽاڻي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر، حيدرآباد
ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد • فهمان بوڪ ڀيئرس حيدرآباد • ورسٽي بڪ شاپ، جامشورو
شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهه • حيدر ڪتب خاني پٽ شاهه ڪٽانيواڙ اسٽوس اردو بازار، ڪراچي
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو • رهبر بڪ ايجنسي، رايد سينٽر، لاڙڪاڻو • مدني بڪ ڀيئرس لاڙڪاڻو
نوشنل بوڪ ڀيئرس بندر روڊ، لاڙڪاڻو • نوراني بوڪ ڀيئرس بندر روڊ، لاڙڪاڻو • عبدالله بڪ ڀيئرس بندر روڊ لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال مسجد روڊ، نوابشاهه • مڪتبه گلشير، لياقت مارڪيٽ نواب شاهه
مهراڻ ڪتاب گهر، ڪپرو • العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ • ٽر ڪتاب گهر، ملي
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپور خاص • المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
مدني اسلامي ڪتب خانو دادو • سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو • جنيد بوڪ ڀيئرس دادو
عبدالرزاق بڪ اسٽال، ميهڙ • مرچو لال بوڪ ڀيئرس بدين • رحمير بوڪ ڀيئرس بدين • سوجهرو ڪتاب گهر، بدين
مهراڻ بوڪ سينٽر سکر • ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر • عزيز ڪتاب گهر، بشراج روڊ، سکر
الفتح نيوز ايجنسي مهراڻ مرڪز سکر مڪتبه امام العصر، گهوٽڪي
سنڌ ڪتاب گهر، شڪارپور • مولوي عبدالحئي شڪارپور • سميد بوڪ مارٽ شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي خيرپور ميرس • نيشنل بڪ اسٽال پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
مڪتبه عزيزيه، کهڙا • سجل ڪتاب گهر، درازا
ڪنول ڪتاب گهر، مورو • قاسميه لائبريري اسٽال روڊ، ڪنڊيارو • سارنگ ڪتاب گهر، ڪنڊيارو

فهرست

- مقدمو	ڊاڪٽر آزاد قاضي	7
• سومرا سنڌ جا آزاد راج ڏٺي	ايم ايچ پنهور	15
• سومرن جي دور جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تجزيو	پروفيسر عبدالله منگسي	18
• سومرن جي حڪمراني ۽ دودي جو داستان	پروفيسر محرم خان	26
• دودوسومرو: شخصيت ـ حڪومت	ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ	37
• سلطان دودو سومرو شهيد	حاجي غلام قادر سومرو	83
• دودو دلير	شمشير الحيدري	107
• دودو سومرو	مهر ڪاڇيلوي	114
• دودي جي بهادر پيٽ 'ٻاگهل ٻائي'	آزاد قاضي	119
• دودو بن خفيف سومرو سوم	جي. ايم. سيد	134
• دودي جي آخري آرامگاهه روپامارڻي	شيخ محمد سومار	140

انتساب

ايمان جي حد تائين وطن دوستي ۾
ويساهه پري جذبي جي نانءِ.
جيڪو قوم مٽان قربانيءَ لاءِ اتساهيندو
۽ اکسائيندو رهندو آهي.

جي تون وڙهندي ماريو ويندين،
هن وستيءَ تي واريو ويندين،
دودا! تنهنجو ساهه تہ ويندو
ماڻهوءَ جو ويساهه نہ ويندو
تنهنجا پٽ، نہ تہ تنهنجا پوٽا،
رهندا توسان پور وچوٽا،
آزاديءَ لئہ وڙهندا آخر،
وڙهندي وڙهندي وڙهندا آخر،
تن جي لاءِ مثال ڇڏي وڃ،
۽ جي چاهين خال ڇڏي وڃ...

(ايار)

مقدمو

عرب نسل جو آخري خاندان هباري هو جن کي مقامي ماڻهن سان رل مل ٿي وڃڻ کري سندن حڪمران سڏي سگهجي ٿو. هباري اهو نسل هو جيڪي مقامي اٽل پٽل سبب پوئتان پنهنجو ناتو ختم کري هتان جي ماحول ۾ هڪ ٿي ويا هئا. آهستہ آهستہ کري انهن جي جاءِ خالص مقامي سومرا نسل والاري اهڙي ريت 0401 (1011ـ 1010ع) کان سومرن جي حڪمراني شروع ٿي. سومرن جو پهريون حڪمران خفيف هو جنهن منصوره ۾ آزاد حڪمرانيءَ جو بنياد وڌو.

سومرن جي حڪمرانيءَ بابت مختلف رايا آهن مجموعي طور 450 سوَ سال ۾ ان دوران 36 حڪمرانن جو ذڪر ملي ٿو. ايتري ڊگهي عرصي واري حڪمرانيءَ ۾ ڪيئي جنگيون ٿيون، پر هتي پاڻ کي دودي چنيسر ڏانهن منسوب ٿيل جنگ سان لاڳاپيل دلير دودي واري حقيقت کي سمجهڻو آهي. هن جنگ جي ٿاٽن بابت سماجي حوالي سان سمجهڻ ۾ تحقيق کرڻ جي ڪوشش تہ حقيقاً کي ويجهو پهچي سگهجي ٿو.

نسلي حوالي سان دودو ۾ چنيسر ويڳا پائر هئا. چنيسر وڏو پٽ هو پر اُهو گجرن جي ڏاري عورت مان هو ۾ باگهي سندس ڪان وڏي پيڙ هئي. جڏهن تہ دودو ڏاڏي پوٽيءَ مان هو. هڪ روايت موجب، اڪيلو پونگر راءِ جو پٽ دودو جيڪو لقب "نهري" سان مشهور آهي. اهو لقب شايد ڪيس بهادري ۾ ارڏائيءَ سبب مليو هجي. چاڪاڻ تہ اڄ بہ 'نهرو' لفظ ارڏي ۾ ڏنگي هار لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ان نهري دودي بہ شاديون ڪيون، جن مان باگهي ۾ چنيسر گجر مان ۾ دودو سومريءَ مان پيدا ٿيو. نهرو دودو پنهنجي پيءُ پونگر جي جيئري ئي، گجر ۾ تومار (تنور) قبيلن سان وڙهندي مارجي ويو." سندس ڏاڏي پوٽي زال،

جيڪا ان وقت اميد واريءَ سان هئي سُتَتَ ان ۾ هار ڇڏيو. پونگر راءِ پنهنجي هن پياري پٽ (دودي) جو نالو قائم رکڻ لاءِ، پنهنجي پوٽي (نئين ڇاول هار) جو نالو پڻ دودو رکيو" (دودو چنيسر، محرم خان ص 5)

سومرن جي شجرن ۾ ڪافي جھول آهن انڪري عمرين، نالن ۽ واقعن بابت محققن جا مختلف رايا آهن، پر ان راءِ تي سڀئي متفق آهن ته دودو ننڍيو ڏاڏي پوتيءَ مان هو. جڏهن ته چنيسر وڏو ۽ واڳهيلن جي ڏاري عورت مان هو. واڳهلن ۽ سومرن جون خانداني لڙايون ۽ هلندڙ هيون. اهڙي ئي هڪ لڙائيءَ ۾ دودو نهرو واڳهيلن هٿان مارجي ويوهو اڳتي هلي، خلجين سان ٽيل جنگ کان اڳ ۽ جنگ هلندي واڳهيلن جي غداري ڪرڻ جا پڻ اهڃاڻ ملن ٿا. مٿي ذڪر ڪيل صورتحال جي مد نظر ائين چئي سگهجي ٿو ته واڳهيلن خلاف راج پاڻ ۾ نفرت ته اڳ ئي پکڙيل هئي، اهڙي ماحول ۾ جڏهن دودي ماءُ (واڳهيلي عورت) کان پيڙ جي ڳالهه ڪئي هوندي، تڏهن اُنَ اندروني نفرت ۽ حقارت جي ڪري نروار ٽيڙ جو وقت اچي ويو ۽ اها نفرت ايتري ته شدت اختيار ڪري ويئي جو دودي کي لاچار پنهنجي راءِ کي فوران تبديل ڪري پڳ قبول ڪرڻي پئي. چاڪاڻ ته ڪيس عوامي رد عمل واري شدت جي مدِ نظر ان ڳالهه جو خطرو هو ته ڪٽي راج موراڳو بغاوت ڪري ڪنهن ٻئي مٽير مڙس جي مٿي تي نه پڳ رکي ڇڏي. اهو ان دور جو رواج هو. چاڪاڻ ته راج پاڳ، همٽ ۽ اهليت کي ڏسندو هو خانداني تسلسل وارو رواج ڪونہ پيو هو. اها ڳالهه ڳٽي دودي، چنيسر جي واپس ورڻ کان اڳ پڳ جي ذميواري قبول ڪري ورتي. ان دور جو اهو رواج هو. اهڙو اندیشو چنيسر کي پڻ هو ان ڪري جڏهن راڄن پاران دودي کي پڳ ڏيڻ واري فيصلي جي جڏهن چنيسر کي خبر پئي ته روايتن ۾ اهو ۽ اچي ٿو ته چنيسر هيئن چيو: "شڪر ڪريان الله جو آئي اسان جي گهر". جنهن تان ئي سمورو معرڪو شروع ٿيو. جنهن سان ملندڙ ڪو پاتيون ڪٽائون گجرات ۽ ٻين علائقن ۾ پڻ ملن ٿيون ان نوعيت وارن قصن جو گجرات ۽ ٻين ڪن علائقن ۾ ساڳي شڪل ۾ موجود هڻڻ جو ذڪر ڪندي، ايم. ايڇ پنهور صاحب لکي ٿو:

"دودو چنيسر جو قصو سنڌ جي پاڙيسري ملڪن ۾ مشهور داستان جو سڌو سنئون نقل آهي. هي آڪاٽيون ٻڌڻ وارن کي پلي وڻنديون هجن. پر انهن کي مستند تاريخي مڃي نه ٿو سگهجي" (تصوير سنڌ، ص 29)

ڊاڪٽر بلوچ ۽ ٻين عالمن پاران ٻه دودو چنيسر کي نيم تاريخي داستان سڏڻ واري راءِ پڻ ان ڳالهه طرف اشارو ڪري ٿي ته اها ڪا مستند تاريخ ڪانهي. پر ساڳي وقت ان جي حيثيت ۽ اهميت کان انڪار ڪرڻ پڻ تاريخي حقيقتن کان منهن موڙڻ برابر آهي. چاڪاڻ ته تاريخ ۾ سومرن جو سونهري دور موجود آهي. دودو ۽ چنيسر ڪردار پڻ موجود آهن. پلي انهن جي دور بابت اختلاف هجن. پر مکيه ڪردارن يعني دودي چنيسر واري حوالي سان جنگن جو ٻه ذڪر موجود آهي. انهن سيني ٽاڻن جي بنياد تي سگهڙن، ڳائن، ڳٽن ان سورهيائي واري داستان ۽ ڪوپائتي ڪٿا کي عام ڪيو. پر جيئن ته ان جي بنيادي حيثيت لوڪ داستان واري ٿي ويئي. انڪري انهيءَ جي واقعن ۾ وڌاءُ ۽ انهن جو اڳتي پوئتي هڻڻ فطري عمل هو. پر بنيادي طرح اها ڪوپائتي ڪٿا طور تاريخي طور هڪ سچائي آهي.

سومرن جي دور ۾ ڇڻن دودن ۽ ٻن چنيسرن جو نمايان ذڪر آهي. انهن بابت واقع نگارن جو مجموعي طور رايو آهي ته ٻئي چنيسر پرمترڀا، لالچي ۽ بيڪار هئا. جڏهن ته دودا دلير، بهادر ۽ ويڙهو هئا. ان تاريخي پس منظر ۾ ائين معلوم ٿئي ٿو ته سومرن ۾ دودن واري تسلسل ۽ بهادرانه ڪارنامن واري روايت سبب دودو لفظ بهادريءَ جي علامت طور منسوب ٿي ويو. بيان ڪيل داستانن جي لوڪ روايت، جنهن طرح غير محسوس ٽيندڙ عوامي انداز سان جنم ورتو، پختي ٿي ۽ پکيڙجي ٿي، هيءَ به هڪ اهڙو ئي مثال آهي. سومرن جي دور جا سيئي دودا پنهنجي پنهنجي دور جا بهادر ۽ بيباڪ مڙس هئا. ان ڪري دودو سورهيائيءَ جي علامتي اهجاڻ طور نه رڳو ان وقت، پر موجوده دور تائين زبان زد عام هلندو پئي رهيو آهي ۽ شايد ان ئي نالي جي نسبت سان دوداڻي، سورهيائي طور ۽ دودو بهادريءَ جي علامت طور سنڌي معاشري ۾ رائج ٿي ويو. ان دور جو مشهور منگتو ڳاڳو ڀان دودي جي حوالي سان دوداڻين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

والي وڃھ ڪوٽ جا، دوداڻي دونڪن،
جي ڪنين ٻہ ھڻا سومرا، تن ڏيل اڪثين ڏسجن.

ھنديءَ ۾ دودي جي لفظي معنيٰ 'راج دل' يعنيٰ ملڪ جي سگھ آھي پر سنڌيءَ ۾ اھو لفظ گھڻ صفا تي حوالي سان پھلوان، سگھو بھادر، ھمٽ پريو ۽ سھڻو واري معنيٰ ۾ ٻہ استعمال ٿئي ٿو. ان حوالي سان ايم. ايڇ پنھور صاحب لکي ٿو:

"اھو بادشاھي لقب صدين تائين سومرن بادشاھن جو صفاتي نالو رھيو آھي. انھيءَ طرح دودو آھي "راج دل" يعنيٰ ملڪ جي سگھ، زور ۽ سونھن راج دل (ملڪ جي طاقت) لقب اڳتي ھلي (577 ـ 1456ع يا 861ھ ۾) ھام نظام الدين لاءِ پڻ استعمال ٿيو".

اھڙي ريت دودو صفتي حوالي سان پھلوان، سگھو بھادر وڏي ھمٽ واري ڪردار طور مروج ٿي ويو. اسين جڏھن سومرن کي ياد ڪريون ٿا، تڏھن اسين پاڻ ۾ پنھنجي ايندڙ نسل کي تاريخ جي روشنيءَ ۾ تاريخ جي پيچيدھ پيچرن مان پنھنجون واٽون ڳولڻ طرف راغب ڪريون ٿا. ايئن جيئن چيو ويندو آھي تہ حال کي بھتر ڪرڻ لاءِ مستقبل مان سبق پرايو ويندو آھي. ايئن دنيا جي سياڻي غلام قومن کيو آھي. ان ضرورت جي مدنظر ڪن قومن جي شاعرن پنھنجا خيالي ھيرا پڻ جوڙيا ۽ پيش ڪيا آھن جنھن جو سڀ کان وڏو مثال فردوسيءَ جو شاھنامو آھي. اسين تہ ان سلسلي ۾ خوش نصيب آھيون جو اسان وٽ تاريخ جي مختلف دورن ۾ سبق آموز حقيقي قومي ھيرن جو ذڪر ملي ٿو. اھڙن حقيقي ڪردارن منجھان شھيد دودو سومرو ھڪ آھي. جنھن سان ھيءَ تمام وڏي ڪوپائتي ڪيڏارو ڪٿا منسوب آھي. جنھن جي مختلف ڪردارن مان ڪيئي اعليٰ صفتون نمايان نظر اچن ٿيون. ان ڪوپائتي ڪٿا لاءِ، ڪي اختلافي نڪتا پيش ٿي سگھجن ٿا، پر اھا ٻہ ھڪ حقيقت آھي تہ:

"ھيءَ ڪيڏارو سر زمين سنڌ جي پيداوار ۽ قديم سنڌي شعر جي فطري اوسر جو ئي نتيجو آھي. تنھن ڪري ھيءَ داستان سنڌ جي تھذيب وتمدن جو ترجمان ۽ سنڌ جي سرفروشي ۽ ننگ ناموس جو نمائندھ نيشان آھي" (محرم خان ص 19) انڪري سورھن کي ياد ڪرڻ واري اھڙي ڪوشش کي ڪن دوستن پاران خوش فھمي، خود

ٿنائي وارو سحر تصور ڪرڻ ۾ قوم کي ان ڪوهيڙي واري ڏنڊ ۾ ڦاٽل ظاهر ڪرڻ بجاءِ، ان عمل کي سائين جي. ايم. سيد جي لفظن ۾ هن طرح بہ بيان ڪري سگھجي ٿو. "جڏهن اسان تاريخ جي نهايت مشڪل دور مان لنگهي رهيا آهيون، اسان جي آزادي ختم ڪئي ويئي آهي، جا اقتصادي حالت تي اثر انداز ٿيڻ کان رهي نہ سگھي آهي. اسان جي ڪلچر ۾ زبان تي وار ٿي رهيا آهن ان وقت اهڙي قسم جي سپوتن ۾ سورهن جا قصا ۽ ڪهاڻيون عوام تائين پهچائڻ ۾ سنڌن ياد ڪرڻ قومي عزت، همٿ ۾ جذبہ آزاديءَ کي زندهہ ڪرڻ جي برابر آهي (سنڌ جا سورما، ص 26)

اها قومي غيرت ئي آهي جيڪا جڏهن انفرادي سوچ ۾ عمل مان نڪري ايڪتا ۾ اتحاد وارو روپ اختيار ڪري ٿي، تڏهن قومن جا روپ تبديل ٿي وڃن ٿا ۽ اهي هر قسم جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري واري وات ونڊ ۾ سرهائي محسوس ڪن ٿيون.

اسان کي اهو نہ وساريڻ گهرجي تہ دودو چنيسر سنڌ جو عظيم رزميہ تاريخي لوڪ داستان آهي. ۽ لوڪ داستان جي بنيادي بيهڪ عوامي انداز جي اظهار واري طريقيڪار ۾ رکيل آهي. اهڙا داستان جيڪي پنهنجي دور جي پاڻن ۽ پاڻ فقيرن عوام ۾ ملڪان ملڪ مشهور ڪيا. لوڪ داستان جي ان انداز واري ڦهلاءَ وقت نہ رڳو مڪيہ ڪردارن کي نمايان ڪيو ويو. پر ڊاڪٽر بلوچ جي بقول: " سورهن جي ڪردارن ۽ ڪارنامن کي چمڪائڻ خاطر ڏنڊ ڪٿائي مبالغي ۽ ڪرشمائي وڏاءَ کي دخل رهيو آهي. ڇاڪاڻ جو عوامي ذهن غير معمولي ڪارنامن ۽ ڪرشمن کان ئي جلد ۽ وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو." (سومرن جو دور ص 6)

مٿي ذڪر ڪيل سماجي بيهڪ سبب تاريخ جي ڊگهي سفر دوران هن قصي ۾ ڪي، جملا تہ ٿي سگهن ٿا پر ان کي بنهہ غلط چوڻ يا مفروضو ظاهر ڪرڻ واري راءِ صحيح ڪانهي. مثلاً چيو وڃي ٿو تہ تاريخي طور تي علاوالدين خلجيءَ ڪڏهن بہ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي ئي ڪانهي. برابر علاوالدين خلجيءَ پاڻ ڪاهہ ڪري ڪونہ آيو پر ان جو اهو مطلب ڪٿي آهي تہ خلجي فوج سنڌ مٿان حملو ڪيو ئي ڪونہ هو. علاوالدين تہ اڳواڻ هو جنهن جا ڪيئي سپهہ سالار هئا جيڪي

جنگيون ڪندا پئي وتيا. ظاهر آهي ته اهي جنگيون سڌبيون ته مڪيہ اڳواڻ جي نالي سان. مثلاً هٽلر دنيا جي مختلف ملڪن تي حملا ڪيا. انهن ۾ هن پنهنجو پاڻ ته حصو ڪو نہ پئي ورتو. پر هو سموري جنگ جو سرواڻ هو انڪري اڄ تائين اهي هٽلر جا حملا تصور ڪيا وڃن ٿا. اهڙي طرح جيڪڏهن خلجين جي لشڪر سنڌين مٿان حملا ڪيا تڏهن سگهڙن قصي خواني ۽ ۾ سنڌي هيرن جي مد مقابل مخالف طور عالادين (علاوالدين) جو ولين واري حيثيت طور ذڪر ڪيو آهي.

هن ڪتاب اندر ٽيل مختلف بحثن مان ان ڳالهہ جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو ته خلجين جون فوجون، پنهنجي توسيع پسنديءَ واري مقصد سان اڳ ئي ان تلاش ۾ هيون ته سنڌ جي حڪمران کي سوڙهو ڪري متيع ڪجي. سندن ان خواهش کي چنيسر واري دانهن جڙ ته موقعو مهيا ڪري ڏنو. ويتر جو مقامي با اثر شخص ماڻن راءِ ماڙو راءِ جيڪو گجرات جي ڪرن واگهيلي جو وڏو وزير هو تنهن سومرن سان پراڻي واگهيلا دشمني هيٺ يا چنيسر، جيڪو واگهيلن جو مائٽ هو ان جي تعاون خاطر پنهنجي منصب سان غداري ڪري وڃي. خلجين جو پاسو ڪنيو انهن جو فوجي مشير بنجي، سندن سونهون بہ ٽيو سندس اهڙين غدارين سبب ئي سنڌين کي شڪست آئي.

قومي سورمن جو ڪردار وسيع مفهوم جو حامل هجي ٿو اها رڳو ان شخص جي سورهيائي، بهادري ۽ همٽ جي نشاني ڪا نہ هوندي آهي پر سورهن، شهيدن، سورمن ۽ سرويچن جي ادا ڪيل ڪردار مان قومي قدرن، (value) معيارن جا اهجاڻ پڻ نمايان نظر ايندا آهن. سندن ادا ڪيل ڪردار ۽ ڏنل قرباني ۽ جي نتيجي ۾ جيڪي حقيقتون سامهون ايندیون آهن انهن جي روشني ۽ ۾ قومن جي سماجي بيهڪ بابت ڪي سبق آموز تاريخي اهجاڻ حاصل ٿي سگهندا آهن ماضيءَ واري اهڙي تاريخ جي روشني ۽ ۾ باشعور قومون پنهنجي حال بهتر ڪرڻ لاءِ ڪيئي سبق حاصل ڪري مستقبل لاءِ راهون هموار ڪري سگهنديون آهن. اسين شهيد دودي سومري جي وطن ۽ قوم لاءِ ڏنل قرباني ۽ واري داستان منجهان سنڌي قوم لاءِ اهڙا ڪيترا ئي اهجاڻي مثال حاصل ڪري سگهون ٿا. جيڪي دنيا کي آڇڻ جهڙا آهن.

جيتوٽيڪ بظاهر اهو قصو هڪڙو عام رواجي قصو آهي. ان جهڙا ڪي ٻيا ننڍا وڏا قصا ۽ ضرور ٿيا هوندا پر هن ڪي وڏي اهميت ۽ عظمت شهيد دودي ۽ سندس بهادر همٿ پري پيٽ ٻاگهل ٻائيءَ واري ڪردار سبب نصيب ٿي. دودو جيڪڏهن پنهنجي سڪ سلامتيءَ جي پرواهه ڪندي حڪومت جي بحاليءَ واري لالچ ۽ اڇي ٻاگهيءَ جو سنگ ڏيئي ڇڏي ها تہ اهو سندس لاءِ بظاهر سولو ۽ سستو سودو هو پر سنڌي قوم ۽ ڪنهن ۽ حوالي سان ڏاڍ جي اڻيان سر نہ نوائڻ وارو جيڪو اعليٰ قدر موجود آهي. ان کيس اهڙو جڏو ڪم ڪرڻ نہ ڏنو. ڪيترائي ماڻهو ادل بدل ۽ اٽڪل سٽڪل سان ڏاڍي ڪي راضي ڪري پاڻ ڪي بچائڻ جي ڪندا آهن پر دودي جي ڪردار ۽ اهڙي گهٽيا قسم جي روايت کان انڪار وارو اهجاڻ نمايان نظر اچي ٿو. جنهن وقت خلجن جو ڪٽڪ ڪاهي اچي ٿو ۽ صرف هڪ ئي شرط ٻاگهيءَ جي سنگ جي حاصلات واري ڳالهه ڪري ٿو اهو بظاهر سستو سودو هو پر دودي ان کان انڪار ڪندي جنگ جي تياري ڪئي. تڏهن مشيرن منجهان ڪنهن اها راءِ رکي تہ ٻاگهل ٻائي کي تہ ڪو ئي ڪو نہ سڃاڻي. ان ڪري قوم تان غليم ٽارڻ لاءِ سندس جاءِ تي، ڪا ئي ٻي عورت موڪلي ڏجي. اها ڳالهه ٻہ نہ رکو دودي جي غيرت گوارا نہ ڪئي ۽ راج مان ٻہ ڪنهن سگهڙ چيو تہ:

جر نہ ڪُٽي ڪنگرين راءِ نہ جهلن ويڙ
جي گولي وڄي، گُجرين تہ ٻہ، سڏجي دودي ڀيڙ.

جنگ جون تياريون ٿي ويون تڏهن بهادر ۽ باغيرت ٻاگهل ٻائي جي دور انديشيءَ ۽ قرباني‌ءَ واري امتحان جي گهڙي آئي. اهڙي وقت ۽ ٻاگهل ٻائي ٻاءُ کي مخاطب ٿي چيو: جيڪڏهن منهنجي ڏيڙ سان راج تان غليم ٽري ٿو وڃي تہ اها ڳالهه مون کي قبول آهي ۽ دودي جهڙي بهادر انسان ائين ڪرڻ گوارا نہ سمجهيو ۽ هن خلجن جي مسلط ٿيل جنگ کي قبول ڪندي جنگ جا نغارا وڄرايا. جنگ ۽ دودي جو خاندان ۽ سنڌ جو سورهه عوام قربان ٿي ويو. ٻاگهل ٻائي پنهنجي ڪٽنب جي عورتن سان گڏ ابڙي وڏ وڙي وٽ سامر ٿي ويئي. خلجن جو ڪٽڪ پيڇو ڪندو ويو. ابڙي کان ٻاگهيءَ جي گهر ٿي. وڙائتو ابڙو ٻہ سومرين کي

واپس نہ ڪري. پنهنجو قول پاڙيندي. قوم تان قربان ٿي ويو. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن ٻاگهل ٻائيءَ جي دل ڏهلجي هان تہ هو پنهنجو پاڻ پيش ڪري سُکي زندگي گذاري پئي سگهي. اهو ڪيس موقعو هو. پر هن بهادر ٻاءَ جي باغيرت پيڙ اهڙو ڪڏو ڪم ڪرڻ کان. قوم تان قربان ٿيڻ واري روايت کي برقرار رکندي مُنهن مقابل ٿيڻ جو فيصلو ڪيو.

'پل مائر سي مرڪن. جنين اهڙيون ڏيئر جايون'.

اڄ جي دور ۾ ڪي سومرا. دودي جي ڪردار ۽ سومرن جي صاحبيءَ کي سومرا ذات واري محدود تصور هيٺ ڏسن ۽ ان بابت سوچين توڙي لکن ٿا. اهڙو عمل شهيد دودي جي. سنڌ جي قومي سورمي هڻڻ واري حيثيت گهٽائڻ جي برابر آهي. اهڙي عمل کي اهي دوست پلي سومرا قبيلي لاءِ ڪا وڏي خدمت تصور ڪندا هجن پر اهو نہ وساريڻ گهرجي تہ دودي جي راڄ ۾ رڳو سومرا ڪو نہ هئا. ڪيئي ٻيا راڄ ۾ هئا. جن جي پوئيرن وٽ دودو سنڌ جي شهيد هڻڻ واري حيثيت ۾ اعليٰ مرتبو ماڻي چڪو آهي. جنهن جي عمل ۽ ڪردار مان سنڌ جي ڪيترن ئي اعليٰ صفتن جا حوالا جنم ورتا. جيڪي سنڌي قوم جو هر فرد عالم انسانيت لاءِ آڇيندي فخر محسوس ڪري ٿو. اهڙيون اعليٰ مرتبي واريون صفتون جيڪي سنڌي قوم جي سڃاڻپ ۽ اعليٰ معيار جي سلسلي ۾ پيش ڪريٰ سگهجن ٿيون. اهڙن اعليٰ گُڻن کي محدود ڪرڻ ڪو سٺو سوڻ ڪونهي.

شال سنڌ جا نوجوان پنهنجي قومي سورمن جي اعليٰ ڪردار منجهان کي ڳڻائتيون ڳالهيون پرکي. پروڙي پنهنجو مستقبل روشن ڪري سگهن.

طالب العلم

ڊاڪٽر آزاد قاضي

سنڌي شعبو

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

7 جنوري 2015ع

ايم. ايچ پنهور

سومرا سنڌ جا آزاد راج ڏٺي

نائينءَ کان يارهين صدي عيسويءَ تائين ڏکڻ ايشيا ننڍين ننڍين رياستن ۾ ورهايل رهيو. هندوستان. وچ ايشيا توڙي ايران ۾ اهڙي کا طاقت موجود نہ هئي. جيڪا انهن ننڍين رياستن کي زير ڪري ۽ کا وڏي سلطنت قائم ڪري سگهي. سنڌ ۾ سومرن 1011ع ۾ هبارين کان بادشاهي کسي ۽ کنهن هڪ اڏ واقعي کي چڏي باقي وقت بنا کنهن مداخلت جي آزاديءَ سان راج ڪيائون. 1011ع کان 1351ع تائين سندن دؤر جا واقعا هيٺ سن وار ڏجن ٿا:

- 1025_1030ع: محمود غزنويءَ جي ڊل پريائون.
- 1030_18_1217ع: آزاديءَ سان راج ڪيائون.
- 1206_18/1217ع: ملتان ۽ اُچ تي قباچہ قبضو ڪري ورتو پر پي سنڌ آزاد رهي ۽ انهي تي سومرن جو راج رهيو.
- 18_1217_1221ع: قباچہ بکر ۽ سيوهڙ تي بہ قبضو ڪري ورتو ۽ سومرن وٽ لاڙ ويجي بچيو.
- 1228_1236/37ع: لاڙ جي حاڪم چنيسر سومري بہ التمش جي منصبداري قبولي. التمش بکر ۽ سيوهڙ کي دهلي سلطنت سان ملائي چڏيو.
- رضيہ سلطانہ گهرو ويڙهہ ۾ ڦاسي وئي ۽ سنڌ ۾ اسماعيلي عوام جو سرڪار ۾ اثر وڌي ويو (سومرا پاڻ بہ اسماعيلي هئا).
- 1236/37_1243ع: منگولن جي لاڳيتين ڪاهن سبب اُچ ۽ ملتان سوڏو سڄي پنجاب جي ماٹهن ۾ ياجڙ پئي. دهلي سلطنت تي پنهنجو ڪنٽرول رکي نہ سگهي ۽ سنڌ. رحيم يار خان شهر تائين

آزاد ٿي وئي. انهن ئي ڏينهن ۾ ڏکڻ پنجاب جي ماڻهن اولهه جو رخ ڪيو جتي اهي هاڻي جپسي (Gypsies، لاڏائو يا رولو) ڪوٺجن ٿا. پوءِ سنڌ 1297ع تائين آزاد رهي.

- 1297_1315ع: سنڌ دهلي سرڪار جي منصبداريءَ هيٺ رهي. ملتان، اُچ، بکر ۽ سيوهڙ پرڳڻا دهلي سرڪار ۾ شامل ٿي ويا ۽ لاڙ تي سومرن دهليءَ جا منصبدار ٿي سرڪار هلائي.
- 1320_1325ع: سومرن سنڌ جي گهڻن علائقن تي قبضو ڪري ورتو پر شهرن ۾ دهلي سرڪار جا گورنر هئا.
- 1333ع_1351ع: سيوهڙ ۾ تغلقن جو گورنر ملڪ رتن، سومرن جي وفادار ڄام اُنڙ هٿان مارجي ويو. تغلقن ستت ئي سيوهڙ موڪلي ورتو پر اتر سنڌ جو گهڻو حصو 1351ع تائين ڄام اُنڙ جي هٿ هيٺ رهيو. سيوهڙ ۽ بکر تڏهن بہ دهلي سرڪار جي قبضي ۾ رهيا. سنڌو درياءَ بہ سيوهڙ تائين دهليءَ جي قبضي ۾ هو. طغيءَ (Taghi) گجرات ۾ بغاوت ڪئي، اتان پوڄي اچي سنڌ ۾ سومرن وٽ لِڪو ۽ محمد تغلق انهيءَ جو پيڇو ڪندي ٺٽي تي ڪاهه ڪئي.
- 1351ع: محمد تغلق کي سوندا جي ويجهو سندس ئي اهلڪارن زهر ڏئي ماريو تہ امير فرغان پاران علطون بهادر جي اڳواڻيءَ سلطان جي مدد لاءِ موڪليل منگول لشڪر تغلقن سان بغاوت ڪئي. انهن شاهي خزانو قبضي ۾ وفادار سپاهه جي پٺيان پيا. شاهي فوج تي اڳئين پاسي کان منگولن ۽ پوئين پاسي کان سومرن حملو ڪيو.
- سومرا تغلقن جي پٺيان سيوهڙ تائين لڳا ويا ۽ انهن جي سيوهڙ پهچڻ کان پوءِ سندن نالو نہ ورتائون. ڇوتہ سيوهڙ ۽ ان جي پسگردائي مخدوم جهانيان اُچ واري کي امن قائم رکڻ جي عيوض عطا ٿيل هئا. تغلقن محمد تغلق کي سيوهڙ ۾ امانت طور دفن ڪيو ۽ 5_6 سالن کانپوءِ سندس مڙهه دهليءَ نيائون.

- ساڳئي ئي سال سومرن کي ڄام اُنڑ شڪست ڏني ۽ بادشاهه همير سومرو ملتان طرف پڇي ويو. ملتان جي گورنر کيس پناهه ڏني ۽ فيروز تغلق وٽ سندس پاسو ڪنيو. جنهن پندرهن سال پوءِ سنڌ تي ڪاهه ڪئي. فيروز تغلق ۽ ڄام اُنڑ جي پٽ هانيٽئي جي جنگ ايڀائي سال هلي. تنهن کان پوءِ تغلق اُچ مان سمن جي مرشد مخدوم جهانيان کي وٽي آيا. جنهن اچي ٻنهي ڌرين ۾ ٺاهه ڪرايو ۽ تغلقن کي سرسي ڏياري. نتيجي ۾ سومرن جي ڳالهه سدائين ڪاڻ وسري وئي.

(ڪتاب "تصوير سنڌ" تان)

پروفيسر عبدالله منگسي

سومرن جي دور جو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تجزيو

تاريخي طور تي عجم جي قومن ۾ ملڪن ۾ سنڌ ۽ هند کي هڪ ٻئي کان ڌار تهذيبون ۽ ملڪ ڏيکاريو ويو آهي. جاگرافيائي طور تي هتان وهندڙ "درياهه سنڌ" دنيا جو ستون نمبر وڏو درياهه آهي. ان کان سواءِ هن ملڪ جون سرحدون ٽن اهم سمندن سان لاڳاپيل آهن. جنهن ڪري زراعتي ۽ تجارتي طور تي دنيا جي بحري توڙي بري شاهراهن جو چوسول ٻئي رهيو آهي. ۽ نتيجي ۾ سنڌ جي جاگرافيائي شاهوڪاري دنيا جي هر فاتح لاءِ ڪشش ۽ چڪ جو سامان ٻئي مهيا ڪيو آهي. ان ڪري هن ڏيس تاريخ جي تيز وهڪرن ۾ گهٽائي لاها چاڙها ٻئي ڏٺا آهن. ۽ ان سان گڏ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي تبديلين ۽ حالتن هتي ڪڏهن خوشحالي ته ڪڏهن قحط واري صورتحال کي ٻئي جنم ڏنو آهي. هتان جو معاشرو تهذيب جي جن مختلف مرحلن مان گذريو آهي، تن ۾ سومرا دور کي وڏي اهميت حاصل آهي. ڇاڪاڻ ته عرب راج کان پوءِ سڀ کان پهريون پيرو سومرن ئي سياسي سگهه حاصل ڪري ڏرتي ۽ راج تي پنهنجي حڪمراني قائم ڪئي هئي ۽ قومي رياست جو پايو وڌو هو. سنڌ اندر عرب آبادڪارن ۽ افغان قبضي جي خلاف جيڪا عوامي جدوجهد هلي رهي هئي، تنهن جي قيادت سومرا ڪري رهيا هئا. هن جدوجهد جا ٻه رخ آهن: هڪ ته ڌارين جي قبضي خلاف قومي آزادي حاصل ڪرڻ ۽ ٻيو نظرياتي طور تي قومي ثقافتي بنيادن تي تنگ نظريءَ کان پاڪ رياست قائم ڪرڻ. تاريخ ۾

هميشہ ايئن ٿيو آهي تہ جيستائين مظلوم قوم يا طبقي پاڻ کي ظالم قوم يا طبقي کان نظرياتي يا ثقافتي طرح سان علحدہ نہ ڪيو آهي، تيستائين ظالم جي خلاف ڪامياب سياسي جنگ نہ لڙي سگهيو آهي. جنگ جيڪڏهن ڪٿي بہ آهي تہ ان جا نتيجا صحيح ڪونہ نڪتا آهن. سومرن انهيءَ ڪري نظرياتي طرح پاڻ کي عربن ۽ افغانن کان الڳ رکي، پنهنجي قومي جدوجهد هلائي ۽ آخرڪار ڪاميابي حاصل ڪئي. اهو ئي سبب آهي جو سومرا دؤر تاريخي هاڻ جي بليڪ هول هوندي بہ سنڌ جي تاريخ جو اهم ترين پنيو پئي رهيو آهي. ان ڪري سنڌ جي اڪثر رومانوي داستانن، ڪوپائي ڪٿائن ۽ شاعريءَ جو تمام گهڻو واسطو بہ هن ئي دور سان لاڳاپيل نظر اچي ٿو.

سومرن جي حسب نسب بابت ڪيرائي رايا آهن. هڪڙن جو چوڻ آهي تہ هي وچ اوير جي سامي نسل جا ماڻهو آهن. ڪن جو چوڻ آهي، تہ هي قبيلو ايران جي شهر سرمن راءِ (سامره) مان لڏي ايندڙ اهڙو انساني گروهہ آهي، جن پاڻ کي پنهنجي اصلوڪي وطن سرمن راءِ جي نالي سان سومرا سڏايو. خود سومرن جي ڪن بزرگن جو چوڻ آهي تہ هو عربي نسل جو هڪ قبيلو آهي، جنهن وقت جي طوفانن سان گڏ هجرت ڪندي سنڌ اندر مستقل سڪونت اختيار ڪئي، پر اڄ جي جديد تحقيق ڪندڙ مؤرخن علم انسانيات (Anthropology) ۽ عمرانيات جي ماهرن سندن جسماني ساخت، سماجي زندگي جي طور طريقن، احساسن ۽ جذبن جو تجزيو ڪندي ثابت ڪيو آهي، تہ سنڌ جو هي تاريي قبيلو درحقيقت راجپوت نسل مان آهي، جنهن چوٿين صديءَ جي آخر ۾ سياسي اهميت حاصل ڪئي ۽ پنهنجي هڪ سردار "سومره" جي قيادت ۾ ملتان کان وٺي ڪڇ تائين پنهنجو اقتدار مجائي ورتو. آئين اڪبري مطابق هن قبيلي جا چٽيهہ ڪڇ حاڪم ٿي گذريا آهن، جن پنج سؤ پنج سال حڪومت ڪئي.

سومرن جي دؤر تي تحقيق ڪندڙ محقق، مؤرخن ۽ تاريخدانن اڪثر ڪري هيءَ غلطي پئي ڏهرائي آهي تہ سومرن جي حڪومت ۽ اقتدار فقط سنڌ جي لاڙ واري حصي تي قائم هو پراسان کي تاريخ مان اهڙيون شاهديون تمام گهڻيون ملن ٿيون تہ

سومرن جي سونهري دور ۾ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ جاگرافيائي طور تي ملتان ۽ اُڇ وارو علائقو به سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۾ شامل هو. انهن ٻنهي شهرن کي سومرا دور ۾ سياسي ۽ مرڪزي حيثيت پڻ حاصل هئي. سومره (سومار) ۽ سندس پٽ راجا پال اهڙا طاقتور سومرا حاڪم هئا، جن جي حڪومت ملتان کان وٺي ڪڇ تائين قائم هئي ۽ ٻنهي يا سندن اولاد جي ڪن حاڪمن ايڏي وڏي ملڪ تي حڪومت ڪئي.

اتر سنڌ جي انهيءَ سياسي ۽ ثقافتي سرحدن اندر شامل علائقن تي سومرن جي حاڪمن لاءِ محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکي ٿو:

"ملتان جي ڏاکڻي پاڳي ۾، يعني موجوده بهاولپور ڊويزن واري ايراضيءَ ۾ مقامي طور سومرا حاڪم خودمختيار حيثيت ۾ گهڻي وقت تائين حڪومت ڪندا رهيا. هاڪڑي درياهه جي اپرندي ناري پٽ شهر وٽ هڪ شهر آباد هو جيڪو پٽ ناري جي نالي سان مشهور ٿيو سو هڪ روايت موجب سومرن جو مکيه شهر هو بلڪ ڪنهن وقت سندن تختگاهه هو شايد ويندي چوڏهين صدي عيسويءَ تائين اهو شهر آباد هو. انهيءَ علائقي ۾ مروت جو قلعو پڻ سومرن جي هٿ ۾ هو ۽ اتي ويندي 1494ع تائين ملڪ جام سومرو حڪمران هو انهيءَ قلعي جي تعمير لاءِ قلعي جي مٿين دروازي متان راجستاني هوليءَ ۾ هيئيون ڪتبو لڳل هو:

سنبت 1548 برڪي پرهه سدي مروٽ ٻڌا
ملڪ جام سومرا ڪوٽ پاڪي ڪيل ڦرائي

انهن اهجاڻن مان ظاهر آهي ته "ملتان جي سڄي رياست سندن (سومرن) اوائلي حڪومت ختم ٿيڻ کان گهڻو پوءِ تائين سنڌ ۽ ملتان جي وچ واري پاڳي تي سومرن حاڪمن جو قبضو رهندو آيو."

ملتان ۽ باولپور جي علائقي تان سومرن جي اقتدار جو خاتمو ڪڏهن ٿيو ان لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

"اتر طرفان غزنوي ۽ غوري سلطانن جي سياسي طاقت سببان ملتان جي رياست سومرن جي هٿ مان نڪري ويئي ۽ غالباً ڇهين صدي هجري ۾ هن جو خاتمو ٿي ويو."

ڊاڪٽر بلوچ جي چوڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته سومرن جو اقتدار ملتان ۽ اُڇ تي سومري سلطان خيري تائين قائم رهيو.

هتي سومرن جي رياست جي سرحدن ۽ خاص ڪري اتر سنڌ ۾ سندن اقتدار جي حدن بابت هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو ته جيئن اها ڳالهه واضح ٿي سگهي ته ملتان کان وٺي موجوده سنڌ جي سرحدن تائين سجو علائقو سومرن جي بالادستي هيٺ هو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکي ٿو:

"حاڪم همير سومري جي ڏينهن ۾ ڪل وڏا (موجوده رحيم يار خان) جي حاڪم لاکي ڪل هڪ چارڻ کي ڪي پلا گهوڙا انعام ڏنا. جيڪي ڏوري راءِ سومري جي سازش سان چورائجي ويا. ان تي پاراتي طور هي بيت ڏنو:

ڏري ڏوري راءِ، جنهن چارڻ سان ڪاهه،
پٽڻ پٽي جو ٿيو سيج وتايو ساهه،
همير پوراهه راج نه ڪندا سومرا.

پٽڻ مناري جي مروت ڪوٽ تي لکيل بيت ۽ مٿينءَ روايت مان ظاهر ٿئي ٿو ته همير سومري کان وٺي آخري همير تائين هن علائقي تي مختلف حيثيتن ۾ سومرن حڪومت پئي ڪئي آهي.

دنيا جي هر ملڪ جي سياسي، جاگرافي، اقتدار تي قابض ڏرين ۽ انهن جي سگهه جي مرڪزن جي تبديلين مطابق تبديل ٿيندي رهي آهي. انهيءَ اصول مطابق سنڌ جون سرحدون به حڪمرانن جي طاقت مطابق تبديل ٿيندڙيون رهيون آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"سنڌ ۾ سومرن جي آبادي‌ءَ جو مکيه مرڪز غالباً ڏکڻ اولهه سنڌ جي ڪچ واري ايراضي هئي. ڪچ گجرات وارين سرحدي لڙاين ايرندي ناري واري قديم ڦاٽ ۾ پاٽي‌ءَ جي

گهٽ وڌائي سبب سومرن جي حڪومت جا مرڪز پڻ متجرڻ لڳا."

تاريخي طور تي سومرن جي حڪومت ۾ ڪيڇ ڪاٺياواڙ پڻ شامل هئا. سومرن جي چوٽين حاڪم سنگهار بن دودي جي ڏينهن ۾ ڪيڇ سياسي طور سنڌ جي سرحدن اندر هو. انهيءَ سلسلي ۾ "تحفة الڪرام" جو فاضل مصنف ميرعلي شير قانع لکي ٿو:

"سنگهار بالغ ٿيڻ تي حڪومت جو وارث ٿيو هن ڪيڇ جي پاسي ڪاهه ڪئي ۽ نانڪي تائين ملڪي قبضي ۾ آندو."

ساڳي روايت جي تائيد ڪندي سنڌ جو مشهور تاريخدان محترم مولائي شيدائي جنت السنڌ ۾ لکي ٿو:

"مسٽر جي- ايليٽ پنهنجي ڪتاب مغليين جي آڪاٽي ۽ پيم الله لوڪ جي شهادت جي قصي مان ظاهر ڪري ٿو ته ان وقت ڪيڇ، گجرات ۽ سورت تي اهڙو سومرو حاڪم حڪومت ڪندو هو جنهن جي حڪومت ڪيڇ، مڪران، ملتان ۽ بکر تائين هوندي هئي."

تاريخي طور تي گجرات ۽ سنڌ جا هڪ ٻئي سان تاريخي، ثقافتي، نسلي ۽ تهذيبي رشتا ٻڌي رهيا آهن. ان متعلق محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو:

"جنهن زماني ۾ دهلي تي غلام گهراڻي جو راج هو ۽ سلطان ناصرالدين محمود بن التمش دهلي جو حڪمران هو انهيءَ زماني ۾ ڪيڇ (هي علائقو هن وقت پارت ۾ آهي) ڪان وٽي هالا ڪنڊي تائين سڄي علائقي تي سومرن جو قبضو هو.

گجرات تاريخ جي هر دور ۾ سنڌ جي ساٿاري ۽ لاڳاپيل رياست ٻڌي رهي آهي. سنڌ ۾ ايندڙ هر تبديليءَ جو اثر گجرات تي ٻڌي رهيو آهي. ساڳيءَ طرح گجرات ۾ ايندڙ هر طوفان کي اهل سنڌ وارن ٻڌي محسوس ڪيو. جاگرافيائي ويجهڙائي، تاريخي ڏهائڙ، مادي ۽ ثقافتي

لاڳاپن ۾نهي معاشرن کي متاثر پئي ڪيو آهي، پر ڪن روايتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪجھ وقت گجرات ۾ سنڌ جي ماتحت رياست هئي. انهيءَ اتحاد جوذڪر ڪندي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکي ٿو:

"همير سومري جي دور ۾ هڪ مقامي سردار جام پونئري جو گجرات جي گجرن سان جهيڙو ٿي پيو انهيءَ معرڪي ۾ گجرن جي سرسي ٿي، جنهن جي ڪري همير پنهنجي سردار جي مدد لاءِ گجرن تي چڙهائي ڪئي ۽ حملو ڪيو جنهن تي سندس شاعر هي بيت چيو:

جين ڏونگر ٽين ماٽيا، جين کيرون ٿي ڇٽ
همير اٽي فوج ڪر آڳيا اڀ نڪٽ

سومرا دور جي اهڙن معرڪن کي جنگ نٿو چئي سگهجي، ڇاڪاڻ ته اهي جهڙپون يا لڙايون وقتي معرڪا هئا، جن جو معاشري تي ڪوبه اثر نه پئي پيو.

قديم سماجن ۾ سياسي اتحاد ۽ دوستيءَ سماجي لڳ لاڳاپن، متي ماٽين ۽ باهمي شادين اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. گجرات ۽ سنڌ جي رياستن جي پاڻ ۾ اتحاد لاءِ اهڙين شادين ۽ سڳابندين بنياد فراهم پئي ڪيا. انهيءَ سڳابنديءَ ۽ سياسي و سماجي اتحاد ڏانهن اشارو ڪندي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکي ٿو:

"گجرن سردارن ۽ حڪمران سومرن جي اوائلي دور ۾ ساڻن سڳٽا ٽيا ۽ سومرن حاڪمن کي سنگ ڏنائون. سومرن جي اثر هيٺ ڪافي گجر سردار ۽ حڪمران اسلام قبول ڪري چڪا هئا. سندن ڪيترائي قبيلا سنڌ ۾ آباد هئا ۽ اهي سنڌ ۾ وسندڙ ڪن ٻين قبيلن وانگر سومرن حڪمرانن جا مڪ صلاحڪار ۽ مددگار هئا."

صدين کان وٺي گجرات، ڪچ ڪاٺياواڙ سان هتان جي عوام جو اتحاد جاگرافيائي ڳانڍاپو، لساني ۽ ثقافتي رشتن جي بنياد تي قائم پئي رهيو آهي. سومرن جي دور ۾ سندن سياسي سرحدن ۾ سبي ۽ گنجابه وارو علائقو پڻ شامل هو. هي علائقو جنگي خواهه تجارتي لحاظ

کان اهم هو. چاکاڻ ته اتان ئي بولان ۾ گوملَ لڪن کان تجارتي قافلا گذري سنڌ ۾ داخل ٿيندا هئا. ان ڪري سومرن حاڪمن هن علاقي جي سياسي، تجارتي ۽ جنگي اهميت کي محسوس ڪندي، ان کي هميشہ پنهنجي ماتحت پئي رکيو. ان ڳالهہ جي وضاحت ڪندي محترم مولائي شيدائي لکي ٿو:

"سومرن جي رڳو سنڌ ۾ حڪومت ڪانہ هئي، پر جهالاوان ۽ ڪچي بہ سندن ماتحت هئا."

سومرن جي دؤر جي انهيءَ سياسي جاگرافيائي وحدت جي پس منظر ۾ ملڪي انتظام کي مختلف پرڳڻن ۾ حصن ۾ ورهايو ويو. هر پرڳڻي متان مختلف سردارن (گورنرن) وسيلي حڪومت هلائي ويندي هئي. انهيءَ سلسلي ۾ جناب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب لکي ٿو:

"سڄو ملڪ انتظامي لحاظ کان صوبن، يعني انتظامي پرڳڻن ۾ ورهايل هو هر صوبو شهرن ۾ ورهايل هو. گاديءَ جي مرڪزي شهر يا سڄي ملڪ ۾ حڪومت کي اصطلاحاً سڏيو ويندو هو."

سومرن جي حڪومت جو سياسي نظام قبائلي عصبيت تي ٻڌل هو. جنهن مطابق قبيلائي روايتن ۾ نسلي برتريءَ کي خاص اهميت حاصل هئي. رياست جو سربراهہ ۽ موروثي بنيادن تي چونڊيو ويندو هو. پيءُ جي مرڻ کان پوءِ ان جو اهڙو اولاد، جيڪو ساڻي نسل جي ماءُ پيءُ مان هجي، تنهن کي پڳ ٻڌائي ويندي هئي، يعني ملڪ جو سربراهہ تسليم ڪيو ويندو هو. مختلف راڄن جا سردار ۽ چڱا مڙس سندس حاڪميت کي تسليم ڪندا هئا. جنهن کان پوءِ راڄ (عوام) سندن اطاعت ڪندو هو. حاڪمن جي چونڊ وقت جنسي امتياز نہ ڪيو ويندو هو. ان ڪري همو ٻائي، تارا ٻائي ۽ ٻيون عورتون اقتدار حاصل ڪري وڏي شان ۽ شوڪت سان حڪومت ڪنديون رهيون، ۽ اها ڳالهہ ان وقت جي معاشري ۾ جديد ترقي پسند رجحانن جي علامت آهي.

قديم دور کان وٺي ملڪي جهنڊو رياستي اعليٰ اقتدار جي علامت (Symbol) سمجهيو ويندو هو جيڪو ٻين قومن ۽ رياستن وٽ پنهنجي

عوام ۾ رياستي سگهه، قومي اتحاد، مان ۾ مرتبي، شان ۾ شوڪت ۾ پوري معاشري طرفان حاڪم اعليٰ جي اطاعت جي نمانندگي (Representation) ڪندو آهي. سومرن جي دور ۾ سنڌ جي رياست کي پنهنجو هڪ مخصوص جهنڊو هوندو هو جنهن جو رنگ اڇو هو اهو بادشاهه جي محل مٿان چاڙهيو ويندو هو. جهنڊي جو اڇو رنگ نه فقط حاڪم طبقي جي امن پسنديءَ ۾ قومي سگهه جي علامت هو پر قومي شعور جي نمائندگي پڻ ڪري پيو ته سنڌي قوم امن پسند آهي، جنهن هميشه اڳرائي ۾ تشدد کان نفرت پئي ڪئي آهي، جيڪا صدين کان وٺي پنهنجي وجود جي بقا واري جنگ وڙيءَ بهادريءَ سان لڙندي آئي آهي، مگر هن ڪڏهن به جارحيت ۾ اڳرائي کان ڪم نه ورتو آهي.

سياسي عمل ۾ وقت جون مختلف تحريڪون ۽ سياسي جماعتون مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ ته عام راءِ کي منظم ڪرڻ، مختلف سرگرمين ذريعي عوام ۾ رياست جي وچ ۾ لاڳاپا قائم ڪرڻ، ان سان گڏ رياستي ۾ حڪومتي ادارن ۽ نظامن لاءِ اهي بنياد فراهم ڪن ٿيون. قديم سماجن ۾ مذهب ۽ سياست هميشه هڪ ٻئي سان گڏ پئي رهيا آهن، انهيءَ لحاظ کان چئي سگهجي ٿو ته سومرا دور جون جيڪي به مذهبي تحريڪون هيون، سي درحقيقت سياسي جماعتون هيون، جيڪي تنظيمي اصولن تي قائم هيون. هر هڪ کي الڳ الڳ پنهنجو نظريو ۽ مقصد هو. مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سندن ڪارڪنن قيادت ۽ مرڪزي تنظيم جي رهنمائي ۾ جدوجهد پئي ڪئي آهي. سومرا دور جون جيڪي به سياسي ۽ مذهبي جماعتون موجود هيون، تن سيني ۾ قرامطي (اسماعيلي) ۽ سهروردي جماعتون پيش پيش هيون. ٻنهي جماعتن جا جدا جدا فڪري لاڙا ۽ محرڪ هئا، ٻنهي جماعتن مختلف طريقن سان عوام ۾ روحاني ۽ مادي بنيادن تي مقبوليت حاصل پئي ڪئي. ڪڏهن هڪ ڌر اقتدار ۾ رهي ته ڪڏهن ٻي جماعت اقتدار ۾ قبضو پئي ڪيو ان ڪري هتي سومرا دور جي سياسي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ انهن ٻنهي جماعتن جو جائزو به وٺڻ ضروري آهي.

(ڪتاب "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" تان ورتل)

پروفيسر محرم خان

سومرن جي حڪمراني ۽ دودي جو داستان

دودي چنيسر جو داستان، سنڌ جو هڪ عظيم ۽ مقبول عام جنگي داستان آهي، جيڪو اسان جي عوامي ۽ قديم شعر گوئي جو ڪهنو يادگار ۽ سنڌ جي رزميه شاعريءَ جو هڪڙو منفرد مثال آهي. سنڌ جو هيءُ عظيم جنگ نامون، گذريل پنجن ستن صدين کان وٺي، سنڌ جا سڄاڻ راوي پنهنجي سيني ۾ سانڍيندا پئي آيا آهن. پر علمي دنيا ۾ ته اڄ تائين به هن جي ڪا اپتار نه ٿي آهي ۽ نه ئي وري ڪا هن جي ادبي چنڊچاڻ به ٿي آهي. سنڌ جو هيءُ مشهور واقعو تاريخ جي هڪ عظيم حادثي جو يادگار آهي. اهو المناڪ واقعو جيئن ته سومرن جي ئي راج ۾ رونما ٿيو هو تنهن ڪري قصي جي تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ اول ته سومرن جي سياسي تاريخ جو پس منظر ڏسڻ ضروري آهي.

سومرا قوم جو اوائلي احوال

ٽانيسر جي راجا هورش (647) کانپوءِ، ريگستان ۾ هڪڙي نئين قوم وجود ۾ آئي، جنهن کي راجپوت چئجي ٿو. سومرا به اصل ۾ راجستان جا رهاڪو هندو راجپوت آهن، جيڪي پرمار قوم جو هڪڙو مک پاڙو ميڙيا ويا آهن. سندن اوائلي راج: مالوا، گجرات، بيڪانير، آبو لداٽي ۽ ڊيٽ ۾ هئا. سر هينري ايلئٽ ته پنهنجي تحقيقي تاريخ (History of India, Vol. I) ۾ تاريخ طاهريءَ جي تاعيد سان، الور (اروڙ) جي شاهي خاندان کي به سومرا ثابت ڪيو آهي. عربي دور خلافت ۾ سنڌ اندر به سومرن جي اسرڻ لاءِ ڪي سياسي سبب پيدا ٿيا. دمشق ۽ بغداد جي مرڪزي خلافتن کان ڌاهڙ لاءِ جيڪي خفيه منصوبا سٽجڻ لڳا، انهن

جو اثر سنڌ ۾ به ظاهر ٿيو. هتي جا اسماعيلي ۽ قرمطي اهڙن سازشن سٽ ۾ سدائين رڌل رهندا هئا. هنن هتي جي هندو سومرن سان ساز باز ڪندي سنڌ ۾ به هڪڙا هنگامي ماحول پيدا ڪري وڌو. چنانچه خليفي هشام جي زماني ۾، جڏهن تميم بن زيد عتبي سنڌ جو ناظم اعليٰ هو تہ اروڙ (الور) ۾ نزارين بغاوت کڙي ڪئي. انهيءَ افراتفري ۽ بدنظميءَ جي ماحول کان، تميم عتبي شهر خالي ڪري ٻاهر نڪري ويو. هن خالي ٿيل شهر ۾ سومرن جو مکي دلوراءِ پهريون مکي مقرر ڪيو ويو. هيءُ واقعو اندازاً 733ع جو آهي. انهيءَ وقت سنڌ ۾ عربي حڪومت جا ٻہ علحده مرڪز ملتان ۽ منصوره ۾ قائم ٿيا. هنن ٻنهين رياستن جي دنگ تي الور جو شهر وري نيم آزاد حيثيت ۾ رهيو.

سلطان محمود غزنويءَ جي زماني (997-1030ع) ۾ ملتان جو آخرين والي (دائود بن نصير بن حميد شيخ) تہ اسماعيلي قرمطين مان هو ۽ منصوره ۾ وري عمر بن عبدالعزيز هباريءَ جي خاندان مان، شايد ڪو آخري عرب امير ايجا تائين بہ تڳي رهيو هو. ملتان جي واليءَ کي تہ ملحد جاٽي، محمود مارائي ڇڏيو. مگر سنڌ ۾ جڏهن سومناٿ کان موٽندي هو منصوره ۾ پهتو تڏهن (1025ع) اتي جو حاڪم هن کان پاڻ بچائي ڪنهن پاسي تري ويو.

سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت

سومرن جي سنڌ تي حڪومت، حقيقي معنيٰ ۾ تہ محمود غزنويءَ کان بہ گهڻو پوءِ شروع ٿي آهي. جڏهن غزنوي سلطنت جو نائون نمبر شهنشاهہ سلطان عبدالرشيد (1051_1053ع) سنڌ جي انتظام کان لاپرواهہ ٿي ويو تڏهن دلوراءِ ٻئي جو پٽ همبر (متوفي 1055ع)، پاڻ کي سنڌ جو خودمختيار حاڪم سڏائڻ لڳو. انهيءَ زماني تائين بہ سومرن پنهنجي سياسي حڪمت عمليءَ سبب ۽ وقت جي مصلحت خاطر، ايجا فقط اسماعيلي متي جا ڪي اصول ئي پنهنجي سياسي مذهب جي طور تي اختيار ڪيا هئا. مگر بعد ۾ ملتان واري غوث بهاوالدين ذڪريا (1170_1267ع) جي فيض برڪت سان، هنن شرع اسلاميءَ جو مرڪزي عقيدو قبول ڪيو ۽ حڪمران قوم جي ڪيترن ئي قبيلن

جي دل تي اسلام جي حقيقت ۽ سچائي جو پختو يقين ويهي ويو. انهيءَ سلسلي ۾ سومرن جي پٽڪيل قافلي (جج) کي "رڻ پٽ ۾ پاٽي پيارڻ" واري غوث پاڪ جي ڪرامت پڻ مشهور آهي. تنهن ڪري هاڻي هر مشڪل مرحلي تي ۽ بقول پاڳو پان جي تہ هر مشڪل محاذ تي هو بار بار:

غوث بهاوالحق جو ٿا نر هڻن نعرو
رات وهامي ڏينهن ٿيو ۽ اپريو تارو.

(هيءَ بيت چپيل ڪتاب جي ڪهڙن صفحن تي ايندا، سا خبر نہ آهي. هي مقدمو ڪتاب تيار ٿيڻ کان اڳ ۾ لکيو ويو آهي.)

سنڌ ۾ سومرن جا تخت گاهہ

سومرن جا ڪي اوائلي ماڳ مڪان تہ اڳيئي مٿي بيان ٿي چڪا آهن. سندن پوري تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ سنڌ ۾ به هنن جا تخت گاهہ هميشہ ڦرندا گهرندا ئي رهيا آهن. انهن جو ڪوبہ هڪڙو ۽ مستقل تخت گاهہ ڪڏهن بہ قائم نہ رهيو آهي. الور ۽ ان بعد برهمڻ آباد ڇڏڻ کان پوءِ ٺريءَ ۾ اچي گڏ ٿيا. محمد سومري (1251ـ1256ع) پنهنجو تخت گاهہ وري مهاتم تور (محمد طور) ۾ قائم ڪيو. تيرهين صديءَ ۾ وري سومرن جي طاقت جو خاص مرڪز ڪچ ۽ سنڌ جي سرحدن تي "وڳهہ ڪوٽ" واري مشهور قلعي ۾ قائم ٿيو. انهيءَ جي قريب ئي "ڪوٽ سر" جي قديم ڳوٺ ۾ جيڪا اڄي گجرن جي هڪ ننڍي بستي هوندي هئي، هنن اتي پنهنجا محل ماڙيون تعمير ڪرايا ۽ اها "روپهہ ماڙي" جي نالي سان مشهور ٿي. اتي سندن عيال رهندا هئا. هن ئي دارالحڪومت جي حفاظت ڪندي، دودو راءِ دلاور سن 1300ع (۽ ڪن جي اندازي مطابق وري 1313ع) ڏاري علاوالدين جي افغان لشڪر هٿان شهيد ٿيو.

مگر ڪو اتي ئي معاملو ختم ڪونہ ٿي ويو. هن لڙائي کان سگهو ئي پوءِ (چوڏهين صديءَ ۾) سومرن وري عمرڪوٽ کي ٻيهر آباد ڪيو. جتي عمر سومري، جنهن مارئي قيد ڪئي هئي، تنهن سن 1355ع کان

وٹي 1390ع تائين حڪومت ڪئي هئي. هن بعد پونگر "ٽيون" (1390ـ 1400ع) ۾ هميرِ. جيڪو مومل واري "مينڊري" جو پيٽويو هو تنهن 1400ع کان 1440ع تائين حڪومت ڪئي. عمرڪوٽ جو ته هيءَ آخري بادشاهه هو. پر ڊٽ جي مُرتد سومرن سان ته محمود بيگڙي جون، سن 1471ع تائين به تاريخي لڙايون ثابت آهن. اهڙيءَ طرح سندن ٻيا به ڪي خاندان ۾ انهن جا تخت گاهه تاريخن ۾ ملن ٿا. تنهن ڪري هن ساري جائزي وٺ کان پوءِ به هيءَ محسوس ٿئي ٿو ته سومرا حڪومت جو مڪمل سلسلو جوڙي بيهارڻ قدري ڏکيو ڪم آهي. انهيءَ جو غالباً هڪڙو ئي سبب هي آهي ته. هن حڪمران قوم جي متعدد خاندانن، مختلف وقتن ۾ ۽ جدا جدا جاين تي پنهنجيون پنهنجيون الڳ حڪومتون پئي قائم ڪيون ۽ بدلايون آهن. هيئن به آهي ته ساڳئي وقت ۾ ئي، هڪ کان وڌيڪ سومرا حڪمران، هڪ ٻئي جا دنگئي يا پاڙيسري حاڪم پڙ رهيا هجن!

دوداٽي خاندان

هنن مان وڏو ڪوٽ واري گهراٽي جي ڪچ ۾ ڪيئن ۽ ڪڏهن حڪومت قائم ٿي آهي، تنهن لاءِ پڙ تاريخن ۾ مختلف رايا ۽ روايتون آهن. ڪن هندو تاريخ نويسن ته لکيو آهي ته: سومرن ۾ روپو ۽ ويڳو ٻئي پائر هئا، جن روپاهه ماڙي ۽ وڏو ڪوٽ قائم ڪيا هئا، پر هيءَ ڳالهه فرضي نظر اچي ٿي. ڇو ته پونگر راوَ جي راڻيءَ جو نالو مشهور عام روايتن توڙي تاريخن ۾ "روپا" اچي ٿو جنهن لاءِ مشهور آهي ته هن جي محلات "روپا ماڙيءَ" جي ڪري ئي سڄي شهر تي به اهو نالو پئجي ويو.

هن گهراٽي کي پاڳو پان ته پنهنجي رزميه داستان ۾ بار بار دوداٽي سڏيو آهي.

والي وڏو ڪوٽ جا، دوداٽي دونڪن،
جي ڪنين ٻڌا هئا سومرا، تن ڏيل اکئين ڏسجن.

ممڪن آهي ته اها نسبت دودي "پهرئين" سان هجي، جيڪو هڪ مشهور ۽ مجيل ڏاڏو مڙس ٿي گذريو آهي. دودو "ٻيو" توڙي "ٽيون" ته يقيناً هن ئي خاندان ۾ ٽيا آهن. ائين ٿو لڳي، ته هن کان پوءِ سومرا قوم جي

ساري شجاعت ۽ دليري جڙ تہ سميٹجي اچي هن ئي گهراٹي ۾ پنهنجو واسو ڪيو هو.

عام طرح سان هن خاندان جو ذڪر پونگر راءِ سان شروع ٿئي ٿو. دودو ٻيو جيڪو عام روايتن ۾ "نهري" دودي جي لقب سان مشهور آهي. سو هن پونگر راءِ جو اڪيلو ئي پٽ هو. هن ۾ شاديون ڪيون هيون. پهرين لوهڑ ڳوٹ جي گجرن مان. جيڪي لوهارڪو ڏنڏو ڪندا هئا. انهيءَ مان اول ٻاگهي ۽ پوءِ چنيسر جائو. ٻي راڻي وري سندس ئي خاندان مان. ڏاڏي پوتي پرٹيو. انهيءَ ڏاڏي پوتيءَ کي تہ ايڏا فقط اميدواري ئي هئي. تہ نهري دودو پنهنجي پيءُ پونگر جي جيري ئي. گجر ۽ تومار (تنور) قبيلن سان وڙهندي مارجي ويو. ستت ئي ڏاڏي پوتيءَ ٻہ ٻار جڻيو. پونگر راءِ پنهنجي هن پياري پٽ (دودي) جو نالو قائم رکڻ لاءِ، پنهنجي پوٹي جو نالو پڻ دودو رکيو. جيڪو دودو "ٽيون" سڏجي ٿو ۽ هن داستان جو مرڪزي مانجهي آهي. (پيءُ جو نالو پٽ تي رکڻ جو رواج شايد انهيءَ وقت وڌن گهرن ۾ هلندڙ هو. جيئن تہ سمن جو ڏاڏو اُنڙ جام سو ٻہ انڙ جو ئي پٽ هو. انهيءَ ڪري انڙ "انڙاٹي" سڏجي ٿو). هيءَ انوکي حقيقت پاڳوپان ٻہ پنهنجي بيتن ۾ بيان ڪئي آهي:

دودو چنيسر پاڻ ۾، ٻئي پٽ دودي سڏجن.
سي پڙ پوٹا پونگتر جا، تا رونشي راند رهن.

پونگر راءِ تمام وڏي جمار ماڻي ۽ پنهنجا اهي پڙ بهادر پوٹا پالي پرٹائي، انهن جو اولاد ٻہ اکين سان ڏٹائين. مگر جيئن ئي پونگر راءِ اک پوري، تہ سندس خاندان تي ٻہ ڪو بدبختيءَ جو ستارو علاوالدين خلجيءَ جي صورت ۾ اچي نازل ٿيو.

جنگ جا اسباب

پونگر کان پوءِ، سندس تي حقي وارث هئا. سيني کان وڏي ٻاگهي ۽ ان کان پوءِ هن جو ٻاءُ چنيسر هو. دودو سيني ۾ ننڍو هو. پونگر جي وفات کي ايڏا ٻہ ٽي ڏينهن گذريا ئي هئا، تہ مردن اچي پگ تي معاملو ٻڌو. دودي راءِ، دستار بنديءَ جي رسم ادائيءَ لاءِ دعوت ناما جاري ڪيا. "خوني خلل جا، ويهي لکيا دودي راءِ." تن ۾: ٻاهڙ مير جا سومرا،

اجمير مان چوهاڻ، جيسلمير کان پٽي، ماٽيلي مان راجڙ، ڊٽ کان سوڍا، ڪڇ ۾ کان سما ۽ جاڙيجا، ۽ ڪاڇي مان چنا وغيره. سيئي هن ڪاج کي نيائڻ لاءِ اڇي ڪٽا ٿيا. اول ته سيني گڏجي، يڪراءِ ٿي ٻاگهيءَ جو حق تسليم ڪيو پر ٻاگهي وري چنيسر جي حق ۾ دستبردار ٿي ويئي. ٻاگوپان به انهيءَ فيصلي سان متفق ٿيو.

دودو ارچ مڙني ۾ ننڍو هو مگر ڏاڏي پوٽيءَ جي پيٽان هئڻ سبب، گهٽن وري سندس فائدي ۾ راءِ ڏني. فضا جو رخ ڦريل ڏسي، چنيسر شڪار جي بهاني سان، في الحال "بڪار" ڏي تري وڃڻ مناسب سمجهيو. ٻاگهيءَ جي ٻڪار تي دودو راءِ، هن کي حيدر هالاڻيءَ جي هٿان پڳ آڇي، پوئتي موٽڻ لاءِ مجبور ڪيو. چنيسر موٽيو ته سهي، پر ڪچهريءَ ۾ هن جو پوريءَ طرح سان استقبال نه ٿيو. چنيسر اتي ٻڌتر ۾ پئجي ويو ته، "جڏهن سيئي راج اتفاق راءِ نٽا رکن، ته پوءِ اڪيلو دودو ڪيئن ٿو مون کي پگ ڏيئي سگهي! هاڻي ڪنهن هڏ ڏوکيءَ کان صلاح پڇان. اها همدرد ته جيجل ماءُ آهي، جنهن ڇٽي هيءَ ڏيهه ڏيکاريو اٿم. انهيءَ کان وڌيڪ هيو حال پائي ڪير ٿي سگهي ٿو؟ چنيسر اڃا حويليءَ ڏي روانو ٿيو ئي هو جو پٽيان دودي کي منجيءَ تي ويهاري، پگ ٻڌائي ڇڏيائون. اڳيان وري امڙ جيڪو جواب ڏنس، ته

هاڻي ڏيا ڏاکر وڪڻي، وڃي ڏڻ رڍن جو ڏار
رڍون چرن ٽُنهنجيون ريڙ تي، تون گهِڏيو گهيٽا وار
ڳاڙهو لڪڻ هٿ ۾ پُٽ ڍليو ڍيري ڍار
پوءِ ماڻهين ماهياڙو ڪندي، وڃي دودي جي دربار.

"آبا! اهي خچر گهوڙا ته هاڻي خالي خرچ بينا کائيندا، تن کي ته ڪپائي ڇڏ. باقي پنهنجي پيٽ گذر لاءِ، هاڻي رڍون ڪريون ڪٽي ڏار. اهو ڏنڊو تنهنجيءَ طبيعت وٽان به آهي. دودي راءِ سان ٿيت ٻڌي ڇڏيندا سون. تنهنجي ماءُ پاڻهي ماڻيون ڪٽي محلات ۾ پڃائي ايندي ڪير ڦيڙ تي پيو گذر ٽيندو. بک ڪونه مري ويندا سون." هيءَ ته چنسر جي زخمن تي لوڻ وجهڻ جي برابر هو. هاڻي بدحواسيءَ جي عالم ۾ هو

دليءَ ڏي دانهين ٻڌجي نڪتو. اهو ته سڀ ڪجهه وڃهه ڪوٽ ۾ ئي وهيو واپريو تنهن ڪري هن حد تائين ته حقيقتون بلڪل برابر آيل آهن.

ليڪن هن جي دهليءَ رواني ٽيڙ ڪان وٺي وري واپس اچڻ تائين، سندس پرپٽ وارا واقعات ڪجهه قياسي آهن. مثلاً: دهليءَ جي رستي ۾ آدم خور ڪي پاڪر ۾ چيپاٽي مارڻ، ابڙي جام جي ملڪ ۾ شينهن جو ميڙالو مُڪ سان پيڄڻ، واٽ تي مست اُٺ ڪي هڪڙيئي لڪڻ سان ۽ اڏ ڪري وجهڻ" دهليءَ ۾ ساڳئي لڪڻ سان مست هاٿيءَ کي ۽ اڏ ڪري ڇڏڻ، شاهي باغ مان شينهن جي جوڙي کي مُڪن سان ماري مات ڪرڻ، ۽ دهليءَ تي حملو ڪندڙ ديو راکاس کي خالي هٿين ماري ختم ڪرڻ وغيره. اهي اهڙيون ته افسانوي قسم جون ڳالهيون آهن، جيڪي هن تاريخي واقعي کي به هڪڙي نيم تاريخي ڪهاڻي بنايو ڇڏين. (ممڪن آهي ته اهڙا ڇٽ گل پوءِ جي پيشه ور ڳائڻن ڳنديا هجن!) قصو ڪوتاهه. نيٺ نامدار نذر بيگ ۽ مانڊڻ راءِ وزير جي سفارش سان، هن لاءِ فوجي امداد منظور ٿئي ٿي ۽ سلطان علاوالدين جو لشڪر اچي ويرا واهه تي خيمه زن ٿئي ٿو.

علاوالدين جون فوجي سرگرميون

سلطان علاوالدين خلجي، پنهنجي حڪومت جو ستو ئي عرصو (1297_1316ع)، مختلف محاذن تي جنگين ۾ رڌل رهيو. ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي لڙاين، ۾ سندس هٿي وڌا سپهه سالار الغ خان ۽ نصرت ملڪ موجود هئا. تنهن کان سواءِ تمر بيگ، نذر بيگ نامدار ظفر خان، محمد خان پٺاڻ ۽ ماڻڪ راءِ به هن محاذ تي مشغول هئا. ڪاٺياواڙ جي سومناٿ مندر ۾ محمود غزنويءَ کان پوءِ وري الغ خان "بت شڪن" بنيو. سندس هٿي مشهور جنرل، ملڪ نصرت خان وري گجرات فتح ڪيو. ماڻڪ راءِ (ماڙو راءِ)، جيڪو اصل ۾ ڪرن واگهيلي جو وڏو وزير هو تنهن (سنڌ جي جام جوٽي) وانگر غداري ڪري، وڃي پناڻن جو پاسو ڪنيو ۽ سلطان علاوالدين جو فوجي مشير مقرر ٿيو. هنن جنگين ۾ ڪماري ڪنولا ديوي قيد ٿي خلجي ڇانوٽيءَ ۾ پهتي، جتي علاوالدين سان سندس نڪاح ٿيو.

هنديءَ ۾ جيئن تہ "ڪنول" کي پدماوت چئبو آهي، تنهن ڪري ملڪ محمد جائسي نالي هندستان جي هڪڙي عظيم شاعر، هن ئي ساگر ديپ جي سُندريءَ کي پوءِ (1540ع) ۾ "پدمٽي" جو لقب ڏيئي. "پدماوت" نالي سان پنهنجو مشهور منظر افسانو اسرايو. تنهن ۾ تاريخي اسباب کان قطع نظر ۽ افساني جي تقاضائن جي مدنظر، جڏ تہ سلطان جي هن سڃيءَ مهم جو مقصد ئي محض پدمٽيءَ کي حاصل ڪرڻ جو هو.

سومرن سان لڙائي ڪٽي لڳي

هي تاريخي حقيتون هن لاءِ پيش ڪيون ويون وڃن تہ جيئن اندازو ٿي سگهي تہ وڳهہ ڪوٽ واري واقعي وقت علاالدين جو لشڪر ڪهڙي پيٽيءَ تي موجود هو. ڇو تہ عام طرح سان ائين سمجهيو ويندو آهي تہ علاالدين دهليءَ کان لاهور واري واٽ وٺي. ملتان وٽان اچي سنڌ ۾ وارد ٿيو ۽ هيءَ جنگ ماٽيلي ۾ لڳي هئي.

مٿي اشارو ڪيو ويو آهي تہ هي لشڪر ماڌو راءِ (مانڌن وزير) جي سونهپ سان سنڌ ۾ پهتو. واضح هجي تہ ماڌوراءِ هتي جو مقامي باشندو ۽ گجرات جي راجا ڪرن واگهيلي جو وڏو وزير هو. تنهن کان سواءِ چنيسر ناراض ٿي نڪرڻ وقت بہ پهريائين شڪار جي بهاني سان "بکار" جي ٻيلي ڏانهن وڃڻ جو خيال ظاهر ڪيو هو. اهو بکار وارو شڪار گاهہ بہ موجوده ننگرپارڪر تعلقي ۾ ماروئيءَ جي ملير وارو ئي چراگاهہ سمجهڻ کپي. خود پاڳو پان جي بيان مطابق بہ اول "ويرا واهہ" وٽ ئي جنگ چالو ٿي آهي. جغرافيائي اعتبار کان، ويرا واهہ جو محل وقوع پڙ ڪچ، گجرات جي سرحد لڳہ ننگرپارڪر تعلقي (ضلعي ٿرپارڪر) ۾ آهي.

ممڪن آهي تہ چنيسر جي دل ۾ فوراً فوجي امداد وڻڻ وارو خيال پڙ. سرحد جي لڳ لشڪر جي موجودگيءَ سبب ئي پيدا ٿيو هجي ۽ دودي راءِ جو بہ هڪدم هن جي پٺيان ماڙهو موڪلي. ڪس پوئتي موٽائڻ ۾ شايد هن فوري فساد کي ئي روڪڻ جي هڪڙي ڪوشش هجي! عين ممڪن آهي تہ چنيسر پنهنجو پهريون فرياد بہ هن ئي چاوٽيءَ ۾ داخل ڪرايو هجي! جڏهن تہ ماڌوراءِ بہ هن موقعي تي چنيسر جي وڏي مدد ڪئي ۽ غنيم جي

اڳيان زوردار لفظن ۾ هن جي سفارش ڪئي هئي، پر ڪٽي فرض ڪجي. ته علاوالدين هن ڪئمپ تي موجود ڪونه هو ته به چنيسر کي ڏهليءَ ۾ فقط جنگ جي آخري منظوري ونڻ لاءِ ئي ويڙهو پيو هوندو. ظاهر آهي ته دودي ۽ چنيسر جي وچ ۾ نزاع پيدا ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي. وڳهه ڪوٽ خلجي فوجن جي نظرن ۾ هو ۽ ماڙو راءِ هنن کي اڳتي وڌڻ لاءِ آماده ڪري رهيو هو. چنيسر جي فرياد ويتر هنن جو حوصلو وڌايو.

جنگ جي صورتحال ۽ انجام

هاڻي شاهي ڪٽڪ اچي ويرا واهه وٽ ڪنا ٿيا آهن. تن ۾ تمر بيگ، ملڪ نصرت، نامدار بيگ، الغ خان، ظفر خان، محمد خان "هنبس" پٺاڻ، چنيسر ۽ مانڊن وزير وغيره، مڙيئي موجود آهن. انهن شاهي فوجن کي سامهون ٿيڻ لا. وري چنيسر جي پٽ ننگر راوَ جو نالو يڪراءِ تجويز ٿئي ٿو. تنهن سان گڏ سڃيءَ سنڌ جا بهادر بانڪا ۽ جنگي جهونجهار: محمد خان ۽ سڙ سومرو، ڇٽو جاڙيجو سوائي سميجو، ڳڻو راجڙ، هاسو سوڍو ۽ ٻيا ڪئين ڀڳڙ، پنهنجي پنهنجي راجن مان سورمن جا ستا ساڻ ڪري، اچي هن جي جهنڊي هيٺ جمع ٿين ٿا. تن سان وري پاڳو پان به فوجي مشير ۽ سياسي سفير جي حيثيت ۾ گڏ هلي ٿو.

پاڳو فقير پهريائين ته سمجهوتي جون ڪوششون ڪري ٿو ۽ نامدار بيگ جي هٿان جڙ ته صلح ٿيڻ وارو ئي هو ته:

"ويهي وچ ڪچهريءَ ۾ ماڻن ڪيو ڳالهاءِ."

ماڙو راءِ ٻاگهيءَ جي ٻانهن گهري چي:

آءٌ ته علاوالدين جو ڪڏهن انهنير ٿي ايندوس،
سوا لک مان سومري، آءٌ نڪيڙي نيندوس،

اگرچ ٻاگهي ته اڳ ۾ ئي اهڙي رضامندي ڏيئي ٻه چڪي هئي ته:

پائتيا تون ٻاگهيءَ جا، ڪا ڪهل مَ ڪرهيج،
جا ڏُر ٻانئين ڏکڙي، تنهن ڏي مون کي ڏيج،
مون ڏني جَڳ ڇُٽي، ته مڙس نه مارائيج.

ليڪن اهڙو شرط ننگر ڪٽي تو سهي سگهي!
"ڏيان نہ واهياٽي وڃھ جي، ڪٽي ڏيھ ڏئي بخشاءِ".

سو علاوالدين جي آڏو:

ويهي وچ ڪچهريءَ ۾ ننگر نر ڳالهاءِ،
تہ پاٽيجي هجئي پائٽي، منهنجي منگر کي پرٽاءِ،
جيڪا دليءَ ۾ اٽئي دادلي، مون کي مرکي موڙ ٻڌاءِ،
تون سالو دودو پيٽويو اهڙو جوڙ جڳاءِ.

هاٽي تہ جنگ ناگريز هئي، پير تي ڏونڪ لڳي ويو ۽ جنگ جا خوني طبل وڄڻ لڳا. ننگر راؤ جي مقابلي تي علاوالدين هر ڏينهن روز پنهنجا نوان ڪمانڊر آزمائيندو رهيو. پهرئين ڏينهن تہ چوٽ ۾ ڪٽي پنهنجي شڪارين کي بچ ڪيائين. پوءِ وري بانڪو برخوردار پنهنجا حبشي دستا وٺي ميدان ۾ لٿو. آخر هنبس پناڻ سان مقابلي تي آيو. ٻئي جڏهن اهو ٻه مارجي ويو تہ آخرڪار نامدار بيگ سڃو ئي سپاهہ ميڙي ڪٽي ميدان تي آندو. پندرهن ڏينهن جي هن خونخوار جنگ ۾ جوٽون ڏيندي ٻئي ننگر گهوٽ پنهنجي للهنگ رفيقن سميت شهيد ٿي ويو.

افغان هاٽي وڃھ ڪوٽ ڏي وڌيا. هتي وڃھ جي ويڑ وريام، دودي راءِ دلير پنهنجي دارالحڪومت جو دفاع بيحد بهادريءَ سان ڪيو. ٻنهين هٿن ۾ ٻہ تلوارون ڪٽي دشمن جي ڪٽڪ اندر ڪاهي پيو ۽ ٻنهين ٻانهن سان وڙهندو ئي رهيو. آخرڪار پناڻن جي نرغي ۾ اچي، هو ٻہ حويليءَ جي دهليز اڳيان ئي امر ٻڌيو. انهيءَ وچ ۾ پاڳو پان، حرمسراءِ جون بيگمون ساڻ ڪري وڃي ابڙ ڄام جي سام وڌيون. پناڻ حرمسراءِ کي سجو ڏسي، ابل ڄام ابڙي ڏي روانا ٿيا.

ابڙي ڄام "لج پال" پنهنجيءَ پناهہ هيٺ آيل سامون سپرد ڪرڻ جي بجاءِ، مرکي مقابلو منظور ڪيو. ساهل سومرو (سائل سومرو) ابڙي کان اڳي ئي مقابلي تي آيو ۽ ننگ جو نڏرانو ٻڌجي ويو. سمن مان اول ڄام راهو ۽ پوءِ ممت ڄام (سمٽ سمون) سامهون ٿيا ۽ هئي ميدان ملهائي موچارا ٿي ويا. پناڻن مان سالار خان ۽ سمن مان سڙ ڄام ٻنهين گڏجي، هڪ ئي وقت، هڪٻئي تي وار ڪيو ۽ گڏوگڏ، هڪٻئي

تي ڪري قربان ٿيا (پورٽ ڪيائون پاڻ ۾). آخرڪار ابڙو اڻپنگ پنهنجي سر ميدان ۾ ڪڏي پيو ۽ هو پڻ ڪنڌ ڪپائي ننگ پال بڻيو. انهيءَ وچ ۾ ابڙي جي آخري پٽ ڏونگر جام سامون ڪڍي وڃي رڻ پٽ ۾ رسايون. اتي ڪنهن اوڙاهه ۾ سمائجي هو غرق ٿي ويئون. آخر ۾ علاوالدين جا باقي بچيل پٽاڻ، پوءِ ناڪامي ۽ نامرادي جي حالت ۾ هٿ مهٽيندا هليا ويا. اهو ته تاريخي واقعات جو ٻاهريون خاڪو آهي.

باقي رهيو سوال، ته رزم نامي جي راويءَ، پنهنجي شعر ۾ ڪيتري قدر حقيقت پسنديءَ جو مظاهرو ڪيو آهي ۽ سندس بيان تاريخي حقيتن سان ڪيتري قدر مواقفت رکي ٿو. اول ته هتي اهو سوال ڪوبه سمجهدار ماڻهو ڪونه کڻندو. ڇو ته انهيءَ معيار تي ته خود فردوسيءَ جهڙو عالم پڻ پورو ٻيهي نه سگهندو. اگرچ مٿي ڄاڻايل حقيقتون ته جنگ نامي جي موافقت سان ئي لکيون ويون آهن، تاهم تاريخدان ۽ رجز گو ٻه علحده شخصيتون شمار ڪرڻ گهرجن. رزم نامي کي پنهنجيءَ جاءِ تي پنهنجي الڳ حيثيت ۽ پنهنجو خاص مقام حاصل آهي. جنهن کي انهيءَ حيثيت سان ئي ڏسڻ جڳائي.

(ڪتاب دودو چنيسر تان)

ڈاڪٽر نبي بخش بلوچ

دودو سومرو: شخصيت ۽ حڪومت

پونگر راءِ جي فوت ٿيڻ تي سوال اُٽيو تہ پيڑهيءَ جي پڳ ڪير ٻڌي ۽ حڪومت جي گادي تي ڪير ويهي۔ دودو يا چنيسر انهيءَ سوال تان معاملو متو:

ستي پونگر راوَ کي، ٻاٽي ڏينهن لنگهيا
سما گڏ ٿيا سومرا، سوڙها ٿيا آمراء
مرند ٻڌو معاملو پيڑهيءَ پڳ مٿا۔[1]

منڌ ۾ هي معاملو دودي ۽ چنيسر جي وچ ۾ ڪونہ هو مگر راڄن جي وچ ۾ هو. خفيف، هُوليائي سومرا ۽ ٻيا راڄ اچي گڏ ٿيا هٿا، پر چنيسر ٻہ ڪونہ هو تہ دودو ٻہ ڪونہ هو:

"سورهن پٽر سومرا، اچي مڙي گڏ ٿيا."

سومرن کان سوءِ سما، جاڙيجا، سوڍا، پٽي، گجر، نا، راجڙ، ۽ ٻيا راڄ اچي گڏ ٿيا۔[2] پهريائين هنن پاڻ ۾ ويهي متفق ٿي راءِ ڏني تہ دودو پڳ ٻڌي ۽ گاديءَ تي ويهي، ڇو جو دودو ڏاڏي۔ پوٽيءَ مان آهي ۽ چنيسر ڏاريءَ مان آهي، ٻيو تہ دودو وڏو داناءَ آهي:

"دودو سڄو سون جو، جنهن کي ريهہ رُبي جو ناهہ
هُن ۾ لڇ لوهارِيءَ جي، آهي سيڪنهن کي ٻہ سماء
پڳ ٻڌون دودل داناءَ کي، جنهن سر جوڙ جڳاءِ[3]

---

1 مشهور ڳاهہ جيڪا ٺوري ڪيرار سان ڪتاب دودو چنيسر جي مختلف روايتن ۾ آيل آهي، ص 639، 692، 705، 792، 905.

2 دودو چنيسر، ص 492، 693، 860، 864، 955

3 ساڳيو: ص 792، 883، 905

گھٹا تہ چنيسر جي بالڪل برخلاف ٿي بيٺا:

چون پڳ دودي داناء جي، ويو چنيسر جو چاڻ؟[1]

پوءِ يڪراءِ فيصلو ڪري سيني گڏجي، يا منجھائڻن ستر چوندِ چگڻ هلي، اچي دودي کي چيو تہ، تون پڳ ٻڌ. پر دودو داناءُ ھو تنھن انھن چگڻ جي ست ۾ ويھي چيو تہ، پڳ چنيسر ٻڌي، جو چنيسر وڏو پاءُ آھي:

"پڳ چنيسر مير جي، ٻڌندو منھنجو پاءُ
پڳ ٻڌندس ڪينڪي، مون کي ڪَمندو ڪين خدا.[2]

جڏھن راڄن پتارن گھٹو زور رکيو تڏھن ڄيائين تہ پلا ترسو تڪڙ نہ ڪريو جيستائين چنيسر اچي. چنيسر (بڪار يا ٻنگار جي) ٻيلي ۾ شڪار تي ويل ھو سو دودي پنھنجو خاص ماڻھو موڪلي، ڪيس سڏايو.[3] چنيسر جيئن ئي ٻاھران آيو تہ دودي ڪيس پڳ ٻڌڻ لاءِ چيو ۽ سيني راڄن کي ٻہ سمجھايائين، جن ٻہ سندس چوڻ کي ڪونہ موتايو. چنيسر اچي ويٺو ۽ ڪيس ڦريون ور پڳ جو دودي ڏنو. تڏھن چنيسر چيو تہ، مون ڳالھہ مڃي، پر ترسو جو ھيڪر ماءُ وڏي آھي، تنھن کي ٻہ ٻڌائي اچان.[4]

"ست نہ ويٺو سومرو ھليو ماڳ پڇڻ مائي."

ھين بيانن موجب جڏھن چنيسر کي پڳ ٻڌڻ لاءِ چيائون تہ (پڳ جي ور ڏيڻ کان اڳ) چنيسر چيو تہ: اوھين سنيرو سميو ڪريو تہ آءُ ماءُ کان پڇي اچان:

آھين سميو ڪريو سپاھہ جو تہ گھمي اچان گھراءِ
وڏي جا ورھين کي، رڄ پڇي اچان ماءِ.[5]

جڏھن چنيسر پٺي ڏني تہ راڄ بگڙي پيا. تڏھن ٻہ دودي کين سمجھايو تہ:

---

1 دودو چنيسر، ص 440
2 ساڳيو: ص 792
3 ساڳيو: ص 76، 692، 883
4 ساڳيو: ص 883
5 ساڳيو: ص 14

پڳ ٻڌو چنيسر کي، نہ تہ ٿيندا ويرِ وڏاءِ.[1]

جڏهن راج بالڪل ڦري ٻيٺا،[2] تڏهن هڪڙن بيانن موجب راڄن جو رخ ڏسي دودي پڳ ٻڌڻ قبول ڪئي، پر چيائين تہ: "جي پاڳ منهنجي، تہ واڳ چنيسر جي"، يعني حڪمران آءٌ هوندس تہ بہ حڪومت چنيسر هلائيندو.[3] ٻين بيانن موجب باوجود راڄن جي رخ جي، دودي پڳ ٻڌڻ کان صاف نابري واري، تڏهن صلاح ٻيهاريائون تہ دودي کي نشو ڏيئي، حالي کيس پڳ متي تي ڏجي، پوءِ ٻڌل پڳ ڪونہ لاهيندو. هڪ بيان موجب راڄڙ، چنا ءِ پهوڙ انهيءَ صلاح ۾ شامل هئا.[4] ءِ دوسو ڇنڇاٽي ءِ راڄڙ ٻنهي دودي کي نَر نشو پياريو. تنهن هوندي بہ جيستائين دودو سُرت ۾ هو تيستاين پڳ ٻڌڻ کا انڪار ڪيائين[5]، پر جڏهن نشي کيس مخمور ءِ مدهوش ڪري ڇڏيو، تڏهن دوسوءَ (جنهن کي دودي جو سالو بہ سڏيو ويو آهي) پنهنجي متي تي پڳ ٻڌي، پوءِ اها لاهي ٻاهي ڪٽي دودي جي متي تي رکي، ءِ کيس گادي تي وهاريائون.[6] ڇڇ وقت کان پوءِ جڏهن چنيسر موٽي آيو، تڏهن ڏٺائين تہ دودو پڳ ٻڌيو ويٺو آهي. ڪجهہ ويچار ٿيس، پر وڏي نظر ڪيائين ءِ چيائين:

"شڪر ڪريان الله جو آئي اسان جي گهر ڏانه"[7]

ائين چئي چنيسر موٽي ويو. جڏهن دودو ڪجهہ هوش ۾ آيو ءِ معلوم ٿيس تہ چنيسر هتان کيس ڏسي موٽي ويو آهي، تڏهن ڏاڍو ڏمريو ءِ جن اِهو ڪم ڪيو هو تن کي ننديائين.[8]

راڄر روهين رُليون، رُلنئي هار ٻچا
نالا ڪا چوري پوَئي، هنڌ نہ جهلئي جاءِ

---

1 دودو چنيسر، ص 849
2 ساڳيو: ص 40
3 ساڳيو: ص 493
4 ساڳيو: علي محمد مريءَ جي روايت، ص 885
5 ساڳيو: ص 850
6 ساڳيو: ص 643_644، 849_850، 909، 964
7 ساڳيو: 794، اصل بيان ۾ ائين تہ چنيسر آيو ڪونہ باقي اهو گفتو گهر ويلي ڪيائين.
8 ساڳيو: 644 ءِ 885، ٻاگهيءَ ۾ ڇ دوسو ڇنڇاٽيءَ ءِ ٻين کي پٽيو ءِ پاراتا ڏنا (ص 909).

پاهوڙي پرزا ٽئين، وڳه ڪوٽ وڃاءِ
اوهان هڏي تي هوءَ هٿي، منهنجو جانب ڪيو جدا!!

دودي کي ٿوري سُرت آئي، پر ايڏا مٿس نشو غالب هو سو سُتوئي رهيو.[1]

هوڏانهن چنيسر جڏهن حويلي ۾ واپس ويو تہ پهريائين ماٽس منهن پيس ۾ پوءِ جوٽس اڇي ڪنيس. طعنن جا اهي تہ تکا تير هنيائونس جو ويهڻ وهہ ٽي آيس. چنيسر پڙهيل قابل هو. عربي، سنڌي، هندي، فارسي توڙي پشتو پڙهيل هو ۽ قرآن شريف توڙي "توريت" جي علم جو ڄاڻو هو.[2] علم سان گڏ ذاتي طور ۾ هو تحمل وارو هو جو پهريائين چيائين تہ: "جي دودي کي پڳ ملي تہ بہ ڇڙ اسان جي گهر آئي"، ڇو جو ڪِن جي راءِ هئي تہ پڳ وڃان ئي ٿهيرِ کي ملي.[3] پر جڏهن چنيسر کي طعنن تائي ڪنيو تڏهن سمجهہ ۾ صبر وڃائي ويٺو ۽ پڪو پهہ ڪيائين، تہ دهلي وڃي بادشاهي لشڪر ڇاڙهي ايندو ۽ اڇي دودي جي گادي گل ڪرائيندو. چنيسر لاءِ دهلي وڃڻ ڇڙ "ٻڌڻ" ۽ وڳهہ ۾ ويهڻ ڇڙ "سڙي مرڻ" جي برابر هو. ڪيس انهيءَ جو پورو احساس هو جو چيائين تہ:

اڳي وڃان تہ ٻڌي مران، ٽي پويان ساڙي باهہ
اڳيان آهن دور درياءَ جا، ٽو پويان هري آڙاهہ
ضايع ٽيان زمين ۾، مون کي ڏرتي ڏئي جاءِ[4]

جڏهن طعنن تپائي ڪنيس،[5] تڏهن چڙهيو ۽ دودي ڏي "قابل" وزير سان چوائي موڪليائين تہ:

منهنجا دودل پاءُ ڪي، ساري سلام ڏجان
تہ طعنن ماريس سومرا، هاٽي عالادين آٽيان.[6]

طعنن جي بہ ڪا حد هئي! ماٽس مهٽا ڏيئي بس ڪري تہ وري جوٽس مريم اڇي ڪٽيس ۽ چئي تہ:

---

1 دودو چنيسر، ص 909 ۽ 964
2 ساڳيو: ص 641، 707، 907
3 ساڳيو: ص 467
4 ساڳيو: 641
5 ساڳيو: ص 813_814
6 ساڳيو: ص 495

اسين راجا هوندي رنون ٿيون. اسان جو پرور رکندو پن
پاڻ وڃائيين پيءَ ڏاڏي جي. جنهن کي پيو کونہ شرم
ڪنهن ڏينهن ماريو مريم هٿان. لڳي ڏوئيءَ ڳن.[1]

جڏهن چڙهي ٿي روانو ٿيو تہ پٽس محمد پچيس. تڏهن چيائين:

ڏاڏهينءَ جي مهٽن کان. وڏ ماريس تنهنجي ماءِ
چيم: ماٺهين جي مهٽن کان. وڃي پالين ٽنگايان پاءِ.[2]

دودو نشي ۾ گرفتار ٿي ستو هو سو ايجان ستل هو. چنيسر جي چڙهڻ جو ٻڌندي ئي ٻاگهي اچي دودي کي جاڳايو:

ٻاگهي روئندي آئي. اچي. ياکر پاتائين پاءِ
پٽراٽي پير ڪري. ستين کهڙي ساءِ
پاءِ وڃي ٿو پر منجهان. پوئي ٿو کونہ سماءِ
سنڌ سڃي ڪيو سومرو وڃي سندو راڻين راءِ.[3]

دودي تہ ڏربان ئي چنيسر کي پڳ ٻڌائڻ جو پهہ ڪيو هو پر هو پنهنجي وس کان ٻي وس ٿي چڪو هو جو ڀالهہ هر جاءِ هُلي وئي هئي تہ دودي پڳ ٻڌي هاڻي ٻيو ڪو حيلو نہ ڏسي. چنيسر کي ترسائڻ ۽ مجائڻ لاءِ وڏيون منٽون ڪيائين ۽ ميڙون مُڪائين.[4] پنهنجي گهر واري کي ميڙ ڪري موڪليائين.[5] وري چنيسر جي پٽ ننگر کي ميڙ ڪري موڪليائين ۽ چنيسر لاءِ وڏيون آڇون آڇيائين.[6] پوءِ سومرن

---

1 دودو چنيسر: ص 641

2 ساڳيو: ص 796

3 ساڳيو: ص 994

4 ساڳيو: ڪن ڀالهہ ستيندڙن سندس ڪچائي سببان اڻين ڪري جاڻايو آهي. تہ چنيسر جيستائين وڌهہ ڪوٽ پر هو تہ دودي منٽ ڪئي. پر جڏهن روانو ٿيو تہ پويان ڪا ميڙ ڪانہ موڪليائين. انهن بيانن موجب چنيسر ٿو چوي تہ:

نعڪتس شهر وڌهہ مان سڀ لاڳاپا لاهي
ترسندوي آيس واٽ تي. من ادل ميڙ منجي. (ص 814)

5 6 ساڳيو ص 469، 477 ۽ 867. چنيسر کي پنجاهن صوبن جي حڪمراني ۽ هارنهن شهر هٿگار جا ذاتي جاگير آڇيائين (ص 710 ۽ 867). دودي ننگر کي چيو تہ پٺهين کي پرچاءِ. باقي "هارنهن شهر هٿگار جا پلي خان ڪٽي کائي" (ص 867)

مان ڇگا مڙس ميڙ ڪري موڪليائين. جڏهن چنيسر ڪنهن کي به نه مڃيو تڏهن دودو پاڻ وٽس هلي آيو ۽ اچي منٿون ڪيائينس.[1] چيائينس ته: ادو ٽي، ابو ٽي، نه وڃ، تون مون سان هر حال ۾ ڳالهه ۾ ياڳي پائيوار آهين:

ادو ٽي، ابو ٽي، تنهنجي مريم پانيان ماڻ
ڏونئري ڏُڻُ پُسيءَ ۾، توکي ياڳي پانيان پاڻ.[2]

دودي وڏا وس ڪيا، پر چنيسر چيو ته: چڙهيو آهيان سو مڙندس ڪين، ۽ آوس عالادين آٽيندس. تڏهن دودي چيس ته: پائر ۽ راج پيڙا ڪري انهن کي مجاءِ ته ڀڳ پيڙهي هينئر به تنهنجي حوالي آهي. پر چنيسر نه مڃيو ۽ روانو ٿي ويو ته به دودو پويان سومرن جي پاڙن مان سردارن ۽ پائرن جون ميڙون موڪلينڊو رهيو.[3] آخري ميڙ "اُڇ" جي شهر پهتي، پر چنيسر اڳ اتان نڪري چڪو هو. پوءِ اها ميڙ اڳتي وڃي ڪنهن منزل تي ڪيس پهتي، پر موٽائي ڇڏيائين.[4] چنيسر ڏهليءَ وڃي پهتو ته به دودو پويان قاصد موڪلينڊو رهيو[5] پر چنيسر جو ويو سو وري نه وريو.

چنيسر ڪهڙي وات سان ڏهليءَ ويو

ڳالهه جي مختلف روايتن ۾ چنيسر بابت گهڻو بيان انهن ڪرشمن جو آهي، جيڪي هن ڏهليءَ ڏانهن ويندي يا ڏهليءَ ۾ ڪيا، جهڙوڪ: شينهن، آدمخور مست اُٺ، راکاس ۽ مست هاٿي ماريائين. هن کان اڳ اسان وضاحت ڪري آيا آهيون ته اهڙا ڪرشماتي وڏاءَ "ڪوپائي ڪٿا" يا "جُنگ ڪيڏاري" جي ستاءَ جو جُز آهن. انهن بيانن کان سواءِ، چنيسر جنهن وات سان ڏهليءَ ويو تنهن جا به ڪي اهجاڻ جدا جدا بيانن ۾ ملن ٿا، جيڪي ويچار

---

1 دودو چنيسر، ص 645، 886، 909_910 ۽ 794
2 ساڳيو: 794
3 ساڳيو: 268، 711، 885
4 ساڳيو: 267_268
5 ساڳيو: 272، 281_282

جوگا آهن. جيتوڻيڪ اهڙا ڪي پڪا پختا اهجاڻ موجود ناهن، جو يقين سان چئي سگهجي تہ چنيسر فلاڻي وات سان ئي دهلي ويو هوندو. ان وقت سنڌ کان دهليءَ تائين ٻن کان وڌي ڇهن مهينن جو قاصداڻو پنڌ هو.[1] چنيسر وڃهہ ڪوٽ مان دهليءَ ڏانهن روانو ٿيو هو[2] ۽ هو جن ماڳن ۽ منزلن وٽان لنگهيو تن کي پيٽينڊي معلوم ٿئي ٿو تہ مختلف روايتن ۾ وڃهہ ڪوٽ کان دهليءَ تائين ٽن جدا جدا واٽن جا اُهجاڻ ڏنل آهن:

(الف) هالار واري واٽ، (ب) جيسلمير واري واٽ ۽ (ج) ميرپورماٽيلي واري واٽ

"هالار" معني، ڪچ ۾ اڄتي جام نگر ۽ گجرات وارو پاسو يعني تہ چنيسر وڃهہ ڪوٽ کان ڏکڻ طرف روانو ٿيو هوندو. جيڪڏهن جيسلمير ۽ ميرپورماٽيلي طرفان دهلي ويو هوندو تہ پوءِ وڃهہ ڪوٽ کان اتر طرف روانو ٿيو هوندو. هڪ روايت مطابق چنيسر وڃهہ ڪوٽ کان چڙهيو تہ اتر طرف روانو ٿيو جو چنيسر پاڻ ٿو چوي:

"وڃان اُتر سامهون، ڏياريان دودل اچي داڳ"[3]

(الف) هالار واري واٽ

چنيسر وڃهہ مان روانو ٿيو. پهرين منزل "جالوراڻي راج" ۾ پي منزل "خان واهہ" ۽ ٽين منزل ابڙي جي بادشاهي ۾ "هالار". اتان اڄتي ويو ۽ ڪنهن ماڳ پهتو جتان دهليءَ ڏانهن ٻہ واٽون هيون: هڪ بنا خطري يارهن منزلن واري، ۽ ٻي خطري سان ٻارهن پهرن واري. جيڪا سڌو رڻ مان ٿي وئي. چنيسر سڌي رڻ واري واٽ سان ويو ۽ خطري (آدمخور) کي ختم ڪري اڄتي روانو ٿيو ۽ وڃي دهلي کي چتايائين:

---

[1] دودي سنڌ مان هڪ مڱڻهار کي چنيسر ڏانهن قاصد ڪري موڪليو سو ٻہ مهينا پنڌ ڪاڻي دلي، پهتو (بودن فقير پنهري جي روايت ص 272). ٻي روايت موجب دودي جو قاصد موڪليو سو ڇهہ مهينا پنڌ ڪري دهلي، پهتو (صابر نوحاڻي جي روايت ص 171).

[2] "نڪتو شهر وڃهہ مان لاڳاپا لاهي" (ص 696 ڏٺي بخش ۽ چٽي ميربحر جي روايت)

[3] رکيل راجڙ جي روايت (ص 241)

رڻ جو ورتائين رستي رند ورتائين راه
ڪوآٽ ڏنائين ڪنگرا، ڏنائين دليءَ دروازا[1]

چنيسر "وڳهه ڪوٽ حويلي" مان هليو ۽ "گونگي تڙ" تي منزل ڪيائين. اتان اڳتي "جهولاٽي لاءِ" (جهولاٽي واءُ؟) پوءِ "تڙ تلوڪ"، پوءِ "ويرا واهه" ۽ پوءِ "ابڙي شهر" ۾ آيو. اتان روانو ٿي آڏو ٻي منزل "ٻيلي" ۾ پهتو. اتان اڳتي به گهڻيون منزلون ڪيائين، تان جو اچي "ڪوٽ ڏنائين ڪنگرا، دليءَ دروازا".[2]

چنيسر وڳهه مان نڪتو ۽ اچي "ساوڙي ڍنڊ" ۾ ترسيو (جتي هولاٽي پاڙي جا ست سومراءَ ماريائين). اتان معلوم ٿيس ته دهلي ڦيري سان ٻارهن ڪوهه ۽ سڌي واٽ سان چار ڪوهه آهي. پر ان واٽ تي آدمخور آهي ۽ "هالار" ۾ بادشاهه جو اٽ وڙهي ٿو. سلطان سالار (عالادين جي پٽ؟ جا) جا اُٺ "هالار" ۾ چرندا هئا. جيڪي ماريائين ۽ پوءِ دهليءَ شهر ۾ پهتو.[3]

چنيسر وڳهه مان روانو ٿيو ۽ پهرئين منزل "تڙ تلور"، ٻي منزل "ڪانه توان" (؟)، ٽرين منزل "جهالو راٽي راج ۾ جنهن کي چون چنيسر راءُ"[4]، چوٿين منزل.... (متن ۾ نالو ڪٽيل) ۽ "پنجين آيو هالار ۾ جتي ابڙو هو بادشاهه." اتي ٻيلي ۾ شينهن ماريائين. اتان دهلي ڏانهن ٻه واٽون، هڪ ڦيري واري، ٻي سڌي رڻ واري، جيڪا چنيسر ورتي، ان واٽ تي آدمخور ماريائين ۽ پوءِ "ڪوٽ ڏنائين ڪنرا دليءَ دروازا".[5]

(ب) جيسلمير واري واٽ

چنيسر، "ننگر" مان نڪتو ۽ اٽ (وڏيون) منزلون ڪيي نائين منزل وڃي دهليءَ پهتو. پهرئين منزل "ٻيلو"، ٻي سيوهاڻ، ٽي اروڙ ۽ چوٿين

---

[1] علي محمد مري جي روايت (ص 889_893)

[2] ماٺڪ خان چانڊئي جي روايت (ص 911_917)

[3] محمد ملوڪ ڪوري جي روايت (ص 750_753)

[4] يعني ته جتي جو حاڪم چنيسر راءُ هو. يا اصل لفظ "چنيسر واءُ" هجي، يعني "چنير جي وارءُ" جتي "جهالو راٽي راج" (سومرن جو) رهندڙ هجي.

[5] هاشم پنهيري جي روايت (ص 648_653)

منزل اُڄ پهتو. اتي ماڻهن چيس ته هن واٽ سان ڏوريون آهن ۽ نيون وهندڙ آهن. تنهن ڪري تون "ڏڻيءَ واري" (مٽي بند يا ٻني سان خشڪيءَ واري) واٽ وڃ. پوءِ اتان گس مٿايائين. پنجين منزل جيسلمير، ڇهين بيڪانير، ستين "پاڙلي پاتاس" يا "پاياري پاتاھ". ائين منزل هڪ ٻي وڃ تي، ۽ نائين ويڃي ڏهليءَ پهتو.[1] "ننگر" واري اُهڃاڻ مطابق ائين ٿو لڳي ته چنيسر "ننگر ٺٽي" مان روانو ٿيو. ٻيءَ معنيٰ ۾ اصطلاحي طور "ننگر" معنيٰ "گاديءَ وارو وڏو شهر" يعني ته وڏو ڪوٽ مان روانو ٿيو. ڇاڪاڻ ته هن ساڳيءَ روايت ۾ اڳتي (282_283 صفحي تي) وڏو ۽ وڏو ڪوٽ جو ذڪر اچي ٿو ۽ پڙ چنيسر پاڻ کي "دودي جو پٽ ۽ وڏو جو ڏٽي" چوائي ٿو.

چنيسر وڏو ڪوٽ مان چڙهيو. پهرين منزل "نيرڙ ڪوٽ"، ٻي منزل رڙ جي اندر "ٻُٽي ڪوٽ"، ٽي منزل رڙ ۾ جيسلمير، چوٿين منزل اڳتي "برّ جي هيٺ". اڳتي پوءِ "دلوراءَ جي بادشاهي" ۾ آيو جيڪو دودي بادشاهه جو سُنگ پريندڙ هو. ان کان پوءِ منزلون ڪنڌو ڏهليءَ پهتو.[2]

چنيسر وڏو ڪوٽ مان روانو ٿيو: پهرين منزل عمرڪوٽ ۽ ٻي منزل جيسلمير ڪيائين. پوءِ رات ڏينهن ڪري اڳتي منزلون ڪيائين، تان جو دلي‌ءَ پهتو.[3]

(ج) ماٽيلي واري واٽ

چنيسر وڏو مان دهلي ڏانهن روانو ٿيو ۽ ماٽيلي ۾ وڃي ٽي ڏينهن راتيون ترسي پيو ته پويان من کا پهر موڪلڻ لاءِ اچي. ان کان پوءِ منزل ڪري "سِرواهي" (لڳ سنجرپور تعلقو صادق آباد) پهتو. جتي پڙ ٽي- چار ڏينهن رهيو. اتان "مئو مبارڪ" ۽ پوءِ اڳتي اچي "پٽڻ مُناري" وٽ منزل ڪيائين. جتان درياءَ ٽپيو اتان ملتان پهتو جتان پوءِ "بستان" آيو ۽ ان کان پوءِ "دلي‌ءَ" پهتو.[4]

---

[1] بودن فقير پٺهري جي روايت (ص 266_269)

[2] واحد بخش جامڙي جي روايت (ص 469_471)

[3] پيروز گڏاٽي‌ءَ جي روايت (ص 363)

[4] امام بخش مهر (رحيم يار خان جي طرف) جي روايت، ص 337_338

عالادين بادشاهه، سندس صوبا ۽ سپاهه

عالادين "دِلي" يا "دهلي" جو بادشاهه هو.[1] اها عالادين جي "گجڻي" هئي، يعني گادي جو شهر هو.[2] هن شهر جي چوڌاري شاهي ڪوٽ هو جنهن کي سورهن دروازا هئا.[3] جيڪي رات جو بند ٿي ويندا هئا. هن شهر ۾ هڪ بادشاهي باغ هو جنهن جو نالو "نبي باغ" هو.[4] بادشاهه وٽ فرياد ڪرڻ لاءِ شاهي ڳرو گهنڊ ٽنگيل هو جنهن کي گهٽا ماٺهو گڏجي ڇڪي وڄائيندا هئا، پر جنهن کي چنسر اکيلي سر ڇڪي وڄايو.[5] جدا جدا بيانن ۾ عالادين بادشاهه کي تُرڪ،[6] عالادين گوري،[7] مغل گوري،[8] عالادين مغل[9]، يا عالادين پٺاڻ[10] سڏيو ويو آهي. عالادين ٻاگهيءَ جو سڳ گهريو تہ جواب ۾ چيائون:

تون ترڪ اسين سومرا، اها ڪيئن جوڙ جڳاءِ

"گوري" مان مراد "غوري" آهي، مگر دهلي جو سلطان علاؤالدين "خلجي" ترڪن مان هو.

---

1 سنڌ جي جدا جدا ٻاڱن ۾ ڪيل ڪچهرين ۾ اڪثر سڳهڙن ۽ راوين شهر جو اُچار "دلي" پئي ڪيو ۽ ڪن ٿورن "دهلي".

2 سنڌ ۾ هلندڙ هڪ آکاڻي اصطلاح موجب "گجڻي"، اصل ۾ "غزني" جو مقامي اُچار آهي. غزنوي گهراڻي جي دور ۾ "غزني جو تختگاهه شهر" ايترو تہ مشهور ٿيو جو "گجڻي" (يعني 'غزني' نالو) "گاديءَ جي شهر" جي معنيٰ ۾ رائج ٿي ويو. هن ٻالهه جي روايتن ۾ پڻ انهيءَ معنيٰ ۾ آيو آهي:

عالادين جي گجڻي کي اٽئي راکس جو ڏهڪاءُ" (ص 471) يعني عالادين جي گاديءَ جي شهر (دهلي) ۾ راکاس جي اچڻ جو ڏهڪاءُ آهي.

3 دودو چنيسر: ص 265 "سورهن در دلي، کي".

4 ساڳيو: ص 289، دهلي جي موجوده شهر ۾ امڙو کو باغ ڪونهي. البت علائي-تغلق دور واري پراڻي دهليءَ ۾ "قدمن جي زيارت لڳ" هڪ پاڙو آباد ٿيو جنهن کي "نبي ڪريم" سڏيو وڃي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ اهو نالو انهيءَ "نبي باغ" تان پيو هجي، جيڪو اڳ انهيءَ ايراضي ۾ هو.

5 ساڳيو: ص 125

6 ساڳيو: ص 20، 249، 734

7 ساڳيو: ص 165، 169، 281

8 ساڳيو: ص 264

9 ساڳيو: ص 175-176

10 ساڳيو: ص 938

هينيان عالادين جا وزير هئا، جن مان کي ساڳئي وقت صوبا يا سپهه سالار پڻ هئا:

مانڊڻ مير وزير سومرو؟: جنهن کي ٽن روايتن ۾ "منهندل مُلڪ"، "مانڊڻ مُلڪ" يا "ماندن ملڪ" سڏيو ويو آهي،[1] جنهن مان "مُعين المُلڪ"، يا "مؤيدالمُلڪ" جو گمان نڪري ٿو. هين جاين تي ساڳيو نالو مانڊڻ وزير، مانڊل وزير، ماندن، مادن يا مدن وزير (هڪ پيرو) جي صورت ۾ آيل آهي. هن روايتن موجب هو سومرو هو. چنيسر پاڻ مانڊڻ وزير کي چيو ته:

"پيءُ ٻنهي جو هيڪڙو توکي ماندن پانيان ياءِ."[2]

مانڊڻ، ننگر ۽ منگر کي ڏسي سڃاتو[3] ۽ پوءِ ننگر سان ڳالهائيندي مانڊڻ چيو ته: "چنيسر پرچندو ڪونہ، باقي دودي توکي موڪليو آهي، سو هاڻي،

ننگرا! وڃ هتان سر منهنجو وڃ تون دودل ڏي
مري مانڊڻ سومرو تنهن جي ڪچي ڪونہ ڪري

تڏهن ننگر ٻہ ڪيس سومرو ڪري سڏيو ته:

سر سلامت سومرا! مانڊڻ تو بچي
اسم اٽئي الله جو مون کي هلي ابل پرچائي ڏي[4]

مانڊڻ ۽ چنيسر جي پاڻ ۾ ياراني هئي.[5] ۽ دودي ٻہ ننگر کي چيو هو تہ پٺهين کي پرچائڻ لاءِ مانڊڻ کي ميڙ ڪري وٺي وڃجانءِ.[6] مانڊڻ سومرن جو وڏو خيرخواهہ هو. چنيسر کي هاڻي جي چڙڻ کان خبردار ڪيائين.[7] عالادين کي سفارش ڪيائين تہ

---

[1] دودو چنيسر: واحد بخس جامڙي جي روايت (ص 474)، علي محمد لغاري جي روايت (ص 780)، يار محمد ماچي جي روايت (ص 808)

[2] ساڳيو: واحد بخش جامڙي جي روايت (ص 475)

[3] ساڳيو: ص 439

[4] ساڳيو: عبدالله جمالي جي روايت (ص 94)

[5] ساڳيو: ص 398

[6] ساڳيو: ص 134

[7] ساڳيو: ص 274_275

دودو نہ مار.[1] عالادين ۽ سومرن جي نزاع توڙي عالادين ۽ چنيسر جي پاڻ ۾ پرچاءَ وقت ڳالهه کي ٽارڻ ۽ ٽارڻ جي ڪوشش ڪيائين.[2] مانڊڻ عالادين جو وڏو صوبو ۽ "مير وزير" هو.[3]

نظر بيگ وزير: ڪيس "نامبو نظر بيگ" يا "نظر بيگ وزير" يا "نظر وزير" سڏيو ويو آهي.[4] ۽ ڪن روايتن ۾ مانڊڻ مير وزير وارو ڪردار نظر بيگ سان لاڳو ڪيو ويو آهي. هڪ روايت موجب هو سومرو هو[5] ۽ ڪن ٻين روايتن موجب هن پرپٽ دودي جي ياري ميجي هئي[6] ۽ سومرن جي ساڻس دوستي هئي.[7] ننگر ۽ منگر کي نظر بيگ سڃاتو[8] ۽ نظر بيگ کي ننگر ۽ منگر "چاچو" ڪري سڏيو. شايد دودي سان دوستيءَ جي ڪري چنيسر جو نظر بيگ تي اعتماد ڪونہ هو ۽ انهيءَ ڪري بادشاهه کي چيائين تہ نظر بيگ تو کان ڦري ويو آهي ۽ ننگر جي مدد پيو ڪري.[9]

تمر وزير: تِمر، تِمر، "تالا تِمر"، "تالا تِمر"، تمر راءِ يا تمر بيگ وزير،[10] جيڪو ساڻئي وقت هڪ وڏو صوبو (گورنر) سڀهه سالار پڻ هو. هو ستن ڳڙهن جو صوبو هو: ڳڙهه پالي، ڳڙهه جوڙپور، ڳڙهه اجمير، ڳڙهه "ست صوبو"، "ڳڙهه ڪائو پير"، "ڳڙهه سوناه روپاه" ڳڙهه ڳلهڙ واءِ ۽ ڳڙهه آبادي ايراضي نَوَ سو هُرلا نار (ص 890).

انور بيگ وزير: (ص 24)

مور وزير، گل: گل بيگ وزير ۽ عطر وزير جيڪي عالادين سان گڏ هئا. پهريائين ۾ سڀهه سالار پڙ هئا ۽ جنگ لاءِ ننگر تي چڙهيا.[11]

---

1 دودو چنيسر: ص 386
2 ساڳيو: ص 170
3 ساڳيو: ص 168_170
4 ساڳيو: ص 38، 364، 502، 808
5 ساڳيو: غلام حسين ڪلهوڙي جي روايت، ص 512 ۽ 545
6 ساڳيو: ص 810، ٻئي بيان موجب هو چنيسر جو يار هو (ص 682)
7 ساڳيو: ص 948
8 ساڳيو: ص 525
9 ساڳيو: ص 540
10 ساڳيو: ص 136، 181، 513، 730، 821، 878، 951_952
11 ساڳيو: ص 136، 145، 437، 445

هيئيان عالادين بادشاهه جا صوبا يا سپهه سالار پڻ هئا:

سالار خان، عالادين جو پٽ، جنهن کي "پڑ سالار" (همت پريو) يا "سورهيه سالار" سڏيو ويو آهي، جيڪو محمد سومري سان وڙهيو ۽ مارجي ويو[1] يا ابڑي واريءَ جنگ ۾ ابڑي جي پائٽيي سپڑ سان وڙهندي مارجي ويو.

صوبو سلطان، جيڪو ننگر ۾ پونگر کي سامهون ٿيو.[2]

نادر بيگ، عالادين جو سوٽ، جيڪو دودي ڏي جڻ سفير ٿي خط کڻي آيو. (ص 134، 1220)

محمد مغل، عالادين جو سالو (ص 780)

مزار صوبو، جيڪو ابل (ابڑي) وٽ ويو تہ هٿيار ڇڏ (ص 633)

پناڻ حيدر هالاڻي، جيڪو نظر بيگ ۽ مور وزير کان پوءِ ننگر سان جنگ تي چڑهيو (ص 146)[3]

عالم خان پناڻ قلعدار (ص 545)

صوبو عظيم خان (ص 809)

محمود خان (ص 51)

گهرام خان (پناڻ) جنهن جي پيٽ عالادين جي گهر ۾ هئي (ص 945)

صوبو حسن خان (ص 51)

سالار فتح پناڻ (ص 937)

محمد خان حاجي زئي پناڻ: يارهن لکن امرائن جو صوبو (ص 921، 924)

حيدر راو پٽ کالو راء پناڻ کندار جو جيڪو "دليءَ جو مير" هو (ص 92، 124، 146)

هڪ روايت ۾ هيئيان صوبا جاٽايل آهن: سلطان پناڻ جو پٽ هنبل پناڻ، گوهرو پناڻ (گهرام خان)، سالار پناڻ (سالار خان؟) ۽ نظر پناڻ (نظر بيگ؟) ص 731). ٻين روايتن ۾ مُهندل جو نالو هَنبل يا هَنبس پناڻ جاٽايل آهي (ص 769، 948_951). عالادين جي لشکر کي "مغلن

---

[1] دودو چنيسر، ص 93، 607_606، 766، 810 ۽ 1198. کيس گهٽ ڪرڙ لاءِ ٽوڪيو پڻ ڇيو ويو آهي تہ هو ڀڄڻو هو (ص 398، 508)

[2] ساڳيو: ص 143. ڪن روايتن ۾ "سلطان" کي عالادين جو پٽ يا پائٽيو سڏيو ويو آهي (ص 185، 714، 730) پر پانڇجي اٿين ٿو تہ پوين راوين جي ويسر ۽ غلطي سببان اهو نالو انهيءَ صورت ۾ گهڙيو ويو.

[3] ساڳيو: ص 146، ٻين اڪثر روايتن ۾ حيدر هالاڻي نالي سومرو دودي جو وزير هو. ڏسو هيٺ عنوان "دودي جي دربار"

يا مغلن پٺاڻن" جو لشڪر سڏيو ويو آهي.[1] هڪ روايت موجب هن لشڪر ۾ ڪاڪڙيجا، حاجي زئي، ڏزيبا ۽ سليماني پٺاڻ شامل هئا.[2]

عالادين بادشاهه هڪ وڏي لشڪر سان ڏوڍي تي چڙهائي ڪئي "ڪُوپائي ڪتا" جي سٽاءَ موجب، عالادين جي لشڪر کي مبالغي سان بي انت ۽ بيشمار ڪري بيان ڪيو ويو آهي. سندس لشڪر "نَوَن يا ڏهن چَلين وارو" يا "يرهن ٽُنبو" هو.[3] جنهن جي معنيٰ ته جڏهن لشڪر اچي لنگهي تڏهن چَلي (چهي) وڃي ته ٻيو تنگجي ۽ اهڙي طرح لشڪر جي تعداد جو اندازو لڳائجي. عالادين جو لشڪر ايترو هو جو نَويا ڏهه چهيون يا تيرهن ٽُنبا پرجي ٽپي ويا. ٻئي بيان موجب "چَلي" معنيٰ "ڏهن لکن جي فوج":

"ڏهه چليون سلطان سين، چليءَ چليءَ ڏهه لک."

هڪ وڏي شاهي فوج کي "ديمر" يا "ديمي" سڏيو ويو آهي. عالادين سان ڪيئي ديميون هيون.

جڏهن عالادين چنيسر چيس ته: ڏوڍي سان جنگ ڪرڻ وقت ڳڙ ڪرڻ اجائي آهي. باقي دليءَ جي دروازي تي ست- هَٽيو گڙ ڪوڙائي ڇڏ. گهوڙا دروازي کان نڪرن ۽ جڏهن اهو گڙ انهن جي لِڙِ ۾ لٽجي وڃي، تڏهن ٻيا گهوڙا ڪيڙ بس ڪن. بادشاهه پوءِ ٻاهران تنبو هٽايا ۽ گهوڙا نڪرڻ شروع ٿيا (پوءِ ڳالهه ڪٽندڙ ٿو هنرمندي ۽ ڪاريگري سان بيان ڪري ته) "رئي ۾ آسمان لٽجي ويو ۽ پکي انڊا ٽي ڇڏڻ لڳا، جن کي گهوڙيسوار جهٽيندا، ڳهندا، توبرن ۾ وجهندا وڃن. ايترا گهوڙا نڪتا جو آخرڪار جن گهوڙن دروازن تي لڏ پئي لاٽي، تن جي لڏ سان گڙ ڍڪجي ويو. ايترا ته رڳو گهوڙا لشڪر ۾ شامل هئا. "چهن چلين" جيترا گهوڙا هئا ۽ سڀ عراقي نسل جا، ۽ ٻيا بيشمار اُٺ ۽ هاٿي انهن کان سواءِ:

چهه چليون عراقي هيون، ٻيا ارڙهن لک اُٺن
پنڌرهن لک پاتشاه سين، جن جون ڪلنگيون ڪپارن
ٽيهه هزار هاٿين جا، حاضري ويرهلن.[4]

---

1 دودو چنيسر، ص 523، 532، 719، 722
2 ساڳيو: ص 947
3 ساڳيو: ص 47، 203، 272
4 ساڳيو: ص 47

عالادين جو لشڪر ايڏو تہ وڏو هو جو "سڀيا کوه ٻڪائيندو آلا ڪاڪ ٻاريندي آيو.

"اڳيان اچن پيئندا، پويان ڇڪ ڇٽن"

اهي سپيئي "دودو! دودو!' ڪندا پئي آيا:

تو ڇليون ڏهہ لکيون ري، رڪيب چڙهن
نو سؤ نقارن جا، اٺ سؤ پيريون ٻُرن
ڪارهن سؤ قانونگن جا، دفتر درس لکن
ٻارهن سؤ ٻانگن جا، مٽي وند وڙهن
تيرهن سؤ تروڙين جا، تا اڇا جاريو ڪن
چوڏهن سؤ چمارن جا، ڳلي‌ءَ ڳنڍ هٽن
پندرهن سؤ پائڪن جا، ڇڳا ڇاپرو ڇلن
سورهن سؤ سپاهين جا، جيڪي ويهن ويل اچن
سترهن سؤ سردارن جا، جن تي چونديا چؤنر چڙهن
ارڙهن سؤ ائن جا، بلخي بار ڪٽن
اوڻيهہ سؤ اوڏن جا، ڪوهيون خوب ڪٽن
ويهہ سؤ واڻين جا، هٿ هلندي ڪن
ان جو متو ئي ناهہ ڪو جيڪي تولا ڪيو ترڪن
ننديِ وڏي وائي وات ۾، بيٺا "دودو" "دودو" ڪن.[1]

لشڪر دهلي مان نڪتو ۽ پئي نڪتو ۽ اڳتي وڌيو تان جو:
هيڏهون دنگ دهلي‌ءَ جو، هوڏهون ماڻيلو ملتان".[2]

دودو ۽ سندس دربار

راڄن جي رضا ۽ رغبت سان بلڪ سندن يڪراءِ فيصلي ۽ زوردار پٽيرائي سان دودو روپاه يا وڳه ڪوٽ ۾[3] سومرن جي گهارٽي جي پڳ ٻڌي تي ويٺو هو ۽ سنڌ جو بادشاهہ ٿيو هو. "دودو پونگر اٽي" اڳ ٿي گذريو هي‌ءَ "دودو

---

1 دودو چنيسر، ساڳيو: ص 282
2 ساڳيو: ص 400
3 ساڳيو: ڪن روايتن موجب "روپاهہ" تہ ڪن روايتن موجب "وڳهہ ڪوٽ" گادي جو شهر هو.

دوداڻي" هو[1] جنهن جي نالي ونڍ سان ماڻهو نهال ٿي ٿيا. "دودو" معنيٰ "پيارو"[2] ۽ دودو هوبہ سڀني کي پيارو. هڪ ٽہ هو تاجي ٻيڻي پٽ هو:

"دودو سڄو ئي سون جو جنهن کي ريهہ رپي جو ناهہ"

۽ ٻيو ٽہ مرس پنج ـ هڻيو پهلوان. ڪو پو قداور ۽ دل جو بهادر هو:

"ٻانهون اول وراڻيون. چاتي چپر ڪٽ
مڙس مُني جيترو. مڙو جنهن جو مٽ
دودي دوداڻي جي ڪونہ جهلينڊو ستا[3]

دودو پڙهيل قابل هو ۽ مطالعي لاءِ ڪتاب هٽ ۽ هوندو هوس.[4] دودي گاديءَ تي ويهندي ئي باغ بنايا. شهر آباد ڪرايا ۽ راج رهايا. سندس شاهي باغ جو نالو "لکي باغ" هو.[5] سندس دربار (يا حويلي) وارو ڪوٽ "ٻالنگ ڪوٽ" سڏبو هو.[6] دودي جو روپاه جي شهر تي راض هو ان کي آباد ڪيائين ۽ اتي راج رهايائين.[7] دودي پنهنجي دربار قائم ڪئي[8] ۽ وزير مشير صلاحڪار مقرر ڪيا. هيٺيان سندس وزير هئا:

ساهڙ سومرو، جيڪو ساهڙ سلطاني جي نالي سان مشهور ٿيو. هو سومرن جي لشڪر جو وڏو سپهہ سالار هو.[9]

---

1 دودو چنيسر دودو پونگر اٿي يعني دودو پٽ پونگر جو (ص 21)، دودو دوداڻي يعني دودو پٽ دودي جو (ص 283)

2 ساڳيو: بودن فقير پنهپري جي روايت (ص 258)

3 ساڳيو: ص 475، 807، 808، 855، 933. دودي بابت اها مشهور ڳالهہ آهي. جنهن جي جدا جدا پڙهڻين پر ٿوري ڦير ڦير آهي مثلاً:

ڪلها ڪيهر شينهن جا. مڙو جنهن جو مٽ
دودي دوداڻي جي لِک نہ سهندين ستا

4 ساڳيو: ص 644، 691

5 ساڳيو: ص 722

6 ساڳيو: ص 705 "ويهي ٻالنگ ڪوٽ تي دودي خط لکيا"

7 ساڳيو: ص 240 چنيسر ٿو دودي کي چوي تہ "توجي روپاه ۽ سمر تي راج بنايا، تنهنجي ڪاڙہ ڪانهي مون"

8 ساڳيو: گادي تي ويهڻ سان جڻ دودي جي دربار قائم ٿي ويئي هئي ص 165، 320، 336، 861، 885، 960) جو چنيسر جي ماءُ چنيسر کي طعنو ڏيندي چيو تہ:

چلي چاڪر نہ ٻيهين. وڃي دودل جي دربار (ص 165)

—

ماڻهين ماهيڙو ڪندي. دودي جي دربار (ص 336)

9 ساڳيو: ص 2، 104، 154، 824

حيدر سومرو يا حيدر هُولاڻي: محمد سان گڏ جنگ ۾ عالادين جي لشڪر سان وڙهيو.[1] ڪن روايتن موجب "دودي ۽ چنيسر" جي چاچي جو نالو پڻ "حيدر" هو جيڪو پڻ ڪين صلاح مشوروڏيندو هو.[2]

هارڻ (نالي يا ذات جو) وزير.[3] جيڪو پڻ فوج جو سپهه سالار هو.[4] هڪ روايت موجب هارڻ وزير صلاح ڏني هئي ته سيني ۾ وڏي باگهي آهي، پگ ڪريو سندس حوالي. پوءِ جنهن کي ڏئي (ص 148)

قابل وزير، جنهن کي دودي موڪليو ته وڃي چنيسر کي موٽائي اچي.[5]

يان (ذات جو) وزير. جيڪو دودي طرفان عالادين وٽ سندس لشڪر ۾ سفير ٿي ويو.[6]

دوسو مير وزير، جنهن کي دودي وقت بوقت پئي سڏيو ۽ ڪم پئي چيو.[7] ڪن روايتن موجب هو هڪ سومرو امير هو ۽ دودي جو وڏو سالو هو ۽ هن دودي کي سهڻي صلاح پئي ڏني.[8] ٻين روايتن موجب ڪيس دوسو چَنائي سڏيو ويو آهي. جيڪو دودي جو سالو هو ۽ جنهن دودي کي شراب پياري نشي ۾ پگ ٻڌائي هئي.[9]

دودي جي سڃڻن مان سندس سالو "مر ڳاهو" هو. جيڪو سوغاتون کڻي، سفير ٿي، عالادين جي لشڪر ۾ ويو.[10] ٻيو "مبي مهلاڻي" هو جيڪو پڻ سوکڙيون کڻي عالادين ڏي ويو.[11] ٽيون "مُمنگ

---

1 دودو چنيسر، ص 21، 214، 608، 839، 1221. يعني "حيدر هالاڻي" سڏيو ويو آهي پر شايد صحيح هولاڻي هجي يعني هو سومرن جي هُولاڻي پاڙي مان هو. هڪ روايت ۾ "حيدر هوليائي" کي دودي جو پان ڪري ڄاڻايو ويو آهي (ص 839)، جيڪو غالباً صحيح ناهي.

2 ساڳيو: ص 263_264، 289_290، 320_321

3 ساڳيو: ص 14

4 ساڳيو: ص 54

5 ساڳيو: ص 495

6 ساڳيو: ص 287

7 ساڳيو: ص 175، 495_493، 662، 669، 734، 772، 856

8 ساڳيو: ڏسو مٿي ص 30 ٻين روايتن موجب. دوسو دودي جو دربان هو (ص 57، 511)

9 ساڳيو: ص 722

10 ساڳيو: ص 464

11 ساڳيو: ص 174 ۽ 290

سومرو" يا "مُمگهه موڏاٽي هو جنهن کي ننگر ۾ منگر سان گڏ دودي سفير ڪري عالادين ڏي موڪليو. هو "بڪار" جو ويڙهل هو.

عالادين بادشاهه ڪهڙي طرفان سنڌ تي چڙهي آيو؟

عالادين بادشاهه پنهنجي لشڪر سان ڏهيل مان چڙهيو ته ڪهڙي طرف کان سنڌ پهتو ۽ پوءِ سنڌ جي حدن اندر ڪهڙي رستي سان سومرن جي مرڪزي علاقي ۾ پهتو ان بابت هن ڳالهه جي مختلف روايتن ۾ جيڪي اهجاڻ ڏنل آهن. تن مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا: اڪثر بيانن موجب، عالادين اتر طرفان ملتان-بهاولپور واري پاسي کان آيو. اتان پوءِ هو يا سڌو ريگستان مان يا ميرپور ماٽيلي کان اپرنديين ناري وارو گس وٽي، هيٺ لاڙ طرف روپاهه يا وڇهه وارن علاقن ڏانهن آيو. يا وري الهندي طرفان اروڙ ۽ سيوهڻ کان هيٺ لاڙ طرف آيو. ٻين ڪن بيانن موجب، عالادين بادشاهه ڏکڻ طرفان ڪنيات ۽ گجرات کان سنڌ تي چڙهائي ڪئي.

ڪنيات ۽ گجرات طرفان عالادين جو اچڻ

هن روايتن موجب عالادين بادشاهه ڪنيات ۽ گجرات طرفان سنڌ تي چڙهائي ڪئي:

ماٽڪ خان چانديي جي روايت موجب، عالادين جو لشڪر ڪنيات (گجرات) واري پاسي کان آيو ۽ لشڪر ايترو گهڻو هو جو پاڻي پيتائون ته سابر متي ندي سُڪي وئي:

"سابر متي سُڪي وئي، جيڪي ڪنياتئون اچن".

لشڪر اچي "روپاهه" جي ميدان ۾ لٿو جتان دودي ڏانهن قاصد موڪليائون. پوءِ لشڪر وڇهه ڪوٽ ڏانهن چڙهيو.[1]

تاج محمد جي بيتن واري روايت ۾ پڻ اڻ سڌي طرح لشڪر جي ڪنيات کان اچڻ جو اهجاڻ ڏنل آهي. لشڪر ايترو گهڻو هو جو پاڻي پي "سابران ندي" (سابر متي؟) کي سڪائي ڇڏيائون. سنڌ ۾

---

[1] دودو چنيسر، ماٽڪ خان چانديي جي روايت (ص 921_922)

پهتا ته "باکر واه" به بيهي ويو ۽ پاڻي پورو نه پيو. فوجن پوءِ اچي روپاهه روکيو ۽ ائين پئي لڳو ته اجهو اڄ سيارڻ ٽا گاديءَ جي شهر "(وڳهه) ڳڙهه" تي قبضو ڪن. اها خبر وڳهه ڪوٽ ۾ وپهچي چڪي هئي، جو جڏهن پاڳو پان ڏيڊيءَ تي ننگر کي سڏڻ ويو ته ننگر جي ماءُ مريم اندران پاڳو سان ڳالهائيندي چيو ته:

"بادشاه ٻڌان ٿي بکار ۾، جنهن روکيو تڙ روپاهه
وَرَ تان منهنجي وَلهي، وڃي برحال هاري باهه[1]

ملتان ۽ پَٽڻ- مُناري (بهاولپور) طرفان عالادين جو اچڻ

هڪ روايت موجب، جڏهن عالادين دهليءَ مان شاهي لشڪر سان چڙهيو ۽ ملتان کان ٽيندو ماٽيلي آيو ته دهلي کان وٺي ملتان ۽ ماٽيلي تائين يڪو شاهي لشڪر پکڙيو پيو هو:

"هيڏهون دنگ دهليءَ جو، هيڏهين ماٽيلو ملتان"[2]

ٻئي بيان موجب، عالادين دهلي مان چڙهيو ۽ بالاخر اچي درياءَ تي "پٽڻ- مناري" وٽ لٿو.[3] "پٽڻ مناري" جا کنڊر ضلعي بهاولپور ۾ آهن. ۽ اهو شهر جنهن ۾ شاهي منارو هو سو هاڪڙي درياءَ جو مکيه پٽڻ هو. اهو شهر سومرن جي حڪومت ۾ هو ۽ اتي سومرن جي گهراٽي مان هڪ حڪمران مستقل طور رهندو هو.[4] اتان سنڌ جي سرحدن اندر پوءِ هيٺ لاڙ ڏانهن عالادين بادشاهه جنهن گس سان آيو ان بابت ۽ جدا بيان ملن ٿا: (الف) هو الهندين طرفان اروڙ- سيوهڻ واري رستي سان آيو ۽ (ب) ايرندي کان ايرندين ناري واريءَ واٽ سان آيو.

(الف) الهندي پاسي کان اروڙ- سيوهڻ وارو گس

عالادين دهلي مان چڙهيو ته اهو پهه ڪيائين ته فوجون سنڌ ۾ پهچي، اول "روکيندين روپاهه ڪي" ۽ پوءِ "ڪندا ويڙهه وڳهه ڪوٽ

---

1 دودو چنيسر، تاج محمد جي روايت (ص 862 ۽ 865)
2 ساڃيو: محب فقير ملڪ جي روايت (ص400)
3 ساڃيو: امام بخش مهر جي روايت (ص 346)
4 ڏسو راقم جي لکيل "سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ"، ص 69-72 حيدرآباد سنڌ، 1962ع

سان". سنڌ ڏي فوجون پهريائين ڊرڪي لڏيون "ڏت" تان، ۽ پوءِ "خاني واهه" کي نظر ۾ رکيائون (کُتيون خاني واهه"، پوءِ ماڻيلي ۾ مهاڻن جي سردار ساڻن مقابلو ڪيو جتان پوءِ اروڙ پهتيون، ۽ اتان اڳتي اچي "سيوهاڻ" سامهيون ٿيون.

"آروڙان لنگهيون، سانباريون سيوهاڻ"

پوءِ فوجون بڪار ۾ اچي خيمه انداز ٿيون. جنگيون سڀ اتي ٿيون، ۽ بالآخر دودي جي مرڻ کان پوءِ اچي "روپاهه"، تي قبضو ڪيائون.[1]

هن روايت جو سلسلو البت منڊل آهي، اصل متن ۾ پهريائين اروڙ ۽ سيوهڙ جو ذڪر آهي ۽ پوءِ ماڻيلي جو ۽ ان بعد بڪار جو. جيڪڏهن پوئين اُهڃاڻ کي وزن ڏجي، يعني ته ماڻيلي کان پوءِ بڪار ڏيان ۾ رکجي ته اها "بڪار" روهڑي تعلقي واري ٽيندي، پر جيڪڏهن سڄي گس کي جغرافيائي لحاظ سان سَولو ڪري ٻيهارجي، ته پوءِ سلسلو ماڻيلو-اروڙ-سيوهڙ- بڪار ٻيهندو. انهيءَ حالت ۾ "بڪار" مان مراد غالباً "هنگار" ٽيندي، جيڪا لاڙ ۾ آهي.

(ب) ايرندي ناري وارو گس

عالادين جو "تيرهن ٽُنبو" لشڪر جتان لنگهو هوندو اُتان ڪو شاهي گس يا چارو نه، بلڪ وڏو ڪو سَلهڙ ٿهي ويو هوندو. سگهڙ بودن فقير پنهيري چيو ته: "(اُيرنديون) نارو عالادين جي فوج جو سَلهڙ آهي"، يعني ته عالادين جي لشڪر جي لڙ سان ناري وارو پيٽ يا ڏورو ٻنيو. اهو اهڃاڻ هن "ڪُو پائي ڪُتا" ۾ مبالغي آرائي يا وڏاءَ وارو جز آهي، البت ان مان اهو گمان پڙ اٿي ٿو ته عالادين اتر طرفان هيٺ سنڌ ۾ "ايرندي ناري" واري گس سان آيو. اڳئين دؤر ۾ سنڌ اندر ناري توڙي درياءَ جون اٽلون ٽيندیون هيون ۽ ڪافي عرصي تائين سنڌ جي وچين وادي پاڻي هيٺ اچي ويندي هئي، انهيءَ ڪري اتران هيٺ لاڙ ڏانهن يا لاڙ مان متي اتر طرف ملتان ڏانهن وڃڻ لاءِ عام ڪليل شاهي گس ايرندي طرفان هو يعني ته ايرنديين ناري جي "سانگن" (واهڙن) مان

---

[1] دودو چنيسر: بودن فقير پنهيري جي روايت (ص 284_286، 290، 303) روايت جي سلسلي ۾ البت نقص آهي جو پهريائين اروڙ ۽ سيوهڙ جو ذڪر (ص 285) ۽ پوءِ ماڻيلي وٽ مقابلن جو ذڪر آهي (ص 286).

ٻيڑين تي چڑهي نارو ٽپي پوءِ ناري جي ايرندي طرفان مٽي سُڪيءَ تان اتر طرف ميرپور ماٽيلي ويندا هئا. ۽ اتان پوءِ ملتان ڏانهن روانا ٿيندا هئا. انهيءَ گس کي ويندي گذريل صدي تائين "راولي واٽ" سڏيندا هئا. سورهيه مير شير محمد خان انگريزن سان "ڪونهيري" ۽ "اپ پور" وارن آخري مقابلن کان پوءِ انهيءَ "راولي واٽ" سان ئي ميرپورماٽيلي پهتو هو.[1] "راوَلي" (= راو+ لي= را+ ري= راو+جي= راء يا بادشاه جي) معنيٰ "شاهي يا بادشاهي" "راولي واٽ" يعني "بادشاهي واٽ" وارو اهو نالو غالباً آڪاڻي "بادشاهي رستي" جو يادگار آهي. اتر سنڌ کان هيٺ لاڙ ۾ سومرن جي گاديءَ واري مرڪزي علائقي تائين پهچڻ لاءِ ناري وارو اهو گس ئي وڌيڪ سولو ۽ سڌو هو. هڪ ڪچهري[2] ۾ سگهڙ شير خان چانڊيي چيو ته: اسان ٻڌو آهي ته عالادين بادشاهه "چَرَ" (ضلعي ٽرپارڪر ۾ "ڪُنري" لڳ) کان آيو اها انهيءَ وقت جا ڪا "ڪاهي" هئي، جيڪا پوءِ "چَرَ" سڏجڻ ۾ آئي. "چَرَ" کان پوءِ "ڊوري" (ايرنديين ناري) جي "روهلڙي واري گهيڙ" کان مٽيو.

موجوده تحقيق دوران هن ڳالهه جي قلمبند ڪيل اڪثر روايتن ۾ ايرنديين ناري واري انهيءَ گس جا اهجاڻ پئي ملیا. هيٺين لاڙ ۾ عالادين ڪيئن آيو ۽ ڪٿي پهتو ان بابت هيٺين بيان ملن ٿا:

عالادين "پٽڻ مناري" وٽان (هاڪڙو) درياءَ ٽپيو ۽ ان کان پوءِ "دودي جي ديهه" (حڪومت جي مرڪزي علائقي) ۾ پهتو جتي "ونگو" ۽ "ولهار" ٻه پاڻ هئا. جيڪي دودي جا خابرو هئا ۽ ڏينهڪ سؤ ڪوهه تان سڄي خبر آڻيندا هئا. انهن اچي دودي کي ٻڌايو ته. عالادين لشڪر سان چڑهيو ٿو اچي.[3] ونگو ۽ لهار ماڻهن جا نالا ڪري ڇاڻايل آهن. پر اهي مشهور جغرافيائي ماڳ آهن. جيڪي ايان تائين موجود آهن. ونگو "ايرندين ناري" جو مشهور پٽڻ هو. "پراڻ" درياءَ ۽ ايرنديون

---

1 مجاهد مرحوم مولوي عبدالله لغاري راقم کي ٻڌايو ته سندس ڏاڏو مير صاحب سان گڏ هو ۽ سندس گهر واري (مولوي صاحب جي ڏاڏي) اها ڳالهه پاڻ مولوي صاحب سان ڪندي هئي ته "سانگڙي" (جيڪو نالو پوءِ ڦري "سانگهڙ" ٿيو) مان ٻيڑين تي چڑهي، نارو ٽپي پوءِ "راولي واٽ" سان ميرپور ماٽيلي پهتاسون.

2 دودو چنيسر، ڪچهري نٽو تاريخ 21 اپريل 1963ع

3 ساڃيو: امام بخش مهر (رحيم يار خان طرف) جي راويت، ص 346

نارو "ونگي" وٽ وڃي ملندا هئا. "ولهار" جي جُوءِ پڙ ڳڏيڙ (تعلقو بدين) ۾ برڙ واري ڏوري جي آسپاس آهي.

عالادين جو لشڪر "پٽڑ" ٽپيو ۽ پوءِ اچي "لکي باغ" ۾ لٿو. اتان پوءِ عالادين چڑهيو ۽ اچي بکار ۾ لٿو.[1]

عالادين فوج سان سنڌ جي سرحد کي ويجهو پهتو. اتي کو درياءَ وهندڙ هو جنهن تي ٻنڌ جوڙي راس ڪيائون. لشڪر پار ٽپيو:

ڇهه مهينا ڇهه راتيون، ٻنڌ جڙي آهي
ٻنڌ جڙي راس ٿي، لشڪر پار ٽپيو.

درياء ٽپڙ کان پوءِ اڳتي لشڪر اچي دودي جي سرحد کي پهتو.[2]

عالادين چڑهيو ته سندس لشڪر دهلي کان وٽي ملتان ۽ ماٽيلي تائين پئي هليو. ان وقت يا ان کان اڳ عالادين جي وزير تمر جو هيئين قلعن تي قبضو هو:

ڳڙهه جوڙپور، ڳڙهه نيهڙواهه (يانيهڙوان)، ڳڙهه ڪارو نارو ۽ ڳڙهه "بانڪو شاهه بخاري".

انهن مان "ڳڙهه ڪارو نارو"، ايرنديين ناري واري متئين (موجوده ضلعي خيرپور ۽ سکر) وهڪري واري اراضي جو اهجاڻ آهي.

عالادين جو لشڪر ڊڊ کان ڊريو ۽ سڌو روپاهه تي آيو. ٻاهران ويرم فقير پاهوڙي پنجن سوَن فقراء سان جنگ ڏني ۽ پوءِ بادشاهه اچي روپاهه شهر جي ٻاهران لٿو:

نوَ ڀَليون ڏهه لک، ڊَريا متي ڊَڊ
پاٽي پاتاکن ۾، متي هاڻين هڊ
صبح ڏينندا ست، روڪايون روپاهه تڙ.[3]

عالادين ۽ سندس لشڪر دهلي مان چڑهيا ۽ اچي "رڻ ڪنڊيءَ" لٿا. اتان سندن ارادو سڌو روپاهه تي قبضي ڪرڻ جو هو. عالادين دودي ڏانهن پيغام طور چوائي موڪليو ته:

---

[1] دودو چنيسر، رمضان جوکيي جي ڀالهه ص 721_722

[2] ساڃيو: پيروز گڏاڻي جي روايت، ص 370

[3] ساڃيو: محب فقير ملڪ جي روايت، ص 406

"آءُ روکيندس تڙ روپاھ جا،
تنھنجي سنڌ ڏيان آءُ ستُ."

پوءِ اُتان (ڪنھن درياءَ جي) "پتڙ" تي پھتا، جتي 'نيڙ' ۽ 'ڊيڪڙ' مقابلو ڪيو.[1] اڳتي وڌڻ جو اھجاڻ ڪونھي، پر ھڪ طرف ڇاڻايل آھي تہ ننگر ڪين سامھون ٽيڙ لاءِ اچي "سوراسي جي ڪنڊيين" طنبو کوڙيا.[2]

عالادين ڏھليءَ مان چڙھيو ۽ سندس فوجون "ڊڻ" تي اچي ڊريون. سنڌن مقصد تہ "تڙ روپاھ جا" روکين ۽ پڙ سڄي سنڌ تي قبضو ڪن. پوءِ عالادين جو لشکر "ھاڪڙي ڊوري" تي پھتو. ھاڪڙي اُڪرڻ بعد "ويرم پائلي" لشکر کي روکيو ۽ مقابلو ڪيو. ان کان پوءِ سينھائي، ڦرھي، دڙيلي ۽ ڊينگاڻ جي ميئن ميربحرن مقابلا ڪيا ۽ جيڪي ماريا تن جو "مڙھيري مقام" (ھ ميل ڇھلوري کان اتر ـ اوپر) ٽيو. سينھائو ۽ ڦرھو (سانگي ڦرھو) ھڪ جھڙي گدام کان ڏکڻ اولھ ۽ پارڻ کان اولھ طرف آھن. دڙيلو چانڊين وارو سو ٻہ ڊوري پراڻ کان اولھ طرف آھي. ڊينگاڻ پرڳڙين واري جيمس آباد/ساماري تعلقي ۾ مشھور آھي. ان بعد ھين مقابلا ڪيا. "سيڙھي"، مائي مھاڻي دودي ڏي ماڻھو موڪليو. "سيڙھي" جي نالي سان پتڙ، ڊوري (ايرندي ناري) تي "ٿئين ڪوٽ" کان ڏکڻ طرف موجود آھي. بالآخر عالادين جو "ڪار" جي ھاھران اچي لٿو.[3]

عالادين ۽ سومرن جي وچ ۾ جنگيون

عالادين ۽ سومرن جي وچ ۾ وڏيون جنگيون ڪھڙي جاءِ لڳيون، ان بابت مختلف روايتن ۾ جدا جدا بيان ڏنل آھن. مجموعي طور سان ھيٺين چئن يا پنجن ماڳن جا نالا ڇاڻايل آھن.

روپاھ

ڳالھ جي آڳاتين روايتن مطابق سومرن جي راڄ ۽ گادي جو شھر "روپاھ" ھو. انھيءَ ڪري انھن روايتن ۽ انھن سان ملندڙ ٻين

---

[1] دودو چنيسر: منشي آڌارام جي ڇپايل ڳالھ ص 19، 27

[2] ساڃيو: عبدالله جمالي جي روايت، ص 83، 84، 89

[3] ساڃيو: صابر نوحاڻي جي روايت، ص 172 ـ 174

بيانن موجب وڏيون فيصلو ڪندڙ جنگيون پڙ روپاهه جي آسپاس لڳيون. عالادين جي لشڪر جو رخ منڊان ئي دودي جي گاديءَ واري شهر "روپاهه" تي هو. مقصد هون ته هو اتي پهچي پهريائين "روپاهه جا تڙ" روڪين. يعني ته روپاهه جي پاڻي ۽ آبادي تي قبضو ڪن ۽ پوءِ روپاهه فتح ڪري وڃهه تي چڙهائي ڪن. عالادين جو لشڪر ڏٺ کان هيٺ ڏريو ته دودي ڏي چوائي موڪليائين:

"دودا! ديميون آئيون، ڏريون مٿي ڏٺ،
روڪيان تر روپاهه جا، تنهنجي سنڌ ڏيان سٽ"[1]

بهرحال عالادين جي فوجن جو ارادو پڪو پختو هو:

هي بانڪا ٽيڪ بهار هلي روڪيندا روپاهه ڪي.[2]

صبح ڏيئي سٽ، هلي روڪيندين روپاهه ڪي.[2]

روڪيندا روپاهه هلي ڪندا ويڙهه وڃهه جي ڪوٽ سان.[2]

عالادين روپاهه تي چڙهي آيو ۽ جڙ شهر جي باهران اچي لٿو[3] پر اتي کهڙي ماڳ تي اچي چانوٽي هنيائين ان بابت ٻه جدا آهيارڻ ڏنل آهن: هڪ ته هن "اڇا" "آڪاها" يا "آڪياهه" جي ماڳ وٽ اچي جنگ جو ميدان مچايو ٻيو ته هن "ويرا واهه" جي ميدان وٽ اچي جنگ لاءِ صف آرائي ڪئي. اهي ٻئي ماڳ ميدان روپاهه کان ڪجهه مفاصلي تي هئا. سامي شاعر جي ڳاهن واري (لاڙ جي پانن جي) روايت مطابق، جيڪا غالباً سڀ کان آڪاتي روايت آهي، عالادين اچي "اڇاوٽن" يا "اڇياهه ـ وٽن" ۾ منزل انداز ٿيو:

اچي "اڇا ـ وٽن" ۾ ڳرڳل ڪيو ڪنڊار
ڪاهي ڪٽائي "ڪپ" تي ڪيري "ڦٽوڙ" ڌار[4]

---

[1] دودو چنيسر: سامي شاعر جي ڳاهن واري پالن جي روايت تورڙي منشي اُڌارام جي لکايل ڳالهه جيڪي نسبتاً آڪاتيون روايتون آهن. تن جي بيانن موجب گادي جو شهر روپاهه هو (ص 12، 43 ـ 44، 126)

[2] ساڳيو: ص 285

[3] ساڳيو: ص 19

[4] ساڳيو: ص 48

هن ساڳي روايت ۾ ڄاڻايل آهي ته دودي به اتي ئي جنگ ڏني:

اچي "اڳياڻ-وٽن" ۾ تندن ڏنائون تاڙ
مرد ٽيا مقابلي، وَنڪين لڳا واڙ.[1]

علي محمد پان پنهنجي بيان ۾ هن ساڳي روايت جي وڌيڪ وضاحت ڪندي چيو ته: عالادين جو لشڪر اچي "اڳياڻ" وٽ لٿو ۽ اتي چوڌاري ڪاهيون ڪڍائي جنگ جي تياري ڪري ويهي رهيو. اهو ماڳ روپاڻ کي ويجهو هو.[2] اسان کي پنهنجي تحقيق دوران پڃا ڪندي معلوم ٿيو ته هڪ "اڳها جي ڇَن" بدين کان اولهه طرف ۽ "ترائي" جي ڏکڻ ۾ آهي ۽ ان "اڳهاڇن" جي ويرسان "ڦٽوڙ" نالي هڪ ڳوٺ پڻ موجود آهي.

ٻي روايت ، جيڪا حيدرآباد جي ميراثين جي آهي ۽ جنهن ۾ باوجود نَوَن اضافن ۽ واڌارن جي ڪي آڳاڻا اهجاڻ موجود آهن، ان موجب پڻ عالادين پهريائين اچي "روپاڻ جي ميدان" ۾ لٿو ۽ اتان پوءِ وڃهه ڪوٽ وڃڻ جو ارادو هوس.[3] اڳتي انهيءَ ميدان کي "روپاڻ واڻ"، "ويرا واڻ" يا "ويرا واڻ جو ميدان" چيو ويو آهي. ننگر مقابلي لاءِ آيو ته "روپاڻ واڻ" يا "ويرا واڻ" تي اچي لٿو[4]:

"طنبو دوداڻين جا، ڪُتا ويرا واڻ"

چنيسر به ننگر ۽ منگر کي عالادين جي اڳيان ڪڍي حفاظت سان "ويرا واڻ" ۾ سندن طنبن ۾ وڃي آيو. جنگ جو ميدان به "ويرا واڻ" لڳ هو:

منگر ڪيائين ڪوڙي ۾، ننگر پاڪر پاءِ
وڃي آيو پانهنجا، اچي ويڙهائين ويرا واڻ
چئي: ننگر هي طنبو آهن اوهان جا، هوءَ اٿو جنگ جي جاءِ[5]

---

1 دودو چنيسر، ص 52
2 ساڳيو: ص 68
3 ساڳيو: ص 921
4 ساڳيو: ص 931, 933
5 ساڳيو: ص 1065

ٻئي طرف عالادين جي سپهه سالار بانڪي برخوردار به قصد ڪيو ۽ چيائين ته:

آءٌ سياڻي سويل چڙهي اچي ويڙهيان ويرا واهه[1]

۽ پوءِ شيدي چڙهيا سي به:

اچي لڌا ويرا واهه تي، روپاهه جي ميدان[1]

انهن اهجاڻن مان ظاهر آهي ته "روپاهه جو ميدان" ۽ "ويرا واهه" جڙ ساڳي ڳالهه هئا. يعني "روپاهه واري جنگ جي ميدان" جو نالو "ويرا واهه" هو. اهو ميدان "ٻڪار جي ٻيلي" (= ٻنگار جي ٻيلي) لڳ هو ڇاڪاڻ جو ميدان مان جڏهن شيدي ڳچو تڏهن ٻڪار جي ٻيلي جي پر ورتائين.[2] فقير مولا بخش واري روايت، جنهن ۾ "ويراهه واهه" ۽ "روپاهه جي ميدان" ۽ پڙ انهيءَ ميدان جو "ٻڪار لڳ ٻيلي" جو ذڪر آهي، تنهن ۾ وڌيڪ ڄاڻايل آهي ته عالادين جو "شڪاري" سپهه سالار جڏهن جنگ تي چڙهيو ته هن جي هَلان جڙ روپاهه تي هئي. يعني ته جنگ کان پوءِ هو روپاهه لُٽيندو پر جڏهن شڪاري جنگ مان پڳا ته "سنڌڙي" ٽپي وڃي ٻيءَ پر ساهه کنيائون.[3] سنڌڙي ۽ وڳهه ڪوٽ کان اتر بدين جي طرف اسان کي ٻيو ڪو "ويرا واهه" معلوم نه ٿي سگهيو. هڪ "ويرا واهه" ننگرپارڪر طرف آهي، جيڪو "روپاهه" کان پري ٽيندو. ٿي سگهي ٿو ته "ويرا واهه" شايد "وٽراهه" جي. بدليل صورت هجي ۽ "وٽراهه" ساڳي "اڳياه وٽن" واري وٽراهه هجي. ننگر ۽ دودي جون جنگيون انهيءَ "اڳياه وٽن" واري ميدان يا روپاهه جي ويرا واهه واري ميدان ۾ ٿيون ۽ ننگر جي مارجڙ کان پوءِ سندس لاش "روپاهه" موڪليائون. دودي جي مارجڙ کان پوءِ پڙ عالادين جي لشڪر روپاهه کي لٽيو ۽ پڙ چنيسر به "روپاهه ڪوٽ" (حويلي) ۾ ويو جيڪو خالي ڏٺائين. ڇاڪاڻ جو سومريون اتان اڳ نڪري چڪيون هيون.[4]

---

[1] دودو چنيسر، ص 943 ۽ 1081 عالادين جا ٻيا سپهه سالار به پوءِ "ويراواهه" تي چڙهي آيا (ص 946، 948، 951)

[2] ساڳيو: ص 1084، 1093

[3] ساڳيو: ص 1072 ۽ 1076

[4] ساڳيو: ص 20، 27، 305

وڳهه ڪوٽ

ڪن روايتن موجب،عالادين جو لشڪر سڏو وڳهه ڪوٽ تي چڙهيو ۽ شهر جي ويجهو اچي لٿو[1] ۽ جنگ ٻه وڳهه ڪوٽ جي پرسان لڳي.[2] پوءِ جڏهن دودو ماريو تہ عالادين جي لشڪر وڳهه ڪوٽ جو شهر ڦريو.[3] هڪ روايت موجب دودو چڙهيو تہ اچي "ويراهه واهه" تي لٿو پوءِ جنگ وڳهه ڪوٽ لڳ ٿي.[4]

ٻنگار

ڪچهرين ۾ ڪن سگهڙن پنهنجن زباني بيانن ۾ چيو تہ عالادين بادشاهه "ٻنگار" ۾ اچي لٿو هو جنگيون ٻه اتي لڳيون. ۽ ننگر ۽ دودو ٻه اتي ماراٽا. جمعي مهاٽي جي روايت ۾ ڄاڻايل آهي تہ عالادين چڙهيو تہ اچي "ٻنگار" ۾ لٿو ۽ اتان وڳهه ڪوٽ ڏانهن دودي ڏي خط لکيائين.[5] شاعر سامي جي آڳاٽين ڳاهن واري روايت ۾ پڻ "ٻنگار" جو نالو ڪنيل آهي:

ستين ڏينهن، سامي چئي، چڙهيو مير متار
تنهن سين لڪا پارلؤسيا، ٻرئو "ٻيٽ ٻنگار"[6]

يعني تہ، جڏهن عالادين ڪتڪ ولي چڙهيو تہ "لنڪا" واري ڏِس تي، يعني ڏکڻ طرف لاڙ ڏانهن ملڪ لهسجي ويا ۽ "ٻنگار جو ٻيٽ" (جنهن تي عالادين چڙهي آيو ۽ جنهن ۾ اچي لٿو سو تہ) هري ويو.

ٻنگار جي ديهه هن وقت تائين تعلقي ٽنڈي باگي ۾ موجود آهي.[7] اها ٻنگريي کان ٽي ميل ڪن اپرندي ۽ پراڻ درياءَ واري ڏوري سان لڳولڳ الهندي طرف آهي. ٻي ٻنگار بدين تعلقي ۾ "ٻنياڻي" (جيڪا بدين کان ٽي ميل اولهه ـ ڏکڻ طرف هڪ وڏي سر ۽ ڏنڊ آهي) کان ٽي

---

1 دودو چنيسر، ص 248 ۽ 326
2 ساڳيو: ص 1169، "ٽير والڪو وڳهه ڪوٽ ۾" (ص 1175)
3 ساڳيو: ص 656
4 ساڳيو: ص 1177 ۽ 1181
5 ساڳيو: ص 856ـ855
6 ساڳيو: ص 48
7 هن ديهه جي ڏکڻ ـ اولهه طرفان "ديهه احمداڻي" آهي، جنهن ۾ "پراڻ درياه" جو "باغ وارو پٽڻ" آهي، جتي هڪ جهولي شهر جا ميساريل ڪنڊرات موجود آهن.

ميل ڏکڻ-اولهه طرف آهي. موجوده دور ۾ ٽنڊي باگي تعلقي جو سنو اپرنديون پاڳو جيڪو ڏوري پراڻ سان لاڳو آهي، سو "ہنگار" ۾ شامل سڏجي ٿو. ٽي سگهي ٿو تہ آڪاڻي وقت ۾ پراڻ درياهه کان ونڊي الهندي طرف ويندي بنيالي تائين ۽ هيٺ ويندي پتاري تائين، جتي پُراڻ ۽ هاڪڙو ڏورو گڏجن ٿا. سڄي اراضي ہنگار جي هجي. ان وقت اها سڄي راضي يا ان جو وڏو پاڳو پراڻ درياءَ ۽ ہٻي ڪنهن وڏي ڏوري (ريڙ؟) جي وچ ۾ ہيٺ مثل دوآبو هجي ۽ انهيءَ ڪري ان کي "ہيٺ ہنگار" سڏيو ويو. بهرحال ہنگار هڪ وڏي آباد اراضي هئي، جنهن ۾ "ہارهن تڙ" هئا. چنيسر کي دودي "ہارهن شهر ہنگار جا" ذاتي جاگير طور آڇيا هئا.[1] چنيسر کي موٽائڻ ۽ ننگر ميڙ ڪري موڪلياٸين ۽ چياٸين تہ:

ہارهن شهر ہنگار جا، پلي خان ڪٽي کائي
نوين لکين جي سنڌڙي، اچي هٽ سان هلائي
(ص 815)

نہ فقط ايترو پر عالادين پڻ ہنگار جي آبادي جي هاڪ ہڏي هئي ۽ "ہنگار جا ہارهن شهر" پنهنجي خادم حسڻ گاهيءَ کي جاگير طور معاف ڪري ڏيڻا ڪيا هئاٸين.[2] غالباً ہنگار هڪ پرڳڻو هو ۽ ان پرڳڻي جي مکيہ شهر جو نالو پڻ ہنگار هو. هڪ بيان ۾ ڄاڻايل آهي تہ چنيسر جڏهن دهلي ۾ هو تہ موهن سوناري جي ڏيءَ، جيڪا اصل ہنگار شهر جي هئي، پر دهليءَ ۾ پرڻايل هئي، تنهن چنيسر کي سڃاتو. چنيسر جڏهن کانئس پڇيو تہ چياٸين تہ:

"ويٺل شهر ہنگار جي، موهن منهنجو پياءَ"
(ص 502)

اهو شهر ڪهڙي ماڳ هو سو ڄاڻي نٿو سگهجي، پر موجوده "ديهه ہنگار" سان لاڳو ڏکڻ-اولهه طرف "ديهه احمداٹي" آهي، جنهن ۾ پراڻ درياءَ جو آڪاڻو "باغ وارو پتڙ" آهي، جتي هڪ جهوني بستيءَ جا آثار

---

[1] دودو چنيسر، ص 96، 518، 643، 815، 867
[2] ساڳيو: ص 272

آهن، جتان پراڻيون شيون ۽ سڪا لپن ٿا. ٽي سگهي ٿو ته اهو (يا ڪو ٻيو پراڻو پد) "ٻنگار جو شهر" هجي. ٻنگار جي اها آباد اراضي هڪ ته وڏي بادشاهي لشڪر جي لهڻ لاءِ موزون هئي ۽ ٻيو ته روپاهه واري مرڪزي علائقي (تعلقو بدين) کان گهڻو پري ڪانه هئي.

ٻڪار

گهڻين روايتن ۾ ائين ڄاڻايل آهي ته عالادين بادشاهه اچي "ٻڪار" ۾ لٿو. غور ڪندي معلومٿئي ٿو ته غالباً آڪاٽي وقت ۾ هلندڙ ڳالهه ۾ "ٻنگار" هو پر پوءِ جي بيانن ۾ نالي جي هڪجهڙائي سببان "ٻڪار" الو آندو ويو. جن بيانن ۾ "ٻڪار" نالو آندل آهي، انهن مان هڪڙا اهڙا آهن جن ۾ ڇڻ "ٻنگار" کي "ٻڪار" چيو ويو آهي. يعني ته اصل مراد "ٻنگار" آهي، پر "ٻڪار" ڪري ڄاڻايو ويو آهي. البت ٻيا اهڙا بيان آهن، جن ۾ "ٻنگار" کان الڳ، ٻڪار جو نالو هڪ جدا پرڳڻي يا شهر طور آندو ويو آهي. هيٺيان بيان جيڪي هن کان اڳ عالادين جي چڙهي اچڻ جي سلسلي ۾ اچي چڪا آهن،[1] تن ۾ جيتوڻيڪ "ٻڪار" جو نالو آيل آهي، مگر ان مان مراد "ٻنگار" ئي آهي، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون.

گجرات يا ڪنيات طرف عالادين جي اچڻ وارن بيان مان ظاهر آهي ته هو روپاهه جي ميدان ۾ اچي لٿو اهو ٻڌي ننگر جي ماڻ چيو:

"بادشاه ٻڌان ٽي ٻڪار ۾، جنهن روڪيو تڙ روپاهه.

"ٻڪار" مان مراد "ٻنگار" آهي، ڇو ته اهائي روپاهه کي ويجهي هئي. "ٻنگار" وارو لشڪر ئي روپاهه جو ڪو تڙ جهلي سگهي ٿو.

اروڙ ۽ سيوهڙ واري طرف کان عالادين جي اچڻ واري بيان ۾ ڄاڻايل آهي ته سيوهڙ کان پوءِ هو ٻڪار ۾ پهتو. يعني ته ٻڪار سيوهڙ کان ٻه هيٺ لاڙ ۾ هئي. انهيءَ انداز موجب "ٻڪار" مان مراد "ٻنگار" ٿيندي.

---

[1] دودو چنيسر، ص 59

عالادين جو لشڪر ونگي ۾ ولهار طرف آيو. پٽڻ تي اچي "لکي باغ" ۾ لٿو. پوءِ اتان چڙهيو ۽ اچي "بڪار" ۾ لٿو. ونگي ۽ ولهار جي نالن مان پراڻ درياء جي "باغ واري پٽڻ" ۽ ان جي پويان "لکي باغ" جي نالي ڏانهن گمان ويجي ٿو. اهي اهڃاڻ انهيءَ طرف رهنمائي ڪن ٿا تہ "بڪار" مان مراد "ہنگار" آهي.

عالادين هاڪڙو چوري ٽپڻ بعد "سينهائي" ۽ "سانگي ڍرهي" کان، يعني تہ جهڏي گدام ۽ پراڻ جي اولهہ طرفان اڳتي وڌيو. ٻيو اهڃاڻ "سيڙهي" جي نالي سان هاڪڙي ڏوري جي پٽڻ جو آهي. جيڪو پڻ "نئين ڪوٽ" کان ڏکڻ طرف آهي. انهيءَ رخ تان لشڪر آيو. جيڪو بالآخر اچي "بڪار" ۾ لٿو. ظاهر آهي تہ انهيءَ "بڪار" مان مراد "ہنگار" ئي آهي.

ننگر جو وڳهہ ڪوٽ مان چڙهي ۽ منزلون ڪري "بڪار" پهچن وارن بيانن مان پڻ ڪي بيان اهڙا آهن، جن ۾ "بڪاڙ" مان مراد "ہنگار" ئي آهي. مثلاً:

عالادين بادشاهہ جو هاڪڙي چوري ۽ پوءِ سينهائي ۽ سانگي ڍرهي واري پاسي کان ۽ بلآخر "بڪار" (ہنگار) پهچڻ واري روايت صابر نوحاڻي جي آهي. ان ساڳيءَ روايت ۾ ڄاڻايل آهي تہ ننگر وڳهہ ڪوٽ مان نڪتو ۽ پوءِ گونگي تڙ، روپاهہ ۽ مهراڻي جون منزلون ڪري اچي "بڪار" پهتو. اها بڪار ساڳي "ہنگار" چئبي.

ٻين بيانن ۾ ڄاڻايل آهي تہ ننگر بڪار ڏانهن اينديءَ "ويراهہ واهہ" پهتو يا سندس يار اچي "ويرا واهہ" تي چوڪي ٽيا.[1] "ويرواهہ جو ميدان" ساڳيو "روپاهہ جي جنگ وارو ميدان" ۽ انهيءَ مناسبت سان پڻ "بڪار" مان مراد "ہنگار" ونجي، جو اها نسبتاً روپاهہ جي حدن کي ويجهي هئي.

مٿين بيانن کان سواءِ ڪن ٻين روايتن ۾ جنهن "بڪار" جو ذڪر اچي ٿو سا "ہنگار" ناهي بلڪ "بڪار" ئي آهي، جنهن جا حوالا هيٺين طرف ڏنل آهن:

---

[1] دودو چنيسر، ص 673، 676، 765

عالادين دهليءَ مان چڙهيو ۽ اچي ماٽيلي وٽ دهلي ۽ سومرن جي حڪومت جي دنگ تي لٽو. هتان ننگر چڙهيو سو به اچي بکار ۾ لٽو. هن بيان کي وهڃائيندي، سگهڙ ميان غلام حسين کلهوڙي چيو تہ اِها بکار اُها جيڪا روهڙيءَ کان مٿي آهي.[1]

بکار جو شهر سرحد تي هو: اورئين (ڏاکڻين) پاسي دودا (سومرا) هٿا ۽ پرئين (اترئين) طرف عالادين جي حڪومت هئي. بکار جو شهر سومرن جي حڪومت جي اندر هو.[2]

"بکار" جو حاڪم دلوراءِ هو.[3] "دلوراء" جي حڪمراني جي نسبت "اورڙ" سان آهي، جنهن جو بيان "سيف الملوڪ" واري ڳالهہ ۾ آهي، جيڪا "تاريخ طاهريءَ" جي مصنف بيان ڪئي آهي. انهيءَ لحاظ سان "بکار" پڻ اروڙ طرف هئي.

انهن ۽ هين اهڙن بيانن مان ظاهر آهي تہ بکار مان مراد اها بکار آهي، جيڪا روهڙي ۽ پني عاقل تعلقن جي حدن اندر آهي. روهڙي تعلقي جو ڏکڻ-اولهندیون پاڳو ۽ پني عاقل تعلقي جو ڏکڻ-الهندیون پاڳو سڄي "بکار" جي اراضي آهي، جنهن ۾ هينيان ڳوٺ، واهڻ ۽ وسيون شامل آهن:

شيرو جن جو ڳوٺ، صالح پٽ، ڏنڊي، ٽِلور يا تِروڙ ڄنوجي، شاهي پٽ، سيراهي، راناڊين، آڪوهر، لڙها، ڪونڙي ۽ سنگرار جيڪو موجوده بکار جاگير جو مرڪزي شهر آهي.

بکار جاگير ۾ آڪاڻي وقت کان وٺي هڪ ڏنڊ "چنيسر جي ڏنڊ" سڏجي. اڳئين وقت ۾ بکار شايد ڪو وڏو پرڳڻو هو، جيڪو ناري جي ايرندين ڪنڊيءَ سان هيٺ ڏکڻ طرف ويندي موجوده سانگهڙ ضلعي جي حدن تائين پکڙيل هو جتي هن وقت پڻ هڪ وڏي شاهي اراضي "بکار" جي نالي سان سڏجي ٿي.

"هنگار" ۽ "بکار" جي ماڳن ۽ حدن جي مٿين وضاحت بعد هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ عالادين بکار واري پاسي کان آيو پر آخري

---

[1] دودو چنيسر، ص 510، 520 ۽ 553

[2] ساڳيو: ص 522، 807

[3] ساڳيو: ص 423، 443

جنگيون "هنگار" ۾ ئي لڳيون هونديون. چاڪاڻ جو اهو علائقو سومرن جي گاديءَ جي شهرن روپاهه ۽ وگهه ڪوٽ کي وڌيڪ ويجهو هو ۽ عالادين پڻ روپاهه ۽ وگهه تي ئي ڪاهه ڪئي هئي.

عالادين کي آڻڻ کان پوءِ چنيسر جو ڪردار

چنيسر کي طعنن تائي ڪنيو هو جو دهلي دانهين ويو. اتي ٻارهن-چوڏهن سال ڪن رهيو ۽ لوڻن ۾ اچا ٻڌجي ويس.[1] شروع واري عرصي ۾ دودي کي قاصد ڏانهس موڪليا،[2] پر پوءِ چنيسر جي چوٽ موجب ڪوبه ماڻهو وٽس ڪونه آيو ۽ ڪنهن به سندس پوئواري ڪانه ڪئي. تڏهن حيلا هلائي، عالادين بادشاه کي مجايائين ته شاهي لشڪر ساڻ ڪري ساڻس گڏي هلي دودي تي چڑهائي ڪري. چنيسر هيڪر بادشاهه کي دانهن ڏيئي چاڑهي ونڊي سو آيو پر پوءِ پچتايائين.[3] ساڳئي وقت ساڻس جيڪا جاڙ ٿي هئي، تنهن جي بدلي وٺڻ جو جذبو پڻ منجهس موجود هو. عالادين کي سنڌ ۾ آڻڻ کان پوءِ چنيسر جو ڪردار انهيءَ ڪشمڪش جو بنياد بنيو. هڪ طرف حيلي ۽ حرفت سان عالادين کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ۽ ضد ۽ شدت وچان دودي ۽ ٻين کي ختم ڪرائڻ تي ڪمر ڪشي ٻيلو ٻئي طرف وري غيرت ۽ ننگاوت جي جذبي کان پنهنجن جي گلا ۽ گهٽتائي نه سهڻ. ڪين وقت بوقت خبرون پهچائڻ ۽ صلاحون ڏيڻ لڳو ۽ آخرڪار عالادين سان جنگ جوڙڻ کان به نه مڙيو.

عالادين کي دهلي مان چاڙهي سنڌ ۾ آڻڻ کان پوءِ چنيسر جو عالادين تي پورو قبضو رهي ٿو:

> چئي: سيري آندومانءِ سنڌ ۾ هتان ڪيئن چڏيانءِ
> جي هتان موڻئين پوئتي، ته منهنجا سورهن ڪاج سڏاءِ.[4]

---

1 ڪن روايتن موجب ٻارهن سال، ڪن موجب تيرهن سال ته ڪن موجب چوڏهن سال چنيسر دهليءَ ۾ هو (ص 95، 125، 131، 279، 448 ۽ 936)

2 دودو چنيسر، ص 272، 281-282

3 ساڳيو: ص 964

4 ساڳيو: ص 580

هو دودي ۽ ٻين جي همت ۽ بهادري بيان ڪري عالادين ۽ سندس صوبن تي رعب ۽ هيبت ويهاري ٿو.[1] ٻئي طرف ويرِ ونڊ واري جذبي هيٺ هو عالادين ۽ سندس سپهه سالار کي انڪلون ڏسي ٿو ته ننگر، محمد، هاسي سوڍي يا دودي کي ڪهڙيءَ ريت مارجي.[2] باوجود انهيءَ جي عزت ۽ ننگاوت وچان، پريٽ دودي ۽ ٻين جي نيڪي ناموس ڳائي ٿو[3] ۽ سومرن جي ڪابه گلا نٿو سهي.[4] دودي جي پاران بادشاهه سان ڳالهائي ٿو.[5] سومرن جي طرف جي سرسي ۾ خوش ٿئي ٿو.[6] پنهنجن جي گهٽتائي نٿو سهي: جڏهن عالادين جو صوبو گهرام خان نگر تي حملي لاءِ سنيريو ته ان کي روڪي چيائين ته، تون نگر جو مٽ نه آهين:

پُٽ مارائيندس ڪينڪي گيدي تو هٽاءِ

چنيسر، دودي کي وقت بوقت عالادين جي ارادن جون خبرون پهچائي ٿو ۽ ڪيس سجاڳ ٿيڻ ۽ پاڻ سنيالڻ جون صلاحون ڏئي ٿو.[7] پنهنجن جي مارجڻ جو ڪيس ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو ۽ پاڻ جوش مان ترار ڪڍي في الحال عالادين جي لشڪر ۾ ڪاهي پوي ٿو جيتوڻيڪ پوءِ عالادين کي عذر ڏئي ٿو ته سندس مغز جاءِ نه هو.[8] هو پنهنجن جا لاش ڪائي سينگاري پوٽني اماڻي ٿو يا خود پاڻ لاشن سان گڏجي وڃهه ڪوٽ وڃي ٿو[9] نه فقط ننگر ۽ ٻين سومرن سربراهن جا، پر ويندي دودي پان جو لاش پڻ سينگاري اُماڻي ٿو.[10]

---

1 دودو چنيسر، ص 295، 405، 625 وغيره

2 ساڳيو: ص 599، 619، 625 وغيره

3 ساڳيو: ص 521 وغيره .

4 ساڳيو: ص 523

5 ساڳيو: ص 779 وغيره

6 ساڳيو: ص 946 وغيره

7 مثلاً ننگر ڏي ٿو چوائي موڪلي ته هاڻي بادشاهه جو سڄو لشڪر توتي حملو ڪندو ۽ جي نڪري وڃو ته مهل آڻو (946)

8 دودو چنيسر: ص 620، 626، 628، 631، 936 وغيره

9 ساڳيو: ص 621، 629، 741 وغيره

10 ساڳيو: ص 585

سنڌ ۾ سور هين جا مقابلا ۽ دودي جو موت

دودي گهڻيون ميڙون منڻون ڪيون ۽ وڏا وس ڪيا، پر چنيسر نه مڙيو ۽ چيائين ته ضرور دهلي دانهين ويندس ۽،

ڏيئي دانهن دهلي تي، چاڙهيان عالادين بادشاهه.

تڏهن دودي چيس ته جي اها رڻي اٽئي ته:

هاٽي سنڌ ترارين وچ ۾، جو ڪٽي سو نَر ڪاءِ
آهن سوپون وس ستار جي، جن ڏياري الله.[1]

دودي جو حوصلو ايترو ته بلند هو جو چنيسر کي چيائين: جي تون دهلي جي بادشاهه تي ايترو پر ٿو رکين، ته چو نه آءٌ توسان گڏ چڙهان ۽ دهلي فتح ڪري هلي توکي تخت تي وهاريان.[2] باقي جي تون وڃي عالادين کي چاڙهي ايندين ته پوءِ:

اسان عالادين جون، ڀالهيون راج ڪندا[3]

چنيسر جڏهن دهليءَ ۾ وڃي ڏَرٽو هٽي ويٺو ۽ عالادين کي سنڌ تي چڙهڻ لاءِ ستائيندو رهيو تڏهن دودي پهه ڪيو ته عالادين هت ڪاهي اچي، تنهن کان چو نه آءٌ وڃي دهليءَ تي حملو ڪريان. انهيءَ ارادي سان دودو دهليءَ تي ڪاهڻ جي تياري ڪرڻ لڳو ۽ قومي قرض وٺڻ شروع ڪيائين.[4] سندس انهيءَ تياريءَ سنڌ ۾ سيني کي سجاڳ ڪري ڇڏيو. پر دودي جي دهلي تي ڪاهڻ کان اڳ جڏهن عالادين چڙهي آيو تڏهن سنڌ ۾ نه فقط دودو يا سومرا سردار ۽ ٻيا صوبا مقابلي لاءِ ڪمر ڪشي ٻيٺا، پر سڄي ملڪ ۾ راڄن جا ننڍا وڏا پڻ سر قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا.

رعيت ۽ راڄن طرفان مقابلا

عالادين جو لشڪر سنڌ جي سرحدن ۾ داخل ٿيو ته ننڍو وڏو سندس مقابلي لاءِ اٿي ڪڙو ٿيو. جنهن پئي ٻڌو ته دودي سان جنگ آهي،

---

1 دودو چنيسر، ص 910
2 ساڳيو: ص 648
3 ساڳيو: ص 851
4 ساڳيو: ص 284

تنهن پنهنجو پاڻ اچي پئي اول مقابلو ڪيو. ڏنائين پنهنجا ريڍار ميهار فقير فقراء، ملنگ موالي، مير بحر مهاڻا، گيهي گماشتا، ڪڙمي ڪاسبي، پان ۽ مڱڻهار ڪوري ۽ ڪنڀار سڀ وڙهيا. ڳاهه جي سنوارينڊن سگهڙن انهن مان ڪن جا نالا ڳڻايا آهن. سندن ماڳ ۽ مڪان ڄاڻايا آهن ۽ سندن مقابلا سارايا آهن. اهي تفصيلي پار پتا نه رکو ڳالهه کي وزن وٺائڻ لاءِ آهن. پر ان سان گڏ انهيءَ حقيقت کي پڻ واضح ڪرڻ ولاءِ آهن ته جڏهن عالادين چڙهي آيو ته نه فقط سومرا حاڪم وڙهيا، پر سڄي رعيت وڙهي ۽ سڀ راڄ وڙهيا. جو جتي هو سو اتي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويو ۽ عالادين جي لشڪر کي سنڌ مان سلامتي سان سنئين واٽ ويڙ نه ڏنائون. واٽ ويندي عالادين جي لشڪر کي چپي چپي تي، سنڌ جو هر نندو وڏو پنهنجي بُٽ ۽ بوتي آهر ڇڻ ڇتي ڏنگريءَ وانگر چنبڙي ويو ۽ ڪنڊي مثل چپي ويو واٽ تي ويرم پاهوڙي جڏهن بادشاهي لشڪر کي وچڙي ويو ته عالادين پڇيو ته:

ڪا وڳڙي آڻان ڏينگري ڪو وڳڙو آڻان ڪانهه[1]

مطلب ته دودي تائين پهچڻ کان اڳ واٽ تي جڏهن هر نندو وڏو سر گهوريڻ لاءِ ست ساهي ڪنڊ ۾ ڪاهي پيو ته اهڙي حالت اچي بڻي، جو ڇڻ گس ۾ ڪڪ ۽ ڪانهه وڙهڻ لڳا. وڙ ۽ واتون وڙهڻ لڳيون. تڏهن عالادين به حيران پريشان ٿي چيو ته:

"ڪل پئي ٿي ڪانه ڪا، واتون ٿيون وڙهن.[2]

دودي جا سربراهه ۽ سڄڻ جيڪي وڙهيا

رعيت ۽ راڄن جي عام ماڻهن کان سواءِ ڪن خاص سربراهن سومرن سردارن ۽ دودي جي سڄڻن ساٿين عالادين جي لشڪر سان مسلسل جنگيون ڪيون. ڳالهه جي بيانن ۾ هيٺين جا نالا آندل آهن:

ويرم پاهوڙيو (پاهڙيو پاهوڙو پائرو يا پائليو) جيڪو دودي جي درٻارين مان هو[1] تنهن جڏهن ڏٺو ته عالادين جي مقابلي ۾ دودو ٻين

---

1 دودو چنيسر، ص 286

2 ساڳيو: ص 622

ڏانهن مدد لاءِ خط ٿو لکي ۽ نگر کي ٿو جنگ تي چاڙهي. تڏهن وڏي همت ۽ حوصلي سان وري وري دودي کي ائين پئي چيائين ته: دودا! تون پڻ چڙهه ته هلي بادشاهه جو مقابلو ڪريون:[2]

"پيل پاهوڙي جي پويان دودا! چڙهه ته ڏسون بادشاهه"

پوءِ جڏهن عالادين جو لشکر هاکڑو ڏورو ٽپيو ته ويرم پاهوڙيو پنهنجي جنگجو بهادرن سان شاهي لشکر کي اڙ ٿي بيٺو ۽ وڏي جنگ ڏنائين:

"وڙهيو ويرم پائليو جنهن ماريو لک سوا"[3]

هڪ بيان موجب هن ماڻيلي وٽ مقابلو ڪيو[4] ۽ ٻئي بيان موجب هن جو ماڳ مڪان روپاهه جي ٻاهران هو.[5] اسان کي جاتي ۽ شاهه ڪپور طرف ڪيل ڪچهرين ۾ ائين معلوم ٿيو ته ويرم پاهوڙيي جي ماڙي جا نشان، شاه ڪپور کان 3 ميل اوپر طرف گونگره درياءَ (ڏوري) جي ڪنڌيءَ تي آهن.

ممنگ سومرو دودي جي پاران سفير ٿي عالادين وٽ ويو. پر اتي چنيسر جي چور تي کيس مان نه ڏنائون ۽ دودي تي حملي لاءِ تيار ڪيائون. تڏهن ممنگ وڙهيو تان جو مارجي ويو.[6]

مر ڳاهو دودي جو سالو جيڪو عالادين بادشاهه وٽ يرغون ۽ نذرانا کڻي ويو پر جڏهن عالادين مٽس ٻچ ڪرائي. تڏهن وڙهيو ۽ وڙهندي مارجي ويو.[7]

مُبيڻ مُهلاڻي گهوڙيون ۽ ٻيا تحفا چنيسر لاءِ کڻي ويو:

"پيٽ کڻي هليو پاءُ ڏي مُبيڻ مُهلاڻي".

---

1 "پاهوڙيو" ذات جو نالو "پهوڙ" مان ملي ٿو. ڪن بيانن ۾ ويرم کي هڪ فقير، يا چور يا ڪورين جو سردار پڻ ڪوٺيو ويو آهي (ص 19، حاشيه ص 173، ص 286)

2 دودو چنيسر، ص 864

3 ساڳيو: ص 173

4 ساڳيو: ص 286

5 ساڳيو: ص 19

6 ساڳيو: ص 174_175

7 ساڳيو: ص 722_723 ۽ 759_761

عالادين آڏو سڃو احوال ڪيائين ۽ ڪيس تحفا ۽ ڏنائين. چنيسر آڏو سڃيءَ ڀالھ کي اھڙو رنگ ڏنو جو مُيب مھلاٽي تي لشکر وري ويو ۽ ھو بھادريءَ سان وڙھندي مارجي ويو.[1]

سوڍن جا سالار "ڏيئو ۽ آسيو سوڍو" نو سؤ ڏاڻي، ست سؤ سوڍا ۽ پرمار وڙھيا. شاعر سامیءَ جي آڳاٽي ڀاھ ۾ آھي تہ:

"اتي آسيو سوڍو پڙ ۾ سِرَ سالارن جا لاھي."[2]

پوئين دور ۾ ڀالھ جي شاعرن ۽ راوين غالباً "آسي سوڍي" کي پوءِ "ھاسي سوڍي" جي نالي سان ڳايو. جيتوڻيڪ ھي ھڪ آڳاٽي روايت ۾ "ھاسي سوڍي" جو نالو آندل آھي ۽ ڄاڻايل آھي تہ ھاسو سوڍو عمرڪوٽ جو ھو ۽ دودي جو يار ھو. ھو ست ويھون سوڍن جون ساڻ ڪري جنگ ۾ آيو ھو.[3] پوئين دور جي اڪثر روايتن ۾ ھاسي سوڍي کي چنيسر جي پٽ محمد جو يار ڪري ڄاڻايل آھي. ھڪ بيان موجب ھالار ڪوٽ جو حاڪم ھو ۽ سندس چاچو "ٻاھڙ مير" جو حڪمران ھو.[4] اڪثر روايتن موجب محمد ۽ ھاسو ٻئي گڏجي جنگ تي چڙھيا. مگر ڪن بيانن موجب محمد کان اڳ ھاسو جنگ تي چڙھيو.[5] ھاسي جي جنگ ننگر جي جنگ کان پوءِ ۽ دودي جي جنگ کان اڳ ٿي.

ٻاڙ وزير ۽ سڀ سالار دودي جو جيڪو پنھنجن ٻارھن چوندِ ساٿين سان گڏ عالادين جي ٻاھتر امراء سان وڙھيو. ان وقت ننگر مارجي ويو ھو ۽ ٻاڙ دودي کي چيو تہ ھاڻي ساموں ڪيڙي روانيون ڪر. سامن کي روانو ڪرڻ بعد ٻاڙ وڏي جنگ ڏني.[6]

گھلو گھانگھرو پنھنجي پاڙي جو سردار ۽ جُنگ جو جھونجھار ھو. ھو دودي سان گڏجي جنگ تي چڙھيو.[7]

---

1 دودو چنيسر، ص 664_665 ۽ 668
2 ساڳيو: ص 54
3 منشي آڌارام جي لکايل ڀالھ، ص 22_23
4 ساڳيو: ص 552، 558 ۽ 560
5 ساڳيو: ص 566
6 ساڳيو: ص 54 ۽ 193
7 ساڳيو: ص 568 ۽ 604

سومرن بادشاهن جي حڪمران گهراڻي مان چنيسر جي پٽ ننگر، دودي جي پٽ پونگر (يا منگر)، چنيسر جي پٽ محمد ۽ دودي بادشاهه پنهنجي سائين سردارن ۽ جان نثار فوجن سان وڏي جوانمرديءَ ۽ بهادري سان جنگيون ڪيون ۽ هو هيلهون ٻڌي وڙهيا.[1] پچاڙي جو چنيسر ۽ جنگ ڏني. هن وقت عام مشهور هلندڙ ڳالهه جي اڪثر روايتن ۾ انهن سيني سورهين جي جنگين جو ذڪر آهي، پر لاڙ جي ياڻن يعني ته سامي شاعر جي بيتن واري سپ کان آڳاتي ڳالهه ۾ سومرن جي خاندان مان فقط دودي جي جنگ جو ذڪر آهي، ۽ غالباً تاريخي لحاظ سان پڻ اهوئي صحيح هجي، پر وقت گذرڻ سان ڳالهه ڦهيرن هن ڪوپائي ڪٿا ۾ اضافا ڪيا ۽ ٻين سورهين جي ڪارنامن کي وڌايو ۽ ويجهايو. منشي اُڌارام واري لکايل ڳالهه (جيڪا سامي شاعر واري ڳالهه کان پوءِ جي آهي) ۾ پهريون پيرو ننگر جي جنگ جو ذڪر اچي ٿو پر ائين ڄاڻايل ڪونهي ته هو ڪو چوڌهن سالن جو ڇوريرو هو هيو ته ننگر سان گڏ سندس ٻئي ڪنهن سائي منگر يا پونگر جو پٽ ذڪر ڪونهي. جيئن پوءِ تيئن وقت گذرڻ سان واڌارا ٿيندا ويا ۽ هن "ڪوپائي ڪٿا" جو وزن وڌندو ويو. صابر نوحاڻي جي روايت ۾ جيڪا پڻ آڳاتي آهي، تنهن ۾ وڌيڪ واڌارن سان هن جنگ-ڪيڏاري جا مڙيئي لوازمات پورا ٿيندا نظر اچن ٿا. انهيءَ روايت ۾ ننگر سان گڏ دودي جي پٽ مُنگر بدران پُونگر جو ذڪر آهي، ۽ پانئجي ٿو ته اهو وڌيڪ موزون ۽ مناسب آهي. اسان جي خيال ۾ مُنگر جو نالو نسبتاً پوئين دور ۾ هڪ غلط فهميءَ سببان پيدا ٿيو. منشي اُڌارام واري لکايل ڳالهه ۾ سپ کان پهريائين ننگر جو ذڪر اچي ٿو تر ۾ ننگر جي جنگ بابت هڪ ڳاهه آهي ته:

ننگر مغل پاڻ ۾ چڙهي ڏني چوٽ
پيچي چت چيهون ڪري گهٽا ماريائون گهوٽ
(ص 20)

---

[1] فقير مولا بخش ميراڻي واري روايت ۾ ڳالهه جو ويچار ص 1095

ڳالهه جي "ويچار" موجب هن ڳالهه جو مطلب اهو آهي ته ننگر (سومرن جي لشکر جو سپهه سالار) ۽ مغل "عالادين يا عالادين جو سپهه سالار) آمهون سامهون چڙهيا ۽ هڪٻئي سان وڏي جنگ ڪيائون. جنهن ۾ عام سپاهين کان سواءِ ٻيا ڪيترائي صوبا ۽ سردار پڻ مارجي ويا. پر ڳالهه جي "ويچار" کان سوءِ. اها "ڳاهه" جڏهن ڪن سگهڙن ٻڌي ته ان مان اهو مطلب ڪڍيائون ته "ننگر ۽ مُنگر" گڏجي جنگ تي چڙهيا. سنڌي اُچار موجب "مُنگر" يا "مُنگر" نالو ساڳيو "مغل" آهي. غالباً انهيءَ غلط فهميءَ سببان پوئين دور جي روايتن ۾ "ننگر ۽ مغل" بدران "ننگر ۽ منگر" جو نالو آندو ويو.

منشي اُڌارام واري لکايل ڳالهه ۾ ننگر جي جنگ جو ذڪر آهي. پر پوءِ جيئن هي ڳالهه وڏي ته ڳالهه جي شاعرن ان ۾ وڌيڪ گل وڌا. يعني ته ننگر کي تيرهن-چوڏهن ورهين جو ڳيرو تصور ڪيو ويو ۽ ساٺس گڏ سندس "پنجاهه يار" شامل ڪيا ويا.[1] هڪ روايت موجب. منگر کان سواءِ ننگر جو ٻيو هڪ سؤٽ "هالو" پڻ وڙهيو.[2] ٻي هڪ روايت موجب "نهري ننگر راوَ" ۽ "مگر راوَ" کان سواءِ "منگهه راو" پڻ جنگ ڏني.[3] ڪن روايتن ۾ ننگر جا يار سومرا. سما. سودا. جاڙيجا. سهتا ڪري ڄاڻايل آهن ۽ منجهائن ڪن جا نالا پڻ ڪنيل آهن. جيئن ته حيدر هُوليائي (سومرو). ڪاهيُون جام (سمو). چٽو جاڙيجو سوائي (سمو يا سهتو يا سودو) ۽ سرڪند سودو.[4]

ننگر جي جنگ

آڳاٽي دور ۾ غالباً دودي جي جنگ هن ڳالهه جي جان هئي. پر اندازاً پوين ڏيڍ سؤ سالن (يا ايجان بہ اڳ) کان وٺي جڙ سجو ڏيان ننگر جي

---

1 سامي شاعر جي بيتن واري ڳالهه توڙي منشي اُڌا رام جي لکايل ڳالهه ۾ امرُو کو ذڪر ڪونهي. اهو اضافو صابر نوحاڻي، واري ڳالهه (کان شروع ٿيو) ۽ پوءِ ٻين روايتن ۾ موجود آهي.

2 صابر شر جي روايت. ص 358

3 امام بخش مهر جي روايت. ص 349

4 ص 90, 187, 444_445, 701, 783, 865, 948_949, 978, 1095

جنگ تي رهيو ايتري قدر جو دودي جي جنگ پڙ ان جي پاڇي ۾ ڏيکجي وئي.[1] اهو انهيءَ ڪري جو اڇان ڳيرو جوان آهي، جو جنگ تي وڃي ٿو:

منهن ۾ ناهيس مسڙي، اڇان چوٽن اٽس چاهه
سونا ڪنگڻ سومري، جنهن جي ڪنن ۾ لوڙڪا
(ص 870)

سنڌس شادي جون ٽِڪون ۽ تياريون پيون ٿين، جو هو غيرت ۽ وطنيت جي جذبي هيٺ پنهنجي چاچي دودي جي طرفان پنهنجي پيءُ چنيسر جي برخلاف ڪو ارادو ڪري چڙهي ٿو ۽ چاچي کي چوي ٿو ته:

وڃان ٿو وڪيل ٿيو من بابو ڪري پرچاء
جي پتيل پر تو ڪينکي ڪيائين جهيڙي جو به وڌاء
ته پوءِ آهن اسان کانَ قبوليا، عالادين آڇياء
سر ڪنداسون صدقو گهورون لڇن تا
ملهون ميڙهون کوڙيون، ڳوڌا وهندا ڳاهه
سنڌ ملهائيندا سومرا، جسين سنڌن سسيءَ ساهه
(ص 899)

ننگر ذاتي طور وڏو خوددار بهادر ۽ بيباڪ آهي، ڪيس "نهرو" يا "ننگر راڄو نهرو" ڪري سڏيو ويو آهي.[2] جڏهن پهريائين عالادين جي چانوٽي ۾ پهچي ٿو ته وچان بيپرواهه ٿي لنگهي ٿو عالادين جي وزيرن، صوبن، سپهه سالارن کي بي دڙڪ ٿي ملي ٿو ۽ کين سڃي هٿ سان نه بلڪ کهي هٿ سان سلام ڪندو آڏو جواب ڏيندو آخر وڃي پٽس چنيسر سان ملي ٿو. پيءُ کي سمجهائي ٿو پر هو جڏهن نٿو مڃيس ته ڪيس سڏيون سٽائي ٿو. عالادين کي کهي هٿ سان سلام ڪري ٿو ۽ جڏهن بادشاهه ڀاڱهي جي سڳ جي ڳالهه ڪڇي ٿو ته ڪيس ٻهه پهه جواب ڏئي ٿو ته:

---

[1] مثلاً، ڏسو يار محمد ماڇيءَ جي ڪنيل ڳالهه جنهن ۾ دودي جي جنگ فقط نالي ماتر پچاڙيءَ ۾ بيان ڪئي ويئي آهي (دودو چنيسر، ص 846)

[2] ص 347، 349 ۽ 668

تون ترڪ، اسين سومرا، اها ڪيئن جوڙ جڳاءِ

ان بعد جڏهن جنگ جي نوبت پهچي ٿي تہ بادشاهي لشڪر سان وڏي بهادريءَ سان وڙهي ٿو ۽ عالادين جي سپهہ سالارن کي هڪٻئي پٺيان شڪستون ڏيئي پورو ڪري ٿو.[1] ننگر ۽ مُنگر جي جنگ جو بيت هي آهي

پڙ پوٺا پونگر جا پيا رڙنشي راند رهن
"هڑ" "وڙهہ" وائي وات ۾ آهي ننگر ٻيلئيڙن
شيشا لعل شراب جا، ڪيڀا ڪلاڙن
نر نشي نهوڙيا، ٻينا عيلي! عيلي! ڪن
لارين لاءِ وڏا ڏنا، دنالين ڏڏڪن
ماڪڙ وانگوئن مينهن جا، اچو ڪوڙين ڪان ڪرن
ڏڙ جني جا ڏوڙ ۾ اتي للهنگ پيا ليڙن
عضوا امرائن جا، لوهوءَ منجهہ لوڙهن
پالڪيون پرزا ڪري، ننگر هول پگا هاڙين
پؤ پگائون پُورن جو ڪڪا ڪيهون ڪن
رڪ جا ٻيلهنگ هڙن ۾ جئن جهانگي جهنگ هڙن
ستّيون وجهن سومرا، جئن لنپ جو گاهہ لڙن
ننگر سنديءَ جنگ کان، ٻينا توبهہ ! توبهہ ! ڪن
مرد ماريائون ميدان ۾ رڙ ڀيليو راون.
(ص 952)

ننگر جي حملي جو بيان:

سو اُلو اُڏاڙو باهہ مؤن، جئن اپ ڪڙي تارو
جنگ سندي ميدان ۾ وڃي نر ڪيو نارو
اڙد عالادين جو تنهن ۾ مڙد وڏو مارو
سو هُل هنبارين ۾ پيو ڪيائين چؤرنگ ۾ چارو
اڙدن مٽئون شينهن جان، ڪيائين امارو.

---

[1] ص 839_770، ننگر جي ٻيهاڪي ۽ بهادري لاءِ وڌيڪ ڏسو ص 385، 403، 404، 482_483، 518، 524، 528، 534، 537، 541

ننگر چوڏهن ڏينهن سانده جنگ ڪئي[1] ۽ سورهيائي ۽ سوڀ ٻئي ساڻس ٻانهن ٻيلي ٽيون. ڳالهه جي شاعرن پنهنجن بيتن ۾ ڳالهه ڪٽندڙن پنهنجن بيانن ۾ ننگر جي بهادريءَ کي ايترو ته چمڪايو جو جڙ اهو خيال پيدا ٽيو ته: ننگر مڙس مرڻ جو ئي ڪونه هو پر جي مئو هوندو ته پوءِ چنيسر هتان ئي مئو هوندو! انهيءَ گمان هيٺ پوين راوين مان ڪنهن چيو ته ننگر ۽ مُنگر کي چنيسر زهر ڏيئي ماريو.[2] ته ٻئي ڪنهن چيو ته ننگر ترار سان چنيسر هتان ماريو.[3] هڪ بيان موجب ننگر جمعي جي ڏينهن پساهه ڏنو. جڏهن سندس لاش ڪڇي آيو ته "ماروئڙي جي مقام" ۾ دفنايائون. جيڪو دودن جو (حڪمران گهراڻي جو) اصلي مقام هو.[4]

ننگر جي مارجڻ کان پوءِ چنيسر جي پٽ محمد ۽ سندس يار هاسي سوڍي وڏا مقابلا ڪيا ۽ اهي ماريا ته دودو جنگ تي چڙهيو.

دودي جون جنگيون

دودو سيني جو ڏي ۽ پرجهلو هو ۽ سندس آڌار ۽ آسري تي ئي ٻين پئي جنگيون ڏنيون. جڏهن ٻيو ڪو باقي نه بچيو تڏهن دودو رڪ جو سندرو ٻڌي چڙهيو.[5] دودو دلير ۽ دلاور هو ڪُوپو ۽ ڪنڌار هو. عالادين کي اڳ ۾ ئي چنيسر (۽ ٻين) پئي آگاهه ڪيو ته:

دودو چڙهندو جنگ تي تڏهن وڻ ڇڏيندا واءُ
رئيءَ کان سڄ لڄجي وڃي، پوي نه سڌ سماءُ
مِرون جهنگ ڦٽو ڪندا، ٻيلي لڳندي باهه
مَيو چڙهي موجون ڪندو دهجي ويندا درياءَ
دودو چڙهندو جنگ تي، تنهنجيون ديمين
ڇڏيندين ساهه[6]

---

1 دودو چنيسر، ص 99

2 رکيل راجڙ جي روايت، ص 250

3 امام بخش مهر جي روايت، ص 353

4 ص 105، 452، 778، 823. ڪن بيانن ۾ ان کي "ڪهراڻي جو مقام" سڏيو ويو آهي (ص 741)

5 ص 252

6 ساڃي ڳاهه ٽوري؛ ڪير ڪهير سان ڳالهه جي جدا جدا بيانن ۾ آيل آهي (ص 437، 461، 522، 525، 529، 681، 809)

جڏهن دودو جنگ تي چڙهيو تہ سندس حشمت ۽ هيبت کان بادشاهي لشکر جا هيانو ڪاڇي ويا. دودو چڙهيو تہ پنهنجو خاص "ٿهانگ هٿيار" کڻي چڙهيو جنهن ۾ ست تراريون سميٽيل هيون.[1] دودي کي "ست هٿيارو سومرو" ڪري سڏيائون. جو جنگ جي ميدان ۾ ٻين جي ٻيٽ ۾ جڻ سندس "ست هٿيار" پئي وڙها. ۽ جتان ٿي شاهي فوج ۾ پيو. اتان جڻ ٻها ڪيڙي ٿي ڇڏيائين. جڻ درياه جون اُتلون ڪري پلٽجي ٿي پيو ۽ مخالف لشکر کي ٻنهي ڪنڊين ٻوڙي ٿي ڇڏيائين. دودي جي مقابلي جي ڪنهن کي جرات ڪانہ ٿي ٿئي. پهرئين جنگ ۾ ئي دودي رڻ آجو ڪري ڇڏيو. جو مخالف لشکر کي ختم ڪري. ميدان صاف ڪري. وڃهہ ڏي موتي آيو.[2] ان کان پوءِ پنهنجي طاقت جمائڻ خاطر. دودي چڙهي اچي عالادين جي ڇانوٽيءَ جي ويجهو پنهنجو لشکرگاهہ قائم ڪيو[3] ۽ اتان جنگ جي ٻارهن-ڪوهي ميدان ۾ اچي لاڳيتيون لڙايون لاتائين:

ٻارهن ڪوه ميدان هو جنهن ۾ خوني ٻڙ ٻُڙن[4]

اهڙي طرح دودو چوڏهن چنڊ وڙهيو[5] ۽ عالادين جي لشکر جو وڏو حصو مارجي ويو. پر شاهي ڪٽڪ ڪٽڻ جو ڪونہ هوا آخري جنگ ۾ دودو ڪفن پائي چڙهيو ۽ جڏهن جوش مان حملا ڪيائين. تڏهن ڪيس ڏسي چنيسر کي چيائون تہ: اڄ دودي جي گهوڙي رت ۾ ٽرندي اچي.[6] دودي ست ڏينهن سانده جنگ ڪئي ۽ اهڙا تہ حملا ڪيائين. جو سيني کي پڪ ٿي تہ دودو مارجڻ جو ئي ناهي.[7] پوءِ چنيسر کين حرفت ڏسي. جنهن سان دودي جي گهوڙي ڇَلانگ ڏيندي

---

1 دودو چنيسر. ص 26
2 ساڳيو: ص 624
3 ساڳيو: ص 297
4 ساڳيو: ص 537
5 ساڳيو: ص 231, 252, 301
6 ساڳيو: ص 300
7 ساڳيو: ص 57, 301

ويڇي پالن ۾ لڳي ۽ دودي جي جسم مان ٻڙ پالا چڙهي پيا.[1] دودو مٽي پالن ۾ هو جو چنيسر هيئان نهاري پڇيس: "دودا هاڻي ڪيئن؟ تڏهن دودي جواب ڏنس: "ادا! اڇان به مون کان هيٺ بيٺو آهين." پوءِ عالادين حڪم ڪيوتہ سر وڍيوس:[2]

ست هٿيارا سومرا، مٽي تو ڪا ناهِ
سمن سوڍن وچ ۾ مَرڪي ماء سنديءِ
ڏاڙهي ڏاڙهون گل جان، رڇي لال ٽيءِ

ٻئي بيان موجب جڏهن دودو گهڻو زخمي ٿي ويو تڏهن چنيسر آيو ۽ روئي چيائين:

هيئن نہ ڇاتم سومرا، تہ ڪو مير دودو مرندو
هيٺن جو همراهہ هو ۽ ڇنيون ڳنڍيندو

دودو اُجو هو ۽ چنيسر پاڻي آندو ۽ دودي چيس: "تنهنجو پاڻي ڪيئن پيان جو منهنجا سڀ نيرانا لڏي ويا. باقي مون کي سولو ڪري سجدي ۾ ڪر." چنيسر کيس سجدي ۾ ڪيو ۽ اتي سندس پساهہ پورو ٿيو.[3] اڇان به هڪ ٻي روايت موجب جڏهن دودي عالادين جي هٿياري تي حملو ڪيو تڏهن اشڪنجي واري "تِ-چَل" گل ۾ قابو ٿي پيو ۽ اشڪنجي جي هڪ ڪات سان سندس ڪنڈ ڪيڇي ويو.[4] پوءِ سِر نيزي ڪيائون. پر دودو مٽيا وارو مرد هو سندس سر نيزي تي هو جو هيئان ڏڙ ڏٻي اُتيو:

اُتي ڏڙ ڏٻي اُتيو، سَتِي سِر پيئي
عالادين جي فوج کي، ڇوهہ ڇڏي ويئي.

اتي ويڇها بيڊل ڏهہ درهاري ماريائين ۽ پوءِ ڪنو پنهنجي جسم ۾ ٽيڪي ڇڏيائين.[5] اها ڇيٽ مهيني جي اونداهي پک جي ارڙهين تاريخ هئي ۽ آڇر جو ڏينهن هو جو دودو شهيد ٿيو.[6]

---

1 دودو چنيسر، ص 253، 627، انهي ۽ ڏسو ص 486
2 ساڳيو: ص 429
3 هڪ روايت موجب دودو پالن ۾ هو جو چنيسر جي ترار اتفاق سان لڳ ڪيڇ هو مٿو (ص 253)
4 دودو چنيسر، ص 301
5 ساڳيو: ص 253
6 ساڳيو: ص 50 ۽ 69

مٿي چئي آيا آهيون تہ هڪڙن بيانن موجب سومرن ۾ عالادين جون جنگيون "روپاهہ" جي پرسان لڳيون ۽ ٻين بيانن موجب "وڳهہ ڪوٽ" وٽ لڳيون. بدين تعلقي ۾ "ٻهڙمي" کان اولهہ طرف ڪنڊرات آهن، جيڪي مدت کان وٽي مقامي طور "روپاهہ ماڙي" جي نالي سان مشهور آهن، اتي هڪ قبر آهي، جيڪا مقامي روايت موجب دودي جي قبر چئي وڃي ٿي.[1] ڪافي آڪاٽي وقت کان وٽي بدين، جاتي ۽ ڪڇ طرف جا سومرا دودي جي قبر واري انهيءَ مقام جو احترام ڪن ۽ نوان گهوٽ پرٽجن تہ ٻہ اتي وڃن. آڪاٽي وقت کان وٽي دودي جي يادگار طور اتي چيٽ مهيني ۾ سالياني ميلو پڻ لڳندو آهي.

(ڪتاب "سومرن جو دور" تان)

---

[1] اندازاً ويهہ سال ڪن اڳ اسان اهو ماڳ ڏٺو. باقاعدي قبر ٻڌل ڪانہ هئي. ۾ ڇڳل ٽنل ڳاڙهين سرن جو هڪ ننڍڙو ڍڳ هو ۽ چيائون ٿي تہ عالادين سان جيڪو دودو وڙهيو تنهن جي قبر جو اهو نشان آهي. ڏهہ ٻارنهن سال ٿيا جو سومرا برادري طرفان اها قبر ٻڌائي وٽي آهي. انهيءَ قبر کان ڏکڻ طرف هڪ قبو هو جيڪو شاهہ حسين جو قبو ڪري ٿي سڏيائون ۽ چيائون تہ اهو چنيسر جو قبو آهي. حاجي نامڙ چانگ 19_12_64ع تي هڪ ڪچهريءَ ۾ ٻڌايو تہ جنهن کي شاهہ حسين چون ٿا، سو دودو آهي. چنيسر جو قبو شاهہ حسين کان ڪاڇيل آهي.

حاجي غلام قادر سومرو

سلطان دودو سومرو شهيد

سلطان اسدالله دودو شهيد سومرن جي سنڌ تي هي دؤر حڪومت جو پندرهون سلطان هيو. سندس والد بزرگوار سلطان شمس الدين پونگر ثاني سن 628هـ ۾ تخت تي ويٺو ۽ سن 678هـ ۾ وفات ڪيائين. هن ۾ شاديون ڪيون هيون. هڪ ڏاڏي پوٽي ۽ هي گجر قوم مان. ڏاڏي پوٽيءَ مان ڪيس هڪ ڏيءَ جائي. جنهن جو نالو بلقيس ٻاگهي رکيو ويو. انهيءَ ڪانپوءِ جلد ئي روپا راڻيءَ مان هڪ پٽ پيدا ٿيو جنهن جو نالو چنيسر رکيو ويو. هڪ سال ڪانپوءِ پونگر بادشاهه کي ڏاڏيءَ پوٽي راڻيءَ مان هڪ پٽ پيدا ٿيو جنهن جو نالو دودو رکيائين. سلطان پونگر جي تخت تي ويهڻ وقت سومرا حڪومت جي گاديءَ جو هنڌ وڇهه ڪوٽ هو پر روپا راڻي جي خواهش تي وڇهه ڪوٽ کان ڇويهه ميل اتر اولهه ۾ هن روپا راڻيءَ جو شهر ٻڌايو. جتي روپا راڻيءَ ۽ سندس پٽ شهزادو چنيسر رهندا هئا. سلطان پونگر پوءِ گهٽو هن شهر ۾ رهڻ لڳو. ان ڪري روپاماڙيءَ جو شهر وڇهه ڪوٽ کان ٻئي نمبر تي حڪومت جو تختگاهه ليکجڻ لڳو. هن سلطان جي وقت ۾ سومرا حڪومت جي ڪمال عروج جو زمانو هو. سندس سلطنت جي وسعت لاءِ جاڻايل آهي ته اتر ۾ ديرو غازي خان، ملتان، اچ، پٽڻ، سبي، اروڙ سيوهڻ ۽ بکر تائين هئي ۽ ايرندي ڏي راجستان، لوڌير (لوڌاڻو يا لداڻو)، جسلمير، ڊٽ ۽ پونگل، بيڪانير، ٽر، برهمڻ آباد ۽ عمرڪوٽ تائين هئي ۽ ڏکڻ ڏي گجرات، مالوا، ڪانياواڙ ڪچ، وڇهه ڪوٽ ۽ روپا ماڙيءَ تائين هئي ۽ الهندي ڏي ڪيچ مڪران، لسبيلو قلات، جهالا وان، ڪاچي ۽ اترالهندي ڏي بلوچستان سبي کان ڦري ديرغازي خان تائين هئي. هن حقيقت جي تصديق علامه عبدالعزيز ميمڻ صاحب جن به ڪئي آهي.

هن صاحب جو اصل گهر راجڪوٽ ۾ هيو. انهيءَ ڪري راجستان، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جي اوائلي تواريخ جي صاحب موصوف کي وڏي ڇاٽي هئي. دهليءَ جي حڪومت ۽ سلطان پونگر جي ڏينهن ۾ سومرا حڪومت کان ڪن هٽندي هئي. هن سلطان جي زماني ۾ دهلي حڪومت جو هڪ جرنيل محمد خان پٺاڻ سومرن جي سرحد ٽپي آيو جنن جي مقابلي لاءِ سلطان، شهزادي دودي کي موڪليو جنهن محمد خان کي شڪست ڏيئي قيد ڪيو جيڪو تيستائين قيد ۾ رهيو جيستائين سلطان چنيسر تخت تي ويٺو جنهن پنهنجي سالي محمد گجر جي سفارش تي هن کي آزاد ڪيو.

سلطان پونگر جي حڪومت ۾ ۽ جاگيرداري رواج قائم هو. اهڙيون نندييون وڏيون جاگيرون ۽ هڪ سؤ هيون. اهي جاگيردار سلطان کي سالياڻو مقرر ٽيل ڏڻ ڏيندا هئا ۽ هر هڪ جاگير ۾ ڏهن کان ويهن هزارن تائين لشڪر سطان جي پاران رکندا هئا. انهن جاگيردارن مان مشهور جاگيردار هئا: ٿهيم، ابڙا، ڳاها، پاهوڙا يا پهوڙ، هارڙ، پٽي، جاڙيجا، گجر، تنور، راجڙ، سما، سوچا، مينڌرا، ملاح، پنهور، سهتا، راجپر، ڪاڇيلا ۽ لاسي. انهن جاگيردارن کي راجواڙا سڏيو ويندو هو. انهيءَ کان علاوه اسي جاگيرون سومرن جون هيون جن کي سردار سڏيو ويندو هو. انهن سردارن ۽ راجواڙن تي مشتمل هڪ سؤ ارڪانن تي هڪ مجلس شوريٰ هئي، جيڪي سلطنت جي وڏن وڏن معامرن کي نبيريندا هئا. ٽن ڏينهن جي پنڌ تي ڪڇ ۾ ابڙي جي جاگير هئي، جنهن کي ابراسيو سڏيندا هئا. اهو علائقو ٻني واري علائقي کان اولهه طرف ۽ عربي سمنڊ جي اوپر طرف ڪناري جي ويجهو آهي. انهيءَ جاگيردار جي پٽ محمد عرف ابل ابڙي جي شهزادي دودي سومري سان گهري دوستي هئي ۽ هو ٻئي هڪ ٻئي جي ملڻ لاءِ ايندا ويندا هئا. هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته سلطان وڳهه ڪوٽ ۾ رهيل هو ته شهزادو دودو ۽ محمد ابڙو انهيءَ وقت محلات ۾ اندر شطرنج راند کيڏي رهيا هئا. اتفاق سان هڪ گڏي يعني ڳوٽ ٽڙي وڃي محمد ابڙي جي هنج ۾ پيئي. شهزادي دودي ان گڏيءَ جي هن کان گهر ڪئي. پر هن ان جي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ شهزادي

دودي کي چيوتو. جيئن جو اها گڏي سندس سامر پئي آهي، هو مئي مارائي کانسواءِ نہ ڏيندو. ٻنهي جي اصرار تي مقابلو ويجي ان حد تي پهتو جو شهزادو دودو گڏي وڻڻ لاءِ ۽ محمد ابڙو سامر جي حفاظت لاءِ هڪٻئي تي تراريون کٽي اُتيا ۽ ڏاڍي زور شور سان لڙي رهيا هئا تہ سلطان کي اطلاع ڏنو ويو. جنهن سرزمين تي پهچي ٻنهي شهزادن جي زباني ٻڌي، سلطان، محمد ابڙي کي نراڙ تي چمي ڏني ۽ فرمايو تہ جي تو جهڙا سپوت پٽ سنڌ ۾ هوندا تہ سنڌ جو سر هميشہ بلند رهندو. هن حقيقت جي تصديق محترم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌ ۾ سومرن جو دور" ۽ محترم محمد سومار شيخ لاڙ جي ادبي ماهر پنهنجي ڪتاب "روپا ماڙي" ۾ ڪئي آهي.

آڪاڻي دور کان وٺي سنڌ جي آبادي۽ جو دارومدار سنڌو ندي تي ئي پي رهيو آهي. سومرن جي دور ۾ ايرندي طرفان هاڪڙو ڏورو يعني ايرندو نارو هڪ قاٺ جي صورت ۾ وهندو هو. پر درياهہ جو مکيہ وهڪرو الهندي طرف پراڻ واري ڏوري مان هيو. پراڻ جي ڏوري جو مکيہ وهڪرو مٺان وهندي، موجوده نوابشاهہ ۽ سانگهڙ ضلعن مان اچي هيٺ ٽرپارکر ضلعي جي حدن ۾ داخل ٿيندو هو ۽ اتان هڪڙيون شاخون الهندي طرف حيدرآباد ۽ بدين ضلعن جي حدن ڏانهن ويندڙيون هيون ۽ ٻيون وري اوير طرف ويجي ونگي کان مٿي ۽ ونگي وٽ هاڪڙي ڏوري سان ملنديون هيون. جتان پوءِ هاڪڙي جو گڏيل پاٽي ايجا ٻہ هيٺ ويجي موجوده رڻ واري ايراضيءَ کي آباد ڪندو هو. انهيءَ کان علاوه درياءَ جي هڪ ٻي شاخ اتر ۾ غالباً موجوده نواب شاهہ، سڪرنڊ، شهدادپور ۽ سنجهوري تعلقي وارين حدن مان گذري، اچي مکيہ درياءَ سان ملندي هئي. جتان پوءِ درياه وري اوير طرف پراڻ واري وهڪري ڏانهن مڙندو هو جتان وري ٻي ننڍي شاخ ڏکڻ اولهہ طرف موجوده حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعي وارين ايراضين ڏانهن وهندي هئي. مگر جيئن جو اها شاخ ننڍي هئي، انهيءَ کري حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعن واري زمين ايتري آباد نہ هئي. سانگهڙ ٽرپارکر ۽ بدين ضلعن ۾ هيٺ موجوده رڻ واري ايراضي ان جي پيٽ ۾ وڏيڪ زرخيز هئي. سلطان شمس الدين پونگر جي حڪومت ۾ انهن ايراضين جي زراعت ۽ زرخيزي آمدني جو

مکيہ ذريمو هو. هاڪڙي ۾ پراڻ جي پاٽيءَ تي آباد ٿيندڙ پرڳڻن تي نظر رکندي، اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ نواب شاهہ سانگهڙ ۾ ٽرپارڪر ضلعن جي مٿين پاڳن وارين ايراضين ۾ سارين ۾ ووٽن جا مکيہ فصل ٿيندا هئا ۾ هيٺ لاڙ طرف پڻ ساريون گهٽيون ٿيندیون هيون. ڏورن ۾ ڏنڊن ۾ مچي، بهہ. پگهڙ ۾ لوڙهہ وڏي مقدار ۾ ٿيندا هئا. ان کانسواءِ ملڪ جي ٻي وڏي پيدائش چوپائي مال تي هئي. اهي ماڻهو بہ ان وقت سکيا ستابا ۾ وڏي همت ۾ حوصلي وارا هئا. ويرم پاهوڙي، جنهن علاؤالدين جي لشڪر سان پهرين پهرين مقابلو ڪيو هو جي قوم جا ماڻهو گهٽو ڪري ڪپڙي اٽڻ جو ڪم ڪندا هئا. هاري ناري، ميربحر، ڏنار پنوهار ۾ مال وارا ماڻهو بہ ڏاڍا سکيا هيا. سلطان شمس الدين يونگر واهہ ۾ ڪڙيا ڪوٽايا ۾ آبادیءَ کي وڌايو. سنڌو درياهہ جي هاڪڙي ۾ پراڻ وارن وهڪرن جو پاٽي وڳهہ ڪوٽ تائين پهچايو. انهيءَ واه کي يونگر واهہ يا وڳهہ واهہ سڏيو ويندو هو. انهيءَ کانسواءِ سلطان يونگر روپا واهہ، راجو واهہ، گنگڙو واهہ وڏرڙو واهہ ۾ والي واهہ بہ ڪوٽايا، جنهن ڪري روپا ماڙي وڳهہ ڪوٽ کان بہ وڌيڪ آباد ٿي ويئي. وڳهہ واهہ يا يونگر واهہ جي ٻنهي پاسن کان وڏا ٻيلا هوندا هئا. هنرمندن ۾ ڪاريگرن کي همٽائڻ لاءِ سلطان يونگر جدا ڳوٺ ٻڌايا، جنهن ڪري ملڪ جي پيداوار ۾ واڌارو ٿيو. ملڪ جو زرعي، مالي، هنري ۾ ٻي اندروني اپت ۾ پيدائش سڄي ملڪ جو سرمايو هئي ۾ ملڪ خوش ۾ آباد هيو. زراعت ۾ چوپائي مال کي نقصان پهچندو هو تہ حڪومت طرفان اهڙي نقصان جي تلافي ٿيندي هئي. ان وقت جهنگلي جانور شينهن وغيره بہ ڏاڍا هوندا هئا، جن جو شڪار صرف سومرا سلطان ڪندا هئا. سرڪاري محصول گهٽو ڪري اهي ئي ورتا ويندا هئا، جيڪي محمد بن قاسم جي زماني کان رائج هئا. البت انهن ۾ گهٽي وقت گذرڻ ڪري گهٽي ڏيرڪار اچي وئي هئي. باقي عشر يعني زرعي پيدائش جو ڏهون حصو ۾ زڪوات اسلامي حڪمن مطابق هر هڪ جاگيردار يا راجوڙو پنهنجي جاگير مان وصول ڪري، مقرر ٽيل حصو شاهي بيت المال ۾ موڪلي ڏيندو هو. مسلم يا غيرمسلم لشڪرن تي زرعي ڀل صفا معاف هئي. حڪومت جي سرحدن تي

شين ۾ مال جي آمدني ۾ روانگي تي سلطاني محصول ورتو هو. سلطان پنهنجي سر ساري سال ۾ هڪ دفعو هرهڪ جاگير ۾ وڃي پنهنجي رعيت جا ڏک سور ٻڌندو هو ۽ لشکر جو معائنو ڪندو هو.

يونگر جي وفات ۽ ڳدار جي چونڊ

مٿي ڄاڻائي آيا آهيون تہ هن سلطان جي زماني ۾ سومرا سلطنت جي ڪمال عروج جو زمانو هيو. پر چوندا آهن تہ هر ڪمال را زوال- سلطان شمس الدين يونگر 678 هجري ۾ وفات ڪئي. سومرن جي رواج مطابق نئين سلطان کي پڳ ٻڌائڻ کان پوءِ ئي مرحوم سلطان جو جنازو کنيو ويندو هو. سلطان جي وڏي پٽ جي حيثيت ۾ شهزادو چنيسر ئي تخت جو وارث هيو. مگر گهٽن سومرن سردارن اميرن ۽ راجواڻن کي چنيسر جي پڳ ٻڌڻ تي اعتراض هيو. سومرن جي دور ۾ پڳ ۽ حڪومت بلڪل موروثي شيون ڪين هيون. پر انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ نسبت ۽ اهليت بہ لازمي جزا هئا. راڄن جي راءِ ۽ چڱن طرفان چونڊ کي وڏ ۾ وڏ دخل هيو. سلطان يونگر جي وفات کانپوءِ يڪدم پڳ ۽ حڪومت جي فيصلي لاءِ سومرن، اميرن، سردارن، راجواڻن جي گڏجاڻي ٿي. اهو فيصلو ڪيو ويو تہ تخت شهزادي ٻاگهل ٻائي کي ڏنو وڃي. شهزادي وري پنهنجي حق تان شهزادي چنيسر جي حق ۾ دستبردار ٿي. شهزادیءَ جي انهيءَ فيصلي تي مڙني کٽي ماٺ ڪئي. پوءِ شهزادو چنيسر گاديءَ تي ويٺو ۽ پيريون وڳيون، بادشاهي جهنڊو "لوالو" جيڪو اڇي رنگ جو هوندو هو سندس دربار تي چاڙهيو ويو ۽ روزانو سندس حويليءَ جي ڪوٽ تي وڄندي هئي. سيني اميرن، امرائن، شهزادن جاگيردارن ۽ راجواڻن سڄي هٿ سان سلطان چنيسر کي سلام ڪيو. ڇالاءِ تہ سومرن جي حڪمت ۾ سڄي هٿ سان سلام صرف سلطان کي ئي ڪيو ويندو هو ۽ اهڙيءَ طرح سلام ڪرڻ جڻ سلطان جي خودمختياريءَ کي تسليم ڪرڻ ۽ سندس فرمانبرداريءَ جو ثبوت هو.

سلطان يونگر کي سندس اباڻي وڳهه ڪوٽ واري مقام ۾ نہ رکيو ويو هو پر سندس وصيعت مطابق کيس روپا ماڙيءَ کان اوپر ۾ ٽن ميلن تي رکيو ويو جيڪو مقام پوءِ سلطان يونگر جو مقام يا يونگرا سڏجڻ لڳو. سلطان

پاڻ کي ان نئين مقام ۾ انهيءَ ڪري رکايو تہ جيئن سندس اهليہ روپا راڻي آسانيءَ سان سندس مزار جي زيارت لاءِ ايندي رهي. انهيءَ مقام جي چوڌاري زمين هينئر سنڌ سرڪار هڪ مقامي ماڻهوءَ محمد اسماعيل ميمڻ کي وڪرو ڪئي آهي. جنهن ساري مقام جي زمين کي، سواءِ ٿوريءَ ايراضيءَ جي، آبادي هيٺ آڻي چڏيو آهي ۽ هينئر سلطان جي قبر خستہ حال ۾ هڪ ملبي جي حالت ۾ آهي. مرحوم سلطان جي قبرستان جي ڪرامتن جون ڪيتريون ڳالهيون اتان جا مقامي ماڻهو ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو سلطان جي قبر ۽ ٻي ٿوري ايراضي مقام لاءِ چڏي ويئي آهي.

مقبري بابت ڪرامتي احوال

محمد آچار ولد قاسم سومرو جنهن جي عمر هن وقت 80 ورهيہ آهي، اهو يونگر بادشاہ جي مقبري تي گهٽو ويندو آهي. هن جي زباني آهي تہ هڪ دفعي رمضان شريف ۾ مقبري تي هن کي شام ٿي وئي. هن کي ۽ سندس ٻين ساٿين کي روزو هيو پوءِ غيب مان طعام جو ڏاڪئون ۽ ٽڏو پاڻي آيو جنهن تي هنن روزو کوليو. هنن محمد آچار جو والد قاسم ڪچ ۾ ڏاڻين جي آستان تي مجاور هيو. پر محمد آچار هينئر گهٽن سالن کان لڏي اچي بدين ۾ ويٺو آهي.

سلطان چنيسر خلاف تاءُ

سلطان چنيسر سن 678 هجري کان سن 696 هجريءَ تائين تخت تي رهيو. پر انهن ارڙهن سالن ۾ سندس برخلاف اميرن امرائن هن کي آرام سان حڪومت ڪرڻ نہ ڏني ۽ هن بہ پنهنجي مخالفن کي ڪچلڻ لاءِ سخت قدم کنيا ۽ ڪيترن سومرن سردارن ۽ جاگيردارن کان جاگيرون ۽ القاب واپس ورتا. پنهنجي سالي محمد گجر جي سفارش تي دهلي حڪومت جي جرنيل محمد خان پٺاڻ کي، جنهن کي سلطان دودي، يونگر سومري دوران حڪومت ۾ قيد ڪري رکيو هو آزاد ڪري چڏيو.

سومرا امير امرائن جو چنيسر بجاءِ دودي کي پڳ ٻڌائڻ

دهليءَ جي حڪومت بہ سومرن جي گهرو جهيڙي جو فائدو وٺي ٿوري ئي وقت ۾ ملتان کان وٺي ميرپور ماٿيلي تائين علائقا فتح ڪري

ورتا. سلطان چنيسر انهيءَ ڪري 3 سالار سڏ عرف ساهڙ سومري کي سپهه سالار جي عهدي تان هٽائي روپا ماڙيءَ جي محافظ شيخ دائود کي سپهه سالار ڪري رکيو. انهيءَ قدم کانپوءِ سومرن امير امريائن ۾ جاگيردارن جي ميٽنگ گهرائي. سلطان چنيسر کي تخت تان لاهي 696 هجري ۾ سلطان دودي کي تخت تي ويهاريو. سلطان دودي جي تخت تي ويهڻ کان پوءِ جيڪي سومرا سلطان چنيسر جا حامي هئا، اهي سنڌ ڇڏي راجپوتانا ڏانهن هليا ويا. جتي هو پاڻ کي سلطان چنيسر جا حامي يا چنيسراڻي سڏائڻ لڳا. اهي سومرا گهڻو ڪري امير سردار يا جاگيردار هئا. انهن جي اولادمان پاڪستان ٽيڻ کانپوءِ ڪيترا سومرا پنهنجي اباڻي وطن سنڌ ڏانهن موٽي آيا. سيٺ ولي پائي[1] سومرو فتح ٽيڪسٽائل حيدرآباد جي مالڪ جو گهراڻو به انهن سومرن جي اولاد مان آهي. جيستائين مرحوم زنده هيو تيستائين سلطان دودي ۾ چنيسر سومرن جي عرس تي ايندو هو ۽ جمعي ڏينهن ننگر جو اهتمام يا بندوبست هزارن ماڻهن لاءِ دل کولي ڪندو هو. انهيءَ کان علاوه اتي هڪ وڏو شاميانو لڳائيندو هيو جنهن ۾ باهران آيل سرڪاري آفيسرن معزز مهمانن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست ٽن ڏينهن تائين شايان شان ڪندو هو. ان کان علاوه عرس لاءِ چندو ڏهه هزار روپيا به ڏيندو هو.

سلطان چنيسر تخت تان لهڻ کانپوءِ خيال ڪيو ته بغداد جي خليفة المسلمين ڏانهن مدد لاءِ وڃي. پر انهيءَ وقت الحاڪم بامرالله ابوالعباس، خليفة المسلمين هو جيڪو رڳو نالي ماتر خليفو هو پر حڪومت مصر جي سلطان جي هٿ ۾ هئي. سلطان چنيسر پوءِ دهليءَ جي بادشاهه ڏانهن وڃڻ جو خيال ڪيو. هن پاڻ سان پنهنجي سالي محمد گجر کي به ڪنيو جنهن جي سفارش تي هن پنهنجي دور حڪومت ۾ دهليءَ جي هڪ جرنيل محمد خان پٺاڻ کي آزاد ڪيو هو. هوڏانهن سلطان دودي ۽

---

[1] جنهن پنهنجي راجپوت هٽ واري حوالي سان جامشورو روڊ تي راجپوتانا اسپتال قائم ڪرائي آهي.

شهزادي ہاڪهل ہائي. سلطان چنيسر کي پرچائڻ لاءِ وڏا وس ڪيا. پر چنيسر هن جي هڪ به نہ ٻڌي. شهزادي بلقيس سلطان چنيسر کي يقين ڏيارڻ لاءِ سلطان دودي جي وڏي ڏيءَ ڪنول ڪلثوم جو نڪاح چنيسر جي وڏي پٽ شهزادي ننگر سان ڪرايو ۽ سلطان دودي کان اهو به لکائي سلطان چنيسر ڏانهن موڪليو ته سلطان دودي کانپوءِ تخت جو وارث شهزادو ننگر ۽ سندس اولاد ٿيندو. پر سلطان چنيسر تخت جي واپس ملڻ جو مطالبو ڪيو جيڪو انهيءَ کري نہ مڃيو ويو جو اهڙو فيصلو ملڪ جي مجلس شُريٰ ڪيو هو. سلطان چنيسر پوءِ جنرل دائود شيخ کي روپامارڻيءَ جي حفاظت لاءِ مقرر ڪري، پاڻ پنهنجي سالي محمد گجر کي ساڻ ڪري هندستان روانو ٿيو.

دودي جو تخت تي وهڻ

سلطان دودي سومري تخت تي ويهڻ کانپوءِ اميرامرائن کي خطاب ڪيو. جنهن ۾ هن قرآن شريف جي آيت :

قُلِ اللّٰهُمَّ مَالِكَ الْمُلْكِ كان إِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ پڙهي.

حمد خدا تعاليٰ ۽ صلوات ۽ سلام ختم المرسلين تي پڙهڻ کانپوءِ خطاب ڪيو. جنهن ۾ هن فرمايو ته توهان تي ۽ ساري رعايا تي سلام ۽ رحمت رب العالمين جي هجي. توهان سڀني گڏجي مون کي پنهنجو سلطان منتخب ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح جهڙي طرح سڀني پائرن اسان جي جدامجد سلطان ابن سومار عماد الدوله دودي پهرين کي پنهنجو سلطان چونڊي سلطنت سومرا. جو پايو وڏو هو. حضرت ابابڪر صديقؓ کي جڏهن خليفو چونڊيو ويو هو تڏهن هن پنهنجي خطبي ۾ فرمايو ته. جي هو نيڪيءَ جي زندگي اختيار ڪري ته هن جي مدد ڪئي وڃي. پر جي نيڪيءَ کان پٺڪي وڃي ته هن کي سڌيءَ راهه تي هلڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي. اي اراڪين مجلس شوريٰ سلطنت سومرا. مان به توهان کي اهوئي وڃي عرض ڪيان ٿو ته جي مان نيڪيءَ جي رستي تي هلان ته توهان منهنجي مدد ڪجو ۽ جي پٺڪي وڃان ته مون کي سڌي رستي تي

هلڻ لاءِ مجبور ڪجو. هن وڌيڪ فرمايوتہ انسان معراج انسانيت کي تيستائين حاصل نٿو ڪري سگهي، جيستائين هو پنهنجي انهن حقن ۽ فرضن کي پوري طرح ادا نٿو ڪري، جيڪي خدا تعاليٰ جي مخلوق هجڻ ۽ جماعت جي هڪ فرد هجڻ جي حيثيت ۾ هُن جي مٿان عائد ڪيل آهن. مذهب اسلام عام خوشحاليءَ ۽ حق معيشت جي عدم مساوات کي پنهنجي نظام معاشي ۾ اشد ضروري تسليم ڪيو آهي ۽ صالح معاشي نظام کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ جماعتي نظام ۽ نظامِ حڪومت کي اهڙي سانچي ۾ وجهي ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪو سموري عالم انسانيءَ کي پاڻ ۾ معاشي دستبرد ۽ رقابت جي فتني کان بچائي ٿو ۽ عالمگير اخوت ۽ همدرديءَ کي قائم ڪري ٿو. اسلام جي جماعتي نظام ۾ حڪومت جي ڪار فرمائي ۽ بنيادي قانون جي ناهڻ جو معاملو دنيا جي ڪنهن بہ انسان کي نہ سونپيو ويو آهي، پر اهو صرف خدا واحد جي حوالي آهي ۽ اهوئي واضح قوانين آهي ۽ سلطان يا خليفو انهيءَ اساسي قانون جي روشنيءَ ۾ نيابت ۽ تنقيد جي خدمت انجام ڏئي ٿو. الله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو آهي تہ حڪم خدا تعاليٰ کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو بہ حق نہ آهي ۽ اهو خدا مالڪ الملڪ آهي، جنهن کي وڻيس حڪومت ڏئي، جنهن کان وڻيس کسي وڃي. بلاشڪ زمين الله تعاليٰ جي آهي، جنهن کي چاهي انهيءَ کي وارث بنائي ۽ انجام متقين لاءِ ئي آهي. اهو خدا انسانن جو بادشاهہ ۽ انسانن جو خدا آهي. خبردار رهو حڪم انهيءَ خدا جو آهي.

سلطان وڌيڪ فرمايوتہ حديث شريف ۾ فرمايو ويو آهي:

"السلطان ظل الله في الارض"

يعني، سلطان زمين ۾ الله تعاليٰ جو سايو آهي. انهيءَ حديث شريف جو مطلب سلطان سمجهائيندي فرمايو تہ جي سلطان يا خليفي جي طرن حڪومت منهاج نبوت جي عين مطابق ۽ نيابت فقهہ جو صحيح نمونو آهي تہ بلاشبہ هو الله جو سايو آهي، ٻيءَ صورت ۾ سلطان بمعنيٰ مطلق العنان شخص حڪمران جي لاءِ اسلامي نظام حڪومت ۾ ڪائي جڳهہ نہ آهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، اسلامي نظامِ

حڪومت ۾ سلطان يا خليفي جي شخصيت نمايان آهي، پر جي هو راهہ حق جو رهنما ۽ خلق جو خادم آهي ۽ ڪيس حڪومت تي رکڻ يا لاهڻ افراد امت جي وس ۾ آهي ۽ هو امهاتِ امور ۾ شوريٰ جو پابند آهي. جي سلطان يا خليفو نيابت الاهي، جي بنيادي اصولن جو پابند آهي تہ اسلام پوءِ جمهور کي حڪم ڏنو آهي، تہ اهڙي حاڪم جي پيروي ڪن. ڇالاءِ تہ اها پيروي انهيءَ حاڪم جي نہ آهي، پر درحقيقت اها پيروي الله ۽ سندس رسولؐ جي آهي. قرآن شريف ۾ بہ اهڙو حڪم آهي تہ الله ۽ رسولؐ جي اطاعت ڪيو ۽ پنهنجي حاڪمن، سلطان يا خليفي جي اطاعت ڪيو ۽ الله جي پيروي ڪيو ۽ رسولؐ جي پيروي ڪيو۽ پاڻ ۾ جهگڙو نہ ڪيو پر جي جهگڙو ڪندؤ تہ توهان جي طاقت ڪمزور ٿي ويندي ۽ پير اکڙي ويندا. سلطان وڏيڪ فرمايو تہ، جهڙيءَ طرح امتِ مسلمہ تي لزوم جماعت ۽ اطاعت امير کي ضروري قرار ڏنو ويو آهي، اهڙيءَ طرح سلطان يا خليفي تي بہ اهو واجب آهي تہ مهماتِ امور ۾ اهل حل و عقد سان مشورو ڪري ۽ حسب اقتضاءِ معاملات جمهور سان بہ مشورو ڪرڻ پنهنجي اهم فرائضن ۾ سمجهي، ڇالاءِ تہ نبي ڪريم صلعم جن کي بہ هن باري ۾ ارشاد رباني ۾ فرمايو ويو تہ پنهنجن اصحابن سان معاملات ۾ مشورو ڪيو ۽ جڏهن ڪنهن بہ ڳالهہ تي اوهان جو عزم قائم ٿي وڃي تہ پوءِ الله تعاليٰ تي ڀروسو رکو. سلطان فرمايو تہ اي اراڪين مجلس سلطنت سومرا ياد رکو تہ جي سلطان يا خليفي جو مجلس جي اراڪين سان ڪنهن معاملي ۾ اختلاف ٿي پوي تہ پوءِ خليفي يا سلطان کي ڪپي تہ عام راءِ طلب ڪري جهڙي طرح حضرت عمر فاروقؓ پنهنجي دور خلافت ۾ هڪ دفعو مسجد نبويءَ ۾ عام اجلاس گهرايو ۽ جمهور جي گڏ ٿيڻ کانپوءِ خطبو ڏنائون، جنهن ۾ فرمايائون تہ مان توهان کي هت گڏجڻ جي خواہ مخواهہ تڪليف نہ ڏني آهي، پر انهيءَ لاءِ گهرايو آهي تہ توهان بہ مون سان انهن معاملن ۾ شرڪت ڪريو جن جو بار منهنجي ڪلهن تي توهان وڏو آهي. مان بہ توهان جهڙو هڪ فرد آهيان، توهان حق چئي ڏيو. جنهن کي مون سان اختلاف هجي، اهو پنهنجي راءِ صاف ظاهر ڪري ۽ جيڪو مون سان متفق آهي، اهو بہ پنهنجي راءِ ظاهر ڪر. مان اهو ڪڏهن بہ پسند نہ ڪندس تہ توهان منهنجي خواهش يا راءِ جي

پيروي ڪريو ڇالاءِ ته توهان وٽ خدا تعاليٰ جو موڪليل ڪتاب موجود آهي، جيڪو حق فرمائي ٿو. سلطان دودي وڏيڪ فرمايو ته. اي اراڪين مجلس سلطنت سومرا، آخر ۾ مان توهان ۾ ساري رعايا تي اهو واضح ڪندس ته اسلام جي نظامِ حڪومت ۾ سلطان يا خليفي کي خلافت جي فرضن جي ادائگيءَ کان علاوه زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي قانونِ اسلام يعني عدل ۽ آئين جي نظر ۾ عام انسان جي مقابلي ۾ ڪائي به برتري حاصل نه آهي ۽ امير ۽ عام ماڻهو سيئي هڪجهڙا آهن. جيڪو حڪومت جو بار توهان منهنجي ڪلهن تي وڌو آهي، مان هر ممڪن ڪوشش ڪري انهيءَ فرض جي ادائگي ڪندس ۽ انهيءَ لاءِ مون کي قدم قدم تي الله تعاليٰ ۽ توهان جي مدد جي ضرورت پوندي. توهان کي معلوم آهي ته برادرم سلطان چنيسر جي عهد حڪومت ۾ سومرا سلطنت جا ملتان کان وٺي ميرپور ماٿيلي تائين علائقا دشمن جي قبضي ۾ اچي ويا آهن. هينئر اسان ۽ توهان جي اولين فرض ۾ شامل آهي ته ويل علائقا واپس وٺون ۽ دشمن کي اهڙو سبق سيکاريون، جو وري اسان جي ملڪ ڏانهن نظر کٽڻ جي همت به نه ڪري سگهي. مان توهان جي مشوري سان جرنيل سيڏ خان سومري کي جنهن کي سلطان چنيسر جرنيل اعظم جي عهدي تان هٽايو هو. وري انهيءَ عهدي تي رکان ٿو. اسان جي سلطنت جو قاضي القضات قاضي عبدالوحيد سومرو جيڪو سلطان چنيسر جي تخت تان هٽائڻ کان پوءِ ناراض ٿي ملڪ ڇڏي راجپوتانا هليو ويو آهي، انهيءَ جاءِ تي قاضي قطب الدين سومري کي قاضي القضات جي عهدي تي رکان ٿو. انهيءَ کان علاوه ٻيا جيڪي اهم عهدا اهڙن امرين ۽ سردارن جي ملڪ ڇڏڻ ڪري خالي ٿيا آهن، اهي به جلد پريا ويندا. مان تخت تي ويهڻ جي خوشيءَ ۾ اڄ اهو به اعلان ڪيان ٿو ته عشور يعني درآمدي محصول ٻاهرين ملڪن جي مسلمان واپارين تان معاف ڪيان ٿو.

سلطان اهو به فرمايو ته اسلامي نظام ۾ بيت المال جي محاصل کي اهل مصرف تي خرچ ڪرڻ جي لحاظ سان اولي المر يعني حاڪم جي اختيارات کي اهڙيءَ طرح تقسيم ڪيو ويو آهي، جو زڪوات ۽ عشر جهڙا محصول اهل مصرف تي ئي خرچ ڪري سگهي ٿو. باقي

خراج، جزيہ، زڪوات، صداقات، في، خمسِ ضراب، ڪراءِ الارض، عشور وقف وغيره جهڙن محصولن ۾ سلطان پنهنجي راءِ ۽ مجلس شوريٰ جي مشوري سان محصول خلافت ۽ مستحقين جي ضرورت جي پيش نظر خرچ ڪري سگهي ٿو. سلطان کي اهو به اختيار آهي ته جي هڪڙي شعبي جا محصول انهيءَ شعبي جي مصارف کي پورو ڪري نہ سگهن ته پوءِ هو بين شعبن مان قرض وٺي انهيءَ شعبي جي مصارف کي پورو ڪري سگهي ٿو. اسلامي نظام وڌيڪ محصول لڳائڻ کي جائز نٿو سمجهي. پر خاد نہ خواسته جي بيت المال جي مٿي ڏنل محاصل رعايا جي انفرادي ۽ اجتماعي ضروريات لاءِ ڪافي نٿا ٿين يا هنگامي اهم اجتماعي ضروريات انهن محصولن مان پوريون ٿي نٿيون سگهن، ته پوءِ سلطان عدل ۽ انصاف سان هنگامي محصولَ شاهوڪار ۽ دولتمندن تي ئي رکي سگهي ٿو جيڪي جبراً به وصولَ ڪري سگهجن ٿا. مان کي به جبري محصولَ لڳائڻ نٿو چاهين. هن وقت رستا ۽ مسافر خانا ٺهرائڻ ۽ نوان واهہ کوٽائڻ تمام ضروري آهن، پر جيئن جو انهيءَ شعبي ۾ ايتري رقم نہ آهي، انهيءَ ڪري عشر ۽ زڪوات جي محاصل کان سواءِ بين محصولن مان ڪجهہ رقم قرض طور وٺي، انهن ڪمن جو پورائو ڪندس.

مان وري به توهان تي واضح ڪيان ٿو ته مان توهان جهڙو انسان آهيان ۽ توهان جيڪو سلطنت جو بار منهنجن ڪلهن تي وڌو آهي، انهيءَ ۾ قدم قدم تي مون کي الله تعاليٰ ۽ توهان جي مدد جي ضرورت پوندي. سبحان ربک رب العزت عما يصفون و سلام علىٰ سيد المرسلين و الحمد لله رب العالمين.

جڏهن سلطان چنيسر دهليءَ ڏي روانو ٿيو انهيءَ وقت هندستان جو بادشاهہ علاوالدين خلجي هيو جيڪو پنهنجي چاچي جلال الدين خلجيءَ کي ماري، سن 696هـ ۾ تخت نشين ٿيو. تخت تي ويهڻ کان اڳ هو پنهنجي ڏاڏي جي طرفان ڪڙهہ پرڳڻي جو حاڪم هيو. سلطان جلال الدين جي حڪم تي هن ديوگريءَ تي حملو ڪري، ڇهہ سؤ مڻ سون، ست سؤ مڻ چاندي هٿ ڪئي. هن پوءِ انهيءَ خزاني جي سونپڻ

لاءِ سلطان جلال الدين کي ڪڙهه پرهڪٽي ۾ گهرائي ڏوڪي سان مارائي چڏيو ۽ پاڻ کي هندستان جو بادشاهه سڏائڻ لڳو. هوڏانهن دهليءَ ۾ جڏهن سلطان جلال الدين جي مرڻ جي خبر پئي. تڏهن سندس پٽ رڪن الدين تاجپوشي ڪري تخت تي ويٺو پر علاوالدين دهليءَ پهچي هن سان جنگ ڪري، کيس پڄائي چڏيو. جيڪو پوءِ ملتان طرف کان سنڌ ۾ پهچي وڃي سلطان دودي وٽ سام پيو.

هيڏانهن سلطان چنيسر ماڻيلي واريءَ وات سان سرواهي (تعلقو صادق آباد) موئي مبارڪ، پٽڻ منارو وٽان درياهه ٽپي ملتان پهتو ۽ جتان پوءِ سبستان پهتو ۽ آخرڪار ڇهن مهينن جي پنڌ کان پوءِ اچي دهليءَ پهتو. محمد گجر هن کي جرنيل محمد خان پٺاڻ سان ملايو جنهن سلطان چنيسر کي دلجاءِ ڏني ۽ کيس علاوالدين بادشاهه جي مدد جو يقين ڏاريو. سلطان علاوالدين انهيءَ وقت ماڏن راءِ جي مدد لاءِ گجرات جي حاڪم ڪرن واگهيلي جي ڪاهي گجرات ڏانهن ويل هو انهي ڪري سلطان چنيسر کي تيستائين ترسڻو پيو جيستائين سلطان علاوالدين گجرات کان سن 698هـ هجري ۾ واپس آيو.

سلطان دودي تخت تي ويهڻ کانپوءِ سلطان چنيسر جي وقت ۾ وڃايل علائقن جي هٿ ڪرڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. انهيءَ وقت هاڪڙو درياهه پنجاب جي اوپر کان وهندو اچي سنڌ ۾ داخل ٿيندو هو ۽ پوءِ عمرڪوٽ جي اوپر کان ٿيندو ننگر پارڪر کان گذرندو اچي پاتال شهر وٽ پهچندو هو. پاري ننگر ۽ پاتال شهر صرف هن ئي درياهه ڪري آباد هئا. انهيءَ ڪري هن درياهه جو وري هٿ ڪرڻ سومرن جي بادشاهي لاءِ، خاص طرح لاڙ واري علائقي لاءِ ضروري هيو. سلطان چنيسر جي ڏينهن ۾ ملتان کان وٺي ميرپورماٿيلي تائين علاقا دهليءَ جي سلطنت پنهنجي قبضي ۾ ڪيا هيا.

سلطان دودي چڙهائي ڪري پٽڻ هاڪڙي تائين ملڪ وري واپس ورتو ۽ پٽڻ هاڪڙي وٽ هڪ وڏو منارو ٺهرايو انهيءَ کانپوءِ پٽڻ هاڪڙو پٽڻ منارو سڏجڻ لڳو. پٽڻ هاڪڙو آمدرفت ۽ واپار جو اوائلي زماني کان وٺي مرڪز رهيو آهي. سڪندر اعظم به پٽڻ هاڪڙي وٽان هاڪڙو درياهه پار ڪري ڪجهه وقت اتي منزل انداز رهيو ۽ هن

ڪجھ جايون اتي ٺھرايون. انھن جاين جي سرن تي سنسڪرت ۾ لکيل اکرن مان ظاھر ٿيو تہ اھي جايون سڪندر اعظم 324 کان 327 قبل مسيح ٺھرايون ھيون. انھيءَ زماني کان پوءِ ۾ ڪيترو وقت اھو پٽڻ ھاڪڙي درياھ جي پار ڪرڻ جومرڪز رھيو. ملتان ۽ دھلي وچڑ لاءِ ۾ اھو پٽڻ پار ڪرڻو پوندو ھو. سلطان دودي سومري وارو ٺھيل منار ڊڪل حالت ۾ ھڪ وڏي درڙي تي بيٺو آھي. سندس مٿيون حصو ڍھي ويو آھي. انھيءَ ماري جي اڏاوت، ڪاريگري ۽ ڪم آندل سرن مان اڄ ۾ اھو معلوم ٿيندو تہ اھو منارو سومرن جي دور جو آھي. ڇالاءِ تہ اھڙيون سرون اڏاوت ۽ ڪاريگري سومرن جي گاديءَ جي ھنڌ جي اڏاوتن جي ڪندرات مان ملن ٿيون. منارو 1968ع آگسٽ ۾ جڏھن مون ڏٺو ھو تڏھن اٽڪل 20_25 فوٽ اڃا ۾ ٺھيل بيٺو ھيو. ھي منارو چوڪنڊو ٺھيل آھي ۽ چئني پاسن کان مٿي تائين جارا ٺھيل آھن. اڌ ڊڪل گنبڊ ۾ انھيءَ جي مٿان آھي ۽ چوڏاري جارن مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ انھيءَ جارن کان مورچن جو ڪم ورتو ويندو ھو. پٽڻ ماري جي چوڏاري ٻيا ۾ ڪيترائي ڦٽل ڏڙا بيٺا آھن. اھو شھر سلطان دودي سومري جي زماني ۾ راڄواڙي ويرم پاھوڙ جي جاگير جو مڪيہ شھر ھيو ۽ انھيءَ وقت ڪچڙي جي اٽڻ جو وڏو مرڪز ھو ۽ تمام وڏو شھر ھيو:

سلطان دودو پڙھيل، قابل، ڪويو، قداور ۽ وڏو پھلوان ھو سندس پھلوانيءَ تي سگھڑن گھٽائي شعر چيا آھن، جن مان ھي ۾ ھڪ آھي:

ڪلھا ڪيھر شينھن جا، مٿو جنھن جو مٽ
دودي دوداڻيءَ جي، ڪونہ جھلينڊو سٽ

مطالعي جو وڏو شوق ھوس. گاديءَ تي ويھڻ کانپوءِ ھن عرب عراق مان ڪيترائي رياضي، سائنس، علم طب ۽ ٻين علومن جا ڪتاب گھرائي، وڏھ ڪوٽ ۾ ھڪ ڪتب خانو قائم ڪيو. پنھنجي حويليءَ لاءِ وڏھ ڪوٽ اندر ھڪ ڪوٽ ٺھرايائين، جنھن کي ھالنگ ڪوٽ سڏيندا ھئا. وڏھ ڪوٽ جي ٻاھران ھڪ شاھي باغ ۾ ٺھرايائين، جيڪو عام پبلڪ لاءِ تفريح گاھ طور استعمال ٿيندو ھو. ان کان علاوہ روپاماڙيءَ کي ۾ ڇڳو سينگاريائين ۽ اتي ۾ دربار ھال

ٺهرايائين. حڪمران عملي جو نئين سر جائڙ ووٺي. انهن جي نئين سر تنظيم ڪيائين. سرڪاري دفتر مان اهڙا عامل جيڪي سلطان چنيسر پنهنجي ناناٽيءَ آکھ جي سفارش تي رکيا هئا. انهن کي ڪڍي ٻيا قابل اعتماد عامل رکيا. سلطان دودي جي تخت تي ويهڻ کان اڳ ۾ سارو ملڪ جاگيرن ۾ راج واڙن ۾ ورهايل هو سلطان دودي پنجن جاگيرن کي ملائي هڪ صوبو بنايو ۽ اهڙيءَ طرح ساري ملڪ جا ويهھ صوبا بنايائين ۽ انهن صوبن جي عاملن کي هدايت ڪيائين تہ هو جاگيردار يا راج واڙي جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي نہ ڪن. هر صوبي ۾ شهرن کي ترقي ونڊڻ لاءِ خاص هدايتون ڏنائين.

چنيسر جو علاوالدين کي حملي لاءِ راضي ڪرڻ

سلطان علاوالدين کي گجرات مان موٽڻ کانپوءِ معلوم ٿيو تہ سلطان دودي پٽڻ مناسر تائين علائقن تي وري قبضو ڪيو آهي. ڪيس اهو بہ معلوم ٿيو تہ شاهہ رڪن الدين بہ وڃي سلطان دودي وٽ سام پيو آهي. هيڏانهن جرنيل محمد خان، سلطان چنيسر کي علاوالدين سان ملائڻ لاءِ موقعي جو منتظر رهيو. هڪ ڏينهن علاوالدين بادشاهہ شينهن جي شڪار لاءِ وڃي رهيو هو ۽ ساٿس گهٽا ماڻهو شينهن جي مارڻ لاءِ ساڻ هئا. سلطان چنيسر کي جڏهن اهو معلوم ٿيو.

علاوالدين جو جنگ لاءِ ٽيهہ لک لشڪر تيار ڪري نڪرڻ

تڏهن هن جرنيل محمد خان جي معرفت اجازت ورتي. اڪيلي سر شينهن کي ماريو جنهن ڪري سلطان علاو الدين، سلطان چنيسر جي بهادريءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ان سان انجام ڪيائين تہ ڪيس سندس تخت سلطان دودي کان واپس ورتي ڏيندو. بادشاهہ پوءِ پنهنجي پائٽي سالار خان کي ست لک لشڪر ساڻ ڪري سلطان چنيسر جي مدد لاءِ حڪم ڪيو پر سلطان چنيسر علاوالدين بادشاهہ کي چيوتہ ست لک لشڪر تمام ٿورو آهي.

سگهڙن انهيءَ گفتگوءَ کي هيٺينيءَ ريت بيان ڪيو آهي:

علاو الدين چيو تہ:

ست لک سالار سان، نال رکيب چڙهن
ته دودي کي دور ڪري، ولي تخت ڏين.

انهيءَ تي سلطان چنيسر بادشاهه کي چيو:

ست لک سالار سان، اٺ لک ماريان مان
اٺ لک ماري اهو دودو جنهنجو نانءُ.

علاوالدين بادشاهه پوءِ هڪ وڏي لشکر جي تياريءَ جو حڪم ڏنو. انهيءَ لشکر کي سنڌ جي سگهڙن هن طرح بيان ڪيو آهي:

ڇهه لک چليون سلطان سين، چليءَ چليءَ ڏهه لک
جتي راتاهو ڪري، اتي چڏي نه ڪک

ڇهه لک عراقي هيون، ارڙهن لک ائڻ،
پنرهن لک پاتشاهه سين، جن جون ڪلنگون ڪپارن
ٽيهه هزار هاٿين جا، حاضر ويڑ هلن
هارنهن هزار هانگن جا، خطبا خوب پڙهن
تيرهن هزار تيورن جا، دائمر دخانن
ويهه هزار وڻجارا، حاضر ساڻ هٽن
ارڙهن هزار اوڏن جا، کاهيون خوب کٽن.

علاءالدين جي اڙد ۾ آلا کاٽ پرن
اچي لٽا درياهه تي، ته مچيون ٻاهر مرن
اڳيان پيئن پاڻي، پويان رڪ چٽين
ننڍي وڏي وات ۾ ٽا دودو دودو ڪن

چڙهي چنير هليو جنهن سان هيا ڪٽڪ ڪارونيار
هرڙ مرون حيران ٽيا، شنيهن چڏيا شڪار
پندرهن ڪوهن ۾ پلٽڻ هئي، پي ايا پري هئي پچار
بنهه بورچي بس هيا، تڏهن به ٻه تي لک ٽيلدار
اهڙي سان آچار اُچيون ديهيون لٽيون درياهه تي.

هيڏانهن دنگ درياهه جو هوڏانهن ماڙيلو ملتان.

مختلف روايتن مان ظاهر آهي ته علاوالدين جي لشڪر ۾ ٽي جرنيل هئا، هڪ ماڏن مير ٻيو محمد خان ٽيون سالار خان، سالار خان جرنيل اعظم هيو. هر هڪ جرنيل هيٺيان پنج سپهه سالار هئا، جن مان هر هڪ سپهه سالار جي هٿ هيٺ ٻه لک لشڪر هيو يعني: ڪل لشڪر ٽيهه لک هيو ان ڪانسواءِ پنج لک بورچي، تيورا، اوڏ ۽ ڪاهي هئا، انهن سپهه سالارن جا نالا هي آهن:

1. نطر بيگ 2. تمر بيگ 3. نادر بيگ 4. مزار خان 5. حيدر هالاڻو 6. عظيم خان 7. محمود خان 8. گهرام خان 9. فتح خان 10. ڪالو راءِ 11. قنبر خان 12. هنبل خان 13. منهندل خان 14. عالم خان 15. گل بيگ.

علاوالدين جي لشڪر سان دودي جو مهاڏو

اهو لشڪر 698هه جي رمضان شريف جي عيد پڙهڻ کان پوءِ دهليءَ مان روانو ٿيو. ڇهن مهينن کان پوءِ يعني مهيني ربيع الثاني 699هه ۾ ملتان طرف کان اچي سومرن جي سلطنت جي سرحد پٽڻ منار وٽ پهتو. پٽڻ منار جا ڪنبر اڄ به بهاولپور ضلعي ۾ آهن. اهو شهر هاڪڙي درياهه جو مکيه پٽڻ هو. انهيءَ شهر ۾ ويرم پاهوڙيا پهوڙ سومرا سلطنت جو هڪ راجواڙو رهندو هو جنهن وٽ ڪل ڏهه هزار لشڪر هيو.

هن علاو الدين بادشاه جي ايڏي وڏي لشڪر جي اچڻ جو اطلاع سلطان دودي ڏانهن خاص ماڻهوءَ هٿ ڏياري موڪليو ۽ پاڻ ڏهه هزار لشڪر سان علاوالدين جي ايڏي وڏي لشڪر جو مقابلو ڪيو ۽ ساري لشڪر سميت شهيد ٿيو. هوڏانهن مغلن جا پنجاهه هزار لشڪر ۽ سپهه سالار مزار خان مارجي ويو. انهيءَ کان پوءِ مغلن جو لشڪر وڏي وڃي ماڙيلي وٽ پهتو.

هيڏانهن سلطان دودي کي جڏهن ويرم پهوڙ جو خط مليو تڏهن هن سيئي امير امراءَ گهرائي ساڻن صلاح مشورو ڪيو. انهن مان گهڻو ڪري سيني جي راءِ اها هئي ته يڪدم پنهنجي لشڪر کي مغلن جي لشڪر جي مقابلي لاءِ موڪلجي. پر سلطان دودي پنهنجو رايو ڏيڪاريو

تہ هڪ دفعو جنريل سالار خان کي صلح جي آڇ ڪجي. پوءِ شهزادي ننگر ابن چنيسر کي اهڙي خط ڪٽي وڃڻ لاءِ تيار ڪيو ويو. شهزادو ننگر پوءِ مغلن جي لشڪر ڏانهن روانو ٿيو ۽ ڏهن ڏينهن جي سفر کانپوءِ اچي مغلن جي لشڪر ۾ پهتو. سفير جي حيثيت ۾ ڪيس جرنيل اعظم سالار خان سان ملاقات ڪرائي ويئي. سالار خان سلطان دودو جو خط پڙهي پنهنجي ۾ جرنيلن ۽ سلطان چنيسر سان مشورو ڪيو. جن سڀني صلح جي آڇ مڃي. جرنيل سالار خان پوءِ صلح جا شرط لکي پنهنجي هڪ خاص ايلچيءَ جي هٿ موڪليا. جيڪو شهزادي ننگر سان گڏ وڃڻ ڪوٽ ويو. اهو سفير پوءِ شهزادي ننگر سان گڏ سلطان دودي جي دربار ۾ پيش ٿيو. جنهن جرنيل اعظم سالار خان جو خط پيش ڪيو. سلطان دودي وري به پنهنجي مجلس شوريٰ کي گهرايو ۽ خط پڙهي ٻڌايو جنهن ۾ هي شرط لکيل هئا:

1. تخت سلطان چنيسر کي واپس ڏنو وڃي.
2. لشڪر جي اوٺ موٽ جي خرچ ۾ هڪ هاٿي سون، چاندي، هيرن جواهرن جو پريل ڏنو وڃي.
3. علاوالدين بادشاه جي سوٽ رڪن الدين جو بازو جيڪو سلطان دودي وٽ سام هيو سالار خان جي حوالي ڪيو وڃي.
4. هر سال سومرا سلطنت ڏهه مڻ سون دهلي دربار کي ڏين ڏيندي.

عام طرح سگهڙن جي ڪٿا ۾ ڄاڻايل آهي ته جنرل اعظم سالار خان جا صرف ٻه شرط مڃيا. پهريون ته تخت سلطان چنيسر کي واپس ڏنو وڃي. ٻيو ته شهزادي ٻاگهيءَ جو سڳ جيڪو سلطان چنيسر بادشاهه کي ڏيئي آيو هيو هن ڀڃي حوالي ڪجي. شهزادي ٻاگهيءَ جي سنگ ڏيڻ جي ڳالهه حقيقت جي خلاف هجڻ لاءِ هي دليل ڪافي آهي ته، پهريون ته سلطان پونگر چاليهه ورهيه حڪومت ڪئي ۽ سلطان چنيسر پنجٽيهه ورهين جي ڄماري ۾ تخت تي ويٺو ۽ ارڙهن ورهن حڪومت ڪري حڪومت تان لاٿو ويو ۽ ٽيونجاهه ورهين جي عمر ۾ دهليءَ پهتو ۽ هڪ سال اتي رهيو. شهزادي بلقيس ٻاگهي سلطان چنيسر کان ٻه ٽي سال وڏي هجڻ

ڪري انهيءَ وقت 58 سالن جي هوندي علاوالدين بادشاهہ جيڪو 696 هجري ۾ بادشاهہ ٿيو ان وقت وڏ ۾ وڏ چاليهن ورهين جو هو. ان ڪري اهو ٿي نٿي سگهيو تہ سلطان چنيسر شهزاديءَ ۽ باگهيءَ جي سنگ جي آڇ علاوالدين کي ڪئي هجي. انهيءَ کان سواءِ شهزادي باگهي جيئن جو سلطان چنيسر کي سلطان دودي جي مقابلي ۾ پنهنجي حق تان دستبردار ٿي تخت ڏنو هيو انهيءَ ڪري سلطان چنيسر کي شهزادي باگهيءَ لاءِ وڏي عزت هئي ۽ هن جي شان ۾ اهڙي گستاخي ڪڏهن بہ ڪري نٿي سگهيو.

حقيقت ۾ جرنيل اعظم سالار خان، سلطان دودي سومري جي صلح جي آڇ وقت پنهنجي جرنيلن جي صلاح سان هي شرط اتي ئي تجويز ڪيا هئا. علاوالدين بادشاهہ جو صرف اهو حڪم هيو تہ سلطان چنيسر کي تخت ونڻي ڏجي ۽ شاهہ رڪن الدين کي هٽ ڪجي. انهيءَ ڪري اهو ئي شرط جرنيل سالار خان پهريائين پهريائين وڏو.

سلطان دودي تخت سلطان چنيسر کي ڏيڻ قبول ڪيو ۽ اهو شرط بہ مڃيو تہ مغلن جي لشڪر جو خرچ ڏنو ويندو. باقي شاه رڪن دين جي حوالگي. جيڪو ڪيس وٽ سامہ هيو ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيو. سالياني ڏن لاءِ جرنيل سالار خان کي لکيائينُ تہ ڏن ڏيڻ معنيٰ سنڌ جي آزادي ختم ڪرڻ آهي ۽ ڪيس لکيائين تہ مئي مارائي ڪانسواءِ سنڌ نہ ڏيندس. سلطان دودي پوءِ اهڙو خط لکي سالار خان کي سندس ئي ايلچيءَ هٿ موڪليو. انهيءَ خط ۾ اهو لکيائين تہ:

هاڻي سنڌ ترارين وچ ۾ جيڪو ڪٽي سو ڪاءُ
آهن سوڀون وس ستار جي، جن ڏياري الله.

انهيءَ ڪانپوءِ شهزادي ننگر هٿ هڪ لک لشڪر ڏئي مغلن جي لشڪر جي مقابلي لاءِ موڪليو. انهن ۾نهي لشڪرن جو مقابلو پندرهين جماد الثاني 699هـ تي ٿيو ۽ ايڪويهن ڏينهن جي جنگ هلي. انهيءَ جنگ ۾ شهزادي ننگر جي حملي جو بيان سگهڙن هن طرح ڪيو آهي:

سو اُلو اُڏاڻو باه مئون، جيئن ڪڙي تارو
جنگ سنڌي ميدان ۾، وڃي نر هنيو نارو

اڙڊ عالادين ۾ تنهن مرد وڏو مارو
سو هلي هنبارين ۾ پيو ڪيائين چورنگ ۾ چارو
اڙدن مٽان مينهن جيان تنهن مرد ڪيو مارو

ڇوڏهين ڏينهن شهزادو ننگر شهيد ٿيو. باقي سندس لشڪر ايڪويهن ڏينهن تائين وڙهندي شهيد ٿيو. سندس لشڪر جو منو حصو مارجي ويو. هوڏانهن مغلن جو ٽي لک لشڪر ۽ ٻه سپهه سالار ڪالورا ۽ فتح خان ٻه مارجي ويا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مغلن جو لشڪر اڳتي وڌيو ۽ بڪار ۾ ان جو مقابلو راجواڙي هاسي سوڍي ۽ سندس سوٽ ڏيئي سوڍي جي لشڪر سان ٿيو. هاسي سوڍي جي لشڪر ۾ نو هزار سوڍا ۽ سترهن هزار پرمار هئا. انهيءَ لشڪر مغلن جي لشڪر سان وڏو مقابلو ڪاڌو. مغلن جو لشڪر تيستائين هڪ قدم ٻه وڌي نه سگهيو جيستائين هاسي سوڍي جي لشڪر جو هڪ سپاهي ٻه زنده هيو. هاسو ۽ ڏيئو ٻئي ٻه شهيد ٿيا. هوڏانهن مغلن جي لشڪر جو پنجاهه هزار کان ٻه مٿي لشڪر مارجي ويو ۽ سپهه سالار تمر بيگ ٻه مارجي ويو. جرنيل سالار خان اهڙن مانجهي مردن جا مقابلا ڏسي سوچڻ لڳو ته جي جنگ ائين هلي ته پوءِ سندس سارو ئي لشڪر وڃهه ڪوٽ پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ختم ٿين ويندو. سلطان چنيسر هن کي دلجاءِ ڏيندي مشورو ڏنو ته هو هينئر سڏو سنئون وڃهه ڪوٽ تي حملو ڪري. چالاءِ ته وڃهه ڪوٽ ۾ سومرن جو سارو خزانو رکيل هو. سالار خان پوءِ وڃهه ڪوٽ ڏانهن وڌيو. سندس لشڪر پوءِ ٽر اُڪاري گهوگهي ٽر کان ٽيندو منڊو پير کان گذر ڪري اچي والي واه تي پهتو. انهيءَ رستي کان سلطان چنيسر ئي مغلن کي وٺي ويو.

هيڏانهن سومرن جو ٻه لک لشڪر جرنيل محمد ابن چنيسر، جرنيل سيڙ خان سومري سپهه سالار سردار گورش سومري، سرداري فتح خان سومري، ولي خان گجر، حامد خان ٺهيم ۽ جاڙيجي همٺ خان سميت مغلن جي لشڪر جي مقابلي ۾ راهي ٿيو انهيءَ لشڪر، والي واه وٽ وڃي مغلن جي لشڪر کي گهيرو ڪيو. جرنيل سالار خان پنهنجي لشڪر کي گهيري ۾ ڏسي گهبرائجي ويو ۽ هڪ وڏي ڪاهي پنهنجي لشڪر جي چوڏاري ڪٽائي جتان سندس لشڪر سنڌي

لشڪر مٿان تير اندازي ڪندو رهيو. پنجين شعبان سن 699 هجري تي سنڌي لشڪر مغلن جي لشڪر جو محاصرو ڪيو جيڪو هڪ مهينو يعني ڇهين رمضان المبارڪ تائين هليو. انهيءَ کان پوءِ سالار خان رسد ختم ٿيڻ جي خوف کان پنهنجي لشڪر کي ڪاهيءَ کان پاهر نڪري سومرن جي لشڪر جو مقابلو ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

سومرن جو لشڪر مغلن جي لشڪر جي مقابلي ۾ تمام ٿورو هيو. پر جيئن جو اهو مغلن جي لشڪر جي چوڌاري گهيرو ڪيون ويٺو هيو انهيءَ ڪري انهن مغلن جي لشڪر تي ايترو باري حملو ڪيو جو ٿورن ڏينهن ۾ مغلن جي لشڪر جا پندرهن لک کان به مٿي ماڻهو مارجي ويا ۽ جرنيل محمد خان ۽ سپهه سالار نادر بيگ، مزار خان ۽ حيدر هالاڻو به مارجي ويا. هوڏانهن سومرن جي لشڪر مان جرنيل محمد ابن چنيسر، جرنيل سيڙ خان، سردار گورش سومرو، سردار فتح خان سومرو، سپهه سالار همٽ خان جاڙيجو، ولي خان گجر ۽ حامد خانم ٿهيم به شهيد ٿي ويا. انهيءَ جنگ ۾ ماري مقام واري جنگ سڏيو وڃي ٿو.

انهيءَ جنگ ۾ قريب قريب سترهن لک جانيون ٻنهي طرفن جون ضايع ٿيون. ايان تائين به برسات پوڻ وقت انهيءَ جاءِ تي انيڪ انساني هڏا نڪريو پوڻ جيڪي اتان جا اٺ هن وقت تائين پي ڪائيندا آيا آهن. تڏهن به ڪتائي نه سگهيا آهن. ڪاهوڙ جو شهر، جتي ملو ڪاهوڙي، شاهه عبدالڪريم بلڙي واري جو خليفو شهر هڏي ويٺو اهو هن ماري مقام جي ويجهو آهي.

مغلن جو لشڪر 699هـ جو سارو شوال جو مهينو اتي رهيو ۽ پنهنجي ايڏي نقصان تي حشر ڪندو رهيو. سلطان چنيسر ۽ سالار خان جي وچ ۾ هينئر وڏا اختلاف پئجي ويا. سالار خان هن جنگ ۾ سنڌي لشڪر جون جيڪي اکيون ڏٺيون هيون، انهن ڪيس اهڙو ته بزدل بنائي ڇڏيو هو جو هن وڳهه ڪوٽ ڏي وڌڻ جي هام ئي نه پئي باسي. جيڪڏهن هن کي علاو الدين بادشاهه جو پوءِ ۽ بدناميءَ جو خيال نه ٿئي ها ته جيڪر هو اتان ئي موٽي وڃي ها. آخر سلطان چنيسر جي همٿائڻ تي هو ذوالقعد مهيني ۾ وڳهه ڪوٽ ڏي وڌيو سلطان دودو به جنگ جو رخ سخت ڏسي پنهنجيون عورتون ڪيڻ

ڪنهن طرف سام ڪري موڪلڻ جو خيال ڪيو. هن انهيءَ لاءِ اميرن امرائن سان مشورو ڪيو جن ڪيترا نالا ڏنا. انهن نالن ۾ محمد سمي، مورڙي سمي، ڪانيو خان ڪاچيلي، اوڊر اودي، سوائي سهتي ۽ اولهه پنوهر جا نالا مکيه آهن.

آخر ۾ هارڻ وزير مال، سلطان دودي کي مشورو ڏنو ته سامون محمد ابڙي صوبي ڏانهن موڪلڻ ڪپن. سلطان دودي کي انهيءَ مشوري ڪانپوءِ محمد ابڙي سان محلات ۾ گڏيءَ جي سام تي تراريون هلائڻ وارو منظر سندس اکين اڳيان تري آيو. محمد ابڙو به ٻني راڄواڙن سان گڏ سلطان جي مدد لاءِ وڏهه ڪوٽ ۾ آيل هو. سلطان دودي پوءِ سومريون هن جي سام ڏنيون ۽ رستي جي حفاظت لاءِ هارڻ وزير، گهلو گهانگهرو ۽ سومرن جي لشڪر جو هڪ وڏو جٿو سردار خفيف سومري جي سپهه سالاريءَ هيٺ هن جي حوالي ڪيو. انهن سومرين سان گڏ وڏهه ڪوٽ جي خزاني مان ڪيترا هيرا، جواهر، سون ۽ چاندي به ڏياري موڪليو. سلطان دودي پوءِ سلطان چنيسر جي والده کي به سومرين سان وڃڻ لاءِ چيو پر هن چيو ته هن مرحوم سان انجام ڪيو هيو ته هوءَ سندس محلات مان جيئري نه نڪرندي. انهيءَ کان سواءِ راڻيءَ کي اها به پڪ هئي ته مغلن جو لشڪر جيڪو سلطان چنيسر سان گڏجي آيو هيو اهو روپا ماڑيءَ تي ڪڏهن به حملو نه ڪندو.

سلطان دودو روپاڑيءَ کي سندس ضد تان لاهي نه سگهيو ۽ وڏهه ڪوٽ واپس وڃي وڏهه ڪوٽ جي حفاظت لاءِ پنهنجي سوٽ سردار صلاح الدين سومري کي، جرنيل سپڙ خان جي شهادت کان پوءِ، جرنيل اعظم مقرر ڪري هڪ لک لشڪر سان چڏي، پاڻ هڪ لک لشڪر ساڻ ڪري روپاماڑيءَ روانو ٿيو.

جرنيل صلاح الدين جي مدد ۾ سردار گامش سومري ۽ سردار عمر سومري، راڄواڙو مر ڳاهو هبب مهلاڻي، حيدر هولياڻي، ڪاهيون جام سمو، چٿو جاڙيجو ۽ سرڪنڊ سوڍو به پنهنجن پنهنجن لشڪرن سميت ساڻ هيا. شاهه رڪن الدين، بادشاهه علاوالدين جو سوٽ، جيڪو سلطان دودي وٽ سام هيو انهيءَ به لشڪر ۾ سپاهي ٿي مغلن سان وڙهڻ لاءِ خدمتون پيش ڪيون، پر سلطان دودي سندس شڪريو ادا

ڪندي، ڪيس اڳي وانگر شاهي مهمان ٿي رهڻ لاءِ چيو. پر هن سلطان دودي کان واپس وڃڻ جي اجازت گهري. سلطان پوءِ هن کي خاص پهري هيٺ پٽڻ منار تائين پهچايو. جتان پوءِ هو ملتان شريف وڃي غوث پاڪ وٽ رهيو.

ٻنهي لشڪرن جو وڙهڻ ڪوٽ وٽ مقابلو

مغلن جو لشڪر ٻ 699 هجري ذوالعقد مهيني جي ستينءَ تاريخ اچي وڙهڻ ڪوٽ کان پنجن ميلن تي پهتو. جتي سومرن جي لشڪر وڃي هنن جو مقابلو ڪيو. ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ اهڙي ته جنگ لڳي، جو زمين آسمان هڪ ٿي ويو. اها لڙائي هڪ مهيني کان ڪجهه ڏينهن مٿي هلي. جنهن ۾ مغلن جو جرنيل ماڻن مير ۽ سپهه سالار اعظم خان، محمد خان، گهرام خان ۽ پنج لک لشڪر مارجي ويو. هيڏانهن سنڌي لشڪر مان سردار عمر سومرو، گامش سومرو، مم ڳاهو ۽ ٿو جاڙيجو سرڪنڊ سوڍو ۽ منو لک لشڪر ٻ شهيد ٿي ويو. جرنيل صلاح الدين سومرو سخت زخمي ٿي پيو. جنهن کي سنڌي لشڪر کڻي وڃي ڪنهن حفاظت واري هنڌ تي رهايو. سالار خان پوءِ وڙهڻ ڪوٽ ۾ داخل ٿي، خزاني جي تلاش ڪئي، پر هن کي سون چاندي يا هيرا جواهر نه مليا. باقي لشڪر لاءِ، رسد سو ڪافي مقدار ۾ مليو. سالار خان پوءِ وڙهڻ ڪوٽ جو دربار هال، محلات ۽ ٻيون وڏيون عمارتون ڏهرائي وڙهڻ ڪوٽ کي ويران ڪري ڇڏيو.

علاوالدين جي لشڪر جي روپا ماڙيءَ تي چڙهائي ۽ دودي جو دليريءَ سان مقابلو

هن پوءِ روپا ماڙي ڏانهن باقي بچيل ڇهه لک لشڪر سميت رخ رکيو. چا لاءِ ته هن سمجهيو ته سومرن جو سون چاندي ۽ هيرا جواهر روپا ماڙيءَ ۾ هوندا. سلطان چنيسر کي روپاماڙيءَ تي چڙهائيءَ کان منع ڪئي، پر سالار خان هن جي هڪ نه ٻڌي ۽ سڌو روپا ماڙي روانو ٿيو. سلطان دودو ٻه روپاماڙيءَ جي حفاظت لاءِ اتي رهيل هيو. مغلن جو لشڪر آخر چوٿينءَ محرم 700 هجري جي اچي روپاماڙيءَ پهتو.

سلطان دودي ۽ مغلن جي لشڪر کي مڙس ٿي منهن ڏنو. سالار خان کي سلطان نيسر اڳ ۾ آگاهه ڪيو هو ته دودو دليرِ ۽ دلاور آهي، ڪوپو ۽ ڪنڊار آهي ۽ جڏهن هو جنگ تي چڙهندو آهي ته وڏي ۾ وڏي پهلوان جا لڳ ساهه ڇڏي ويندا آهن ۽ دل ٽٽي پوندي هئي. سگهڙن سلطان دودي سومري جي پهلوانيءَ کي هن نموني بيان ڪيو آهي:

جڏهن دودو چڙهندو جنگ تي، تڏهن وڻ ڇڏيندا واءُ
رئيءَ کان سج لٽجي وڃي، پوي نه سڌ سماءُ
مرون جهنگ ڦٽو ڪندا، هيلي لڳندي باهه
ميو چڙهي موجون ڪندو دهجي ويندا درياهه
دودو چڙهندو جنگ تي، تنهنجون ديميون ڇڏيندو ساهه

جڏهن سلطان دودو جنگ تي چڙهيو تڏهن سندس حشمت ۽ هيبت کان مغلن جي لشڪر جا هيانءَ ڪاچي ويا. دودي پنهنجي خاص هٿيار سان جنهن ۾ ست تلوارون لڳل هيون، دشمن جي لشڪر تي حملو ڪيو جتان ٿي مغلن جي لشڪر ۾ پيو اتان سندس پها ڪڍيو ٿي ڇڏيائين. ست ڏينهن جنگ هلي. ميدان سارو رت سان وهي هليو. سنڌين جي لشڪر ۾ پنهنجي سلطان سان گڏ لڙي دشمن جي لشڪر جا ڪٽڪن جا ڪٽڪ ڪُهي ڇڏيا. پوءِ سلطان چنيسر سالار خان کي هڪ حرفت ڏسي، جنهن سان سلطان دودي جي گهوڙي چلانگ ڏيندي وڃي پالن پريل ڪاهيءَ ۾ ڪري ۽ سلطان دودي دليرِ کي پالا گهاءُ ڪري ويا. آخر سلطان پالن مان جان ڇڏائي ۽هرزمين تي اڇي سجدي ۾ پيو ۽ مالڪ الملڪ کان سنڌ ملڪ جي عزت ۽ آزاديءَ لاءِ پئي دعا گهريائين ته هڪ مغل سندس سر ڌڑ کان ڌار ڪري ڇڏيو:

انا لله و انا اليه راجعون.

اهو وقت ٻن پهرن جو جمعي جو ڏينهن، ڏهين محرم 700 هجري، مطابق 27 مارچ سن 1300عيسوي هيو. اهڙيءَ وطن جي جان نثار تي ساري سنڌي قوم جا لک لک سلام.

(سلطان الملڪ شهيد دودو سومرو تان)

شمشير الحيدري

دودو دلير

دودي- چنسر جو قصو سنڌ ۾ مشهور آهي. جنهن موجب سلطان علاوالدين دهليءَ کان اچي سنڌ جي سلطان دودي تي ڪاهه ڪئي هئي. ۽ دودو ۽ سندس ساٿي بيحد بهادريءَ سان وڙهي شهيد ٿي ويا. اهو قصو تمام تفصيل سان ڳاهن ۾ چيل آهي. ۽ اسان جي ادبي تاريخ جو اوائلي ۽ اهم نشان سمجهيو وڃي ٿو. ان جا سمورا ڪردار سنڌ جي بهترين اخلاقي وصفن جا نمائندا ظاهر ٿين ٿا. ۽ دودي کي سنڌ جو مثالي سورمو ليکيو وڃي ٿو.

اهو واقعو سومرن جي دؤر ۾ ٿيو آهي. سومرن جي دؤر جي تاريخ تي اوندهه جو ايڏو ته پڙدو پيل آهي. جو ڪابه سلسليوار معلومات نٿي ملي. حالانڪه اهو زمانو ڪو تاريخ کان اڳ جو ڪونهي. بلڪ سومرن جي طاقت عربن جي دور ۾ منظر ٿي. ۽ عربن جي زوال سان ئي اهي سنڌ جا آزاد حاڪم بنجي مٿي آيا. عربن جي دور جا تفصيلي حالات ته اسان جي هر ڪنهن تذڪري ۽ تاريخ ۾ قلمبند ٿيل آهن. پر سومرن بابت فقط معمولي اشارا ئي آيل آهن. سومرن جو دور ڪي تاريخدان ٻي سؤ ڪي پنج سؤ ته ڪي وري بنه هڪ هزار ورهين تائين پهچيو ٿا ٻڌائين. سندن ڪمال ۽ زوال جا ٻيئي ڇيڙا ائين اوندهه ۾ ٻڏل آهن. جيئن ڪنهن تصوير جو روشن رنگ. درجي بدرجي. پس منظر جي ڪاري رنگ ۾ جذب ٿيندو ڏسجي.

سومرن جي دور جون هي چار خصوصيتون ان کي سنڌجي تاريخ ۾ بين مڙني دورن کان اهم ٿيون بنائين:

(1) اول ته اسلام کان پوءِ اهو پهريون مقامي اقتدار جو دور هو

(2) هيو ته سنڌ جي تاريخ ۾ ايڏي طويل زماني تي ڦهليل هيو ڪوبه دورنه رهيو آهي.

(3) ٿيون ته سنڌي ادب ۾ زبان جون بنيادي روايتون هن دور ۾ پيدا ٿيون آهن ۽

(4) چوٿون ته تاريخ جي ٿوري ئي مواد مان اهو دور سنڌ جي شان ۽ آسودگيءَ جو دور ثابت ٿيو آهي.

ايڏي اهم دور جا منتشر حوالا اسان جي ادبي تاريخ ۾ ته متواتر جاري رکيا اچن، پر ان بابت نڪو مستند احوال اسان جي تاريخي ڪتابن ۾ ملي ٿو ۽ نه ورې اسان جن محققن جديد وسيلن سان ان بابت کوجنا ڪرڻ جي ڪا تکليف اڄ تائين ورتي آهي. اها سخت ڏوهه جهڙي، سخت افسوسناڪ ڳالهه آهي.

سومرن جي تاريخ بابت متينءَ صورتحال جي ڪري، دودي ۽ علاوالدين واريءَ جنگ بابت به اهڙا مونجهارا اڳيان اچي ويا آهن، جو ڪيترن ئي عالمن انهيءَ واقعي کي سراسر غلط ۽ فرضي ٺهرايو آهي. وڏو مغالطو دراصل انهيءَ ڪري پيدا ٿيو آهي جو انهيءَ جنگ بابت گهٽو ڪري سيني روايتن ۾ دهليءَ کان سنڌ تي ڪاهي ايندڙ بادشاهه جو نالو "علاوالدين خلجي" ٻڌايو ويو آهي. تاريخي واقعن ۽ سومرن جي شجرن کي پيٽيندي، عالمن کي انهيءَ واقعي جي مناسبت نٿي ملي. پر دودي، چنيسر، ڀاگهيءَ، ننگر، عمرڪوٽ جي حاڪم هاسي سوديءِ، ڪچ جي حاڪم جام ابڙي سمي ۽ ابڙي جي پٽ ممٽ جا نالا، انهن جون واسطيداريون، حيثيتون ۽ حڪومتون، تاريخ ۾ اهڙيءَ ريت موجود ملن ٿيون جو انهن کي ڪنهن به ريت فرضي ڪردار نٿو ٺهرائي سگهجي. البت وقت، واقعن ۽ شخصيتن جي اڳ يا پوءِ هجڻ يا سگهڙن جي پيدا ڪيل وڌاءَ جي چنڊچاڻ ڪرڻ، سا تاريخ جي تحقيق ۾ ڪا انوکي ڳالهه ڪانهي.

انهيءَ سلسلي ۾ هڪڙي راءِ هيءَ به موجود آهي ته اهو سلطان علاو الدين خلجي نه، بلڪ سلطان ترمر شيرين عرف علاوالدين هو جنهن چنيسر جي چوٽ تي سنڌ تي ڪاهيو هيو. وقت ۽ واقعن جي مناسبت سان، اها راءِ بيشڪ وزندار ۽ ڌيان طلب نظر اچي ٿي. تازو مير حاجي محمد بخش صاحب ٽالپر انهيءَ راءِ جي پٺيرائيءَ ۾ هڪ

مضمون لکي، "ترمر شيرين" جي ڪاهه بابت مختلف حوالا مهيا ڪيا آهن.[1] مناسب ڄاڻي، سندس بيان جو تت پيش ڪجي ٿو.

سلطان ترمر شرين چوڏهين صديءَ جي شروع ۾ سمرقند جو حاڪم هو. ڪيس "علاوالدين" به سڏيندا هئا. ۽ تاريخي ڪتابن ۾ به ڪيس انهيءَ عُرفيت سان لکيو ويو آهي. مشهور سياح ابن بطوطه، جيڪو سمن جي اوائلي دور ۾ 734 هجريءَ ڌاري سنڌ آيو هو سو "نخشب" شهر ۾ علاوالدين جي دربار ۾ پهتو هو ۽ پنهنجي سفرنامي ۾ سلطان جو گهڻو ذڪر ڪيو اٿس. ابن بطوطه جي سنڌ اچڻ کان 7-8 ورهيه اڳ، سلطان ترمر شيرين عرف علاو الدين دهليءَ تي ڪاهه ڪئي هئي. مختلف تاريخن انهيءَ ڪاهه جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ ان جو سال 727هـ مطابق 1327 عيسوي ڌاري ٻڌايو آهي. ان وقت دهليءَ جي تخت تي سلطان محمد تغلق هو جنهن مقابلي جو ست نه ساري، ترمر شيرين کي ڇڄ زر ۽ جواهر ڏيئي موڪليو. ترمر شيرين، جيڪو ملتان کان دهليءَ تائين برابادي ڦهلائيندو ويو هو سو دهليءَ کان موڪنديءَ، ماروار ۽ گجرات ۾ تباهي آڻيندو غنيمت جو مال ميڙيندو سنڌ جي رستي پنهنجي ملڪ موڪليو هو ("تاريخ گجرات"، مولانا سيد ابو ظفر ندوي).

ممڪن آهي ته چنيسر جڏهن دهليءَ ڏانهن مدد وٺڻ ويو هجي ته ان وقت سلطان علاو الدين ترمر شيرين به دهليءَ ۾ خيمه زن هجي، ۽ ممڪن آهي ته چنيسر کي سنڌ ۾ مال دولت جي لالچ ڏيئي چاڙهي آيو هجي. چنيسر جيئن ته سلطان علاو الدين ترمر شيرين کي دهليءَ کان وٺي آيو هو تنهن ڪري سنڌ جي عوامي قصن ۾ ڪيس "دهليءَ جو باشاهه" مشهور ڪيو ويو ۽ ائين، "علاوالدين" جي ساڻيءَ نالي سان، "علاوالدين خلجيءَ" جي ڳالهه هُلي ويئي.

متئين بيان موجب، دودي ۽ علاو الدين واري جنگ سومرن جي آخري دور ۾ لڳي، جڏهن دودو چوٿون تخت نشين هو. جنگ ۾ نه رڳو دودو

---

[1] ڏسو سماهي "مهراڻ"، 1967/4ع سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد. مضمون "سلطان علاوالدين" نشين زندگي، جون- جولاءِ، 1970ع

پاڻ شهيد ٿي ويو بلڪ آسپاس جا ڪيترائي سندس وفادار ۽ دوست حاڪم ۽ سردار ب سندس حمايت ڪندي مارجي ويا. سومرن کي ان ڪري اهڙو ڪاپاري ڏڪ لڳو جو ٽيهارو سالن اندر همير سومري ٿي سندن حڪومت جي پڄاڻي ٿي ويئي. بهرحال، سومرن جو ڪهڙو حاڪم "دودو" ۽ دهليءَ کان ڪاهي ايندڙ ڪهڙي "سلطان علاوالدين" جو هن معاملي سان تعلق آهي، تنهن جي تحقيق ۽ تصديق محققن جي ذمي آهي.

دودي ۽ علاوالدين جي هيءَ جنگ، آدرشي لحاظ کان، سنڌ لاءِ مها پارت واريءَ جنگ جو درجو رکي ٿي، جنهن جا سورما، سندن جوش ۽ جذبو سنڌ لاءِ بيحد مقدس آهن. واقعاتي لحاظ کان، پنهنجن ملڪي معاملن ۾ باهرينءَ دست اندازيءَ خلاف سومرن جي هيءَ جنگ قومي غيرت، خودداريءَ، وطن دوستيءَ ۽ دليريءَ، سچائيءَ ۽ قرباني جو زبردست ڪارنامو آهي.

عام روايت موجب، دودو ۽ چنيسر سومرن جي حاڪم پونگر جا پٽ هئا. دودو ڏاڏي پوٽيءَ مان، ۽ چنيسر ڏاريءَ زال مان. پيءُ جي مرڻ بعد، گاديءَ جي مسئلي تان امير ۾ اٽڪٻٽ ٿي پيئي ۽ آخرڪار فيصلو باگهيءَ ٻائيءَ تي ڇڏيو ويو جيڪا پونگر جي ڏاڏي پوتي ڏيءَ، ٻنهي پائرن کان وڏي هئي. باگهيءَ تخت وڏي پاءُ چنيسر کي ڏياريو. چنيسر پنهنجيءَ ماءُ کان مشورو وٺڻ لاءِ، پريءَ دربار مان، پڳ هٽڻ کان سواءِ اُٿي هليو ويو جا ڳالهه راڄڌاريءَ جي لحاظ کان امير سخت معيوب سمجهي. چنيسر کي "زنانو" سمجهي، راڄ وارن دودي کي پڳ هٽڻ تي مجبور ڪيو. دودو ڏاڏي پوٽو ۽ بيحد بهادر ۽ لائق هو تنهن ڪري سومرن توڙي سوڍن جا سڀ راڄ گهٽو راضي ٿيا:

جت سوڍا، سومرا، راج مڙوئي مڙن،
پاڳ تت دودي شير تي، ڏمر دهل وڄن،
خلقون مر اچن، دودل جي دربار ۾.

چنيسر، ڪاوڙجي، دهليءَ ڏانهن سلطان علاو الدين وٽ دانهين ٿي ويو ۽ ڪيس پنهنجيءَ پيٽ باگهيءَ جي سڳ جي لالچ ڏيئي، ڪانئس

لشکر جي مدد ونی آيو. دودي کي سنڌ تي چڑهائيءَ جي خبر پيئي تہ هن پهرين سلطاني لشکر جي مهندار ڏانهن، خود چنيسر جي هوڻهار پٽ "ننگر" کي ڪجهہ ماڻهو ساڻ ڏيئي، ايلچي ڪري موڪليو. نوجوان ننگر جو اهو تاريخي ڪردار قومي غيرت ۽ حوصلي جو شاندار مثال آهي، جنهن اڻاهہ لشکر جي هجوم ۾ ٻاگهيءَ جي سگ ڏيڻ کان انکار ڪري چڏيو ۽ بروقت لڙائيءَ جو آغاز ڪري، پنهنجن سمورن ساٿين سميت قربان ٿي ويو.

پوءِ، دودي جي همراهيءَ ۾، پهرين سندس دوست، عمرڪوٽ جو حاڪم هاسو سوڍو راج سميت سلطاني لشکر سان سامهون ٿيو ۽ پنهنجو سر قربان ڪيائين. جڏهن دودي کي ڏاڙئين لشکر جي سنڌ ۾ قدم ڏرڻ جي خبر پيئي، تڏهن شاهي خاندان جي سيني عورتن کي، پنهنجيءَ پيڙ ٻاگهيءَ سميت، ڪچ جي نامياري حاڪم جام ابڙي سمي، ڏانهن سام ڪري موڪلي ڏنائين، ۽ پاڻ، سيني ساٿين سميت، سر ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

ويس جن جا سون جا، عاجاوان ارٿ
سامَ وجن ابڙي ڏي، چڏي چانءَ چَپٽ
گهر، ماڙيون ۽ پَٽ، ساڙي هليو سومريون!

"سام پوڻ، جو قديم اخلاقي اصول فقط سنڌ سان ئي مخصوص آهي، جنهن موجب هارايل ڌر جي عورتن جي عصمت جي نگهداشت کٽندڙ ڌُر تي لازم هئي. يا وري جنگ جي حالت ۾، جنگ کٽندڙ حاڪم يا سردار جو ڪو وفادار دوست انهن عورتن جي ذميداري قبول ڪندو هو. اها هڪ اهڙي اخلاقي ذميواري هئي، جنهن جي پوئواري هر قسم جي نقصان ۽ خطري تي حاوي، جان کان وڌي. فرض ۽ ايمان جي حد تائين لازم سمجهي ويندي هئي. سنڌ کان سواءِ، اها روايت فقط عربن جي بدوي قبيلن ۾ ملي ٿي، جنهن موجب هو جنگ ۾ هٽ آيل عورتن جي حرمت پاڻ تي فرض ڄاڻندا هئا. بلوچ قبيلن ۾ البت اهو رواج آهي. ظاهر آهي تہ اها ذميداري بيحد ڪٺن ۽ بيحد جوکي واري آهي. اهوئي سبب آهي جو جام ابڙي طرفان سومرين کي "سام ونڻ" هڪ عظيم اخلاقي جراتمنديءَ

جو ڪم سمجهيو ويو ۽ اسان جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ هن قومي سورمي کي گهٽو سارا هيو ويو.

بهرحال، سنڌي ۽ سلطاني لشڪرن جو مقابلو ٿيو. ٻنهي طرفن کان زبردست جنگ هلي، جنهن ۾ دودي زبردست دليريءَ سان مقابلو ڪيو:

واڇوڙي جئن وڇڙي، گينور گوڙ ڪياءِ
ڏهه لک ڏهن اڳرا، ماري خلق وڏاءِ
سورهيه سپ ٽياءِ، ويري سپ وڇڙي ويا.

آخرڪار سيني ساٿين ۽ سپاهين سميت، دودو پنهنجي وطن تان سر صدقو ڪري ويو:

ست هٿيارا سومرا! مٿي تو ڪا ناهه
سمن سوڍن وچ ۾، مر مَرڪي ماءَ سنديءِ
ڏاڙهي ڏاڙهونءَ گل جيان، رڇي لال ٽياءِ
هُئين سپاهي راءِ، پيو آهين پِڙَ ۾ا

سلطاني لشڪر پوءِ فتحيابيءَ سان روپاهه جي شهر ۾ اچي، شاهي ڪوٽ اندر داخل ٿيو. هايون ۽ ٻانهيون ته ڪين هيون، سيني پاسن پڙَپيننگ لڳي پيئي هئي. تڏهن هو جام ابڙي ڏانهن ڪاهي ويا، جنهن دودي جون سامون جهليون هيون. ابڙي زبردست اخلاقي جرات جو مظاهرو ڪندي، سامن ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ابڙي کان اڳ، سندس سرحدي دوستن، جاڙيجا سردارن، سندس طرفان شاهي لشڪر جو مقابلو ڪري، پاڻ قربان ڪيو. ابڙو تمام هاڪارو پهلوان هو ۽ بيحد بيجگريءَ سان مقابلو ڪيائين:

سڄ نہ ڪري سوجهرو ڏان ڏان ڏو ڏڏڪار
اُتي ابڙو ايئن وڙهي، جئن پاٽي ٻوڙي تار!

سڄار سورهيه ابڙو به، پنهنجي بهادر پٽ "ممٽ" ۽ سمورن ساٿين سميت، سر ڏيئي سرهو ٿيو. سموريون سومريون ستيون ٿيون، ۽ ان طرح اهي به پنهنجيءَ لڄ ۽ ناموس تان پاڻ قربان ڪري ويون. ان ريت، سنڌ جي سرزمين تي حب الوطنيءَ، بهادريءَ، اخلاق ۽ قربانيءَ جا لافاني نقش چٽجي ويا.

اڄ نہ اهو سلطان آهي، نہ سندس سلطاني، پر دودي ۽ سندس ساٿين کي ست سؤ سالن کان پوءِ بہ، ڳوٺ ڳوٺ ۾ پيو ڳائجي. دودو سونهن، سياڻپ ۽ سورهيائيءَ جو مجسمو حب الوطنيءَ ۽ قرباني‌ءَ جي جذبن سان سرشار هڪ مثالي سورمو آهي، جنهن پنهنجي ديس جي نالي تي جنگ جي ميدان ۾ پير پاتو. ڪمسن ايلچي، شهزادي ننگر جي غيرت حوصلي جو نظير تاريخ ۾ ورلي ملندو. شهزادي‌ءَ ۽ ڳهل ڀائيءَ جو تدبر ۽ غيرتمندي، سنڌي عورت جي ڪردار جو بهترين مثال آهي. ڄام ابڙو هاسو سوڍو مماڻ ابڙو جاڙيجا سردار ۽ ٻيا سمورا واسطيدار سپاهي ۽ سورما، حب الوطنيءَ، قرباني‌ءَ، جوش ۽ خلوص جا مجسما آهن. خود چنيسر جي ڪردار ۾ ماءَ جي مڃتا جو سڀ سبق آهي. چنيسر وڏو پٽ هو پر پونگر جي ڏاريءَ زال مان هو دودو ڏاڏي پوڻيءَ زال مان هو پر ننڍو هو تنهن ڪري راج وارن ۾ مختلف رايا ۽ چميگويون هيون. انهيءَ پس منظر ۾ ڪيس جڏهن پڳ ٻڌڻ لاءِ چيو ويو تڏهن سندس هيڪڙ ۽ دودي جهڙي ياءَ جي پيٽ ۾ دل من هٽڻ هڪ قدرتي ڳالهہ هئي. دراصل اهو دودي ۽ چنيسر جي انفرادي قبوليت جو نہ، پر خاندان جي فردن ۽ اميرن جي جدا جدا راين رکندڙ گروهن جو معاملو بنجي چڪو هو. ڪيئن بہ هجي، هيءَ جنگ سنڌ جي تاريخ جو بيحد اهم باب آهي، جنهن جا مڪمل ۽ مستند تفصيل طئي ٿيڻ کپن. ڏٺو وڃي تہ هيءَ جنگ نہ، بلڪ جنگاهہ هو جنهن لاڙ جي سموريءَ اڌ سنڌ جي ايراضيءَ کي جنگ جو ميدان بنايو ۽ هڪ نہ، بلڪ ڪيترن ئي محاذن تي، ڪيترن ئي حاڪمن ۽ سردارن ان ۾ حصو ورتو. سنڌ جا هزارين ڪٽنب قربان ٿيا، جن سيني جو سربراهہ، سنڌ جو سورهيہ سورمو، دودو دلير هو.

(ماهنامہ نئين زندگي تان)

دودو سومرو

سنڌ تي سومرن جي حڪومت تيرهين صدي عيسوي کان چوڏهين صدي عيسوي تائين رهي آهي. تاريخ جي ڪتابن مان ڪا خاص خبر نٿي پوي ته ڪهڙي سردار جي حڪومت ڪيترو وقت رهي۽ ڪٿي ڪٿي رهي. هر ڪنهن مؤرخ پنهنجا پنهنجا اندازه لڳايا آهن. ان ڪري اسان جي هيري دودي سومري ڪهڙي وقت حڪومت ڪئي ۽ ڪيترا سال ڪئي خبر نٿي پوي. وري سومرا دور ۾ هڪ هڪ نالي سان ڪيترا سردار ٿي گذريا آهن. جن جي نالن جي مونجهاري جي ڪري ڪنهن خاص نقطي تي ماٺهو پهچي نٿو سگهي. افسوس جو سندن دور ۾ شاعر ته پيدا ٿيا. پر ڪو مؤرخ پيدا نه ٿيو نه ته ايترو مونجهارو نه ٿئي ها. هڪ ٻي ڳالهه سامهون اچي ٿي ته علاوالدين خلجي جي دؤر حڪومت ۾ دودو سومرو ٿي گذريو آهي ۽ انهي ساڳئي خلجي بادشاهه سنڌ تي حملو ڪيو هو. پر ڪٿان به ثابت نٿو ٿئي ته ڪو علاوالدين "خلجي" هو. ٿي سگهي ٿو ته علاوالدين ڪو ٻيو به هجي، جنهن سنڌ تي حملو ڪيو هجي!

جيڪڏهن علاوالدين خلجي صحيح آهي ته پوءِ 1300ع جي آس پاس سندس لشڪر سنڌ لڳ ٻيڪون ڪندي ملي ٿو جو گجرات ۽ ماروارَ طرف اکيون کپائي ويٺو هو. تاريخون اشارا ڏين ٿيون، پر پوري احوال ڏيڙ ڪان خاموش آهن. اسان تائين تفصيل پاڻ ۾ پان شاعر جي وسيلي پهچي ٿي.

سومرا ملتان واري اوليا غوث بهاوالادين جا مريد هئا. سندن تخت گاهه پونگر راءِ (شايد ٻيو) جي وقت ۾ وڳهه ڪوٽ ۾ هو جنهن جا

ڪنڊرات اڄ بہ رڻ ڪڇ جي باردر تي موجود آهن. ڪنهن زماني ۾ هي مشهور قلعو هوندو هو. هن جي پر ۾ "ڪوڙسر" جي قديم ڳوٺ ۾ جيڪو اڳي گجرن جي هڪ ننڍي بستي هوندي هئي، سومرن اتي پنهنجون محل ماڙيون جوڙايون ۽ اها روياه ماڙي جي نالي سان مشهور ٿي، اتي سندن عيال رهندا هئا. روياهہ راڻي پونگر راءِ (شايد ہيو) جي گهر واري هئي، جنهن تان هي نالو پيس. يعني، اسان جي دودي سومري جي ڏاڏي هئي.

پونگر راءِ (شايد ہيو) کي دودي نالي اڪيلو پٽ ڄائو جنهن ۾ شاديون ڪيون هيون، پهريون "لوهڙ" ڳوٺ جي گجرن مان، جيڪي لوهار کو ڏنڊو ڪندا هئا. انهيءَ مان اول ڀاگهي ۽ پوءِ چنيسر ڄائو. ہي راڻي وري سندس ئي خاندان مان، ڏاڏي پوٽي پرٽيو انهيءَ ڏاڏي پوٽيءَ کي تہ ايجان فقط اميدواري ئي هئي تہ "نهري" دودو (شايد ہيو) پنهنجي پيءُ راءِ پونگر جي جيئري ئي گجر ۽ تومار قبيلن سان وڙهندي مارجي ويو. ستت ئي ڏاڏي پوٽيءَ ہار ڄڻيو پونگر راءِ، هن پوٽي جو نالو بہ پيار وچان "دودو" رکيو جيڪو دودو (شايد) ٽيون سڏجي ٿو. پيءُ جو نالو شايد پٽ تي رکڻ جو رواج هو جيئن انڙ ڄام سمون بہ انڙ جو ئي پٽ هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ہين ہن پائرن جو نالو بہ عبداللطيف هو.

پاڳو پان چوي ٿو:

دودو چنيسر پاڻ ۾، ٻئي پٽ دودي سڏجن
سي پڙ پوتا پونگر جا، ٽا رونشي راند رهن

پونگر راءِ تمام وڏي جمار ماڻي ۽ پنهنجا اهي پڙ ۽ بهادر پوتا پالي پرٽائي انهن جو اولاد بہ اڪين سان ڏنائين، پر سندس اڪ پوريندي ئي علاوالدين حملي آور ٿيو. ياد رهي تہ پونگر راءِ پنهنجي پٽ دودي ۽ئي جي قتل بعد وري بہ پاڻ ئي حڪومت هلائيندو رهيو. آخر هي بہ گذاري ويو. ان وقت دودو ٽيون ۽ چنيسر، وڏا جوان ٿي چڪا هئا. جن جو ڀڳ تان تڪرار ٿيو.

پونگر راءِ کان پوءِ سندس تي حقي وارث هئا، سيني کان وڏي ڀاگهي ۽ ان کان پوءِ هن جو ٻاءُ چنيسر. دودو سيني ۾ ننڍو هو. پونگر

جي وفات کي ايان ٻه ٽي ڏينهن گذريا هئا ته مردن اچي پگ تي معاملو ٻڌو. دودي دستاربنديءَ جي رسم ادائي لاءِ دعوت نامو مڪلي باهڙ ميڙ جا سومرا، اجمير جا چوهاڻ، جيسلمير جا پٽي، ماٽيلي جا راجڙ، ڀٽ جا سوڍا، ڪچ ڇ جا سمان ۽ جاڙيجا ۽ ڪاڇي جا چنا گهرايا. اول فيصلو ٿيو ته ٻاگهيءَ کي حڪومت جون واڳون ڏنيون وڃن (ڇو ته هن کان اڳ ٻه "تاري ٻائي" حڪومت سنڀي نموني سان ڪري چڪي هئي) پر ٻاگهي، چنيسر جي حق ۾ دستبردار ٿي ويئي، ان تي ڪن سردارن دودي جي فائدي ۾ راءِ ڏني، ڇو ته هو ڏاڏي پوٽيءَ مان هو. فضا جو رخ بدليل ڏسي چنيسر "ٻکار" جي جنگل (ضلعو سانگهڙ) طرف شڪار جي بهاني هليو ويو. شايد ان ڪري اوڏانن ويو جو اُتي ان وقت علاوالدين جو لشڪر لڏل هو. جو گجرات تي حملي خاطر پاٽيءَ جي ڪناري ٻکار ڏنڊ تي پيو هو. ٻاگهي جي ٻکار تي دودي سومري، حيدر هالاڻي (جو پڻ سومرو هو) جي هٿان ڪيس پگ آڇي ۽ واپس موڪڙ تي مجبور ڪيو. چنيسر موٽيو ته سهي، پر ڪڇهري ڪيس ڪا عزت نه ڏني ۽ نه استقبال ڪيو. اهو حال ڏسي پنهنجي ماءُ کان پڇڙ ويو ته دودو پگ ٻڌائي ٿو پر اميرن جو رايو نيڪ نه آهي. هاڻي پگ ٻڌجي يا نه؟ جيستائين هو پڇي اچي، تيستائين اميرن پٽيان دودي کي مجبور ڪري پگ ٻڌائي پيڙهيءَ تي ويهاري ڇڏيو ۽ چنيسر لاءِ چيائون ته. "جيڪو پگ ٻڌڻ لاءِ به ماءُ کان پڇڙ ويو آهي. سو سياڻي حڪومت جا فيصلا به ماءُ کان پڇي ڪندو."

جڏهن چنيسر ماءُ کان پڇيو ته ان به طعنا ڏنس ته. "تون هاڻي اچي رڍون چار ۽ آءٌ وڃي دودي جي دربار ۾ نوڪرياڻي ٿيندس." چنيسر اهو ٻڌي وڳهه ڪوٽ کان سڌو علاوالدين بادشاه جي لشڪر ۾ دانهي ٿي ويو. جتي نامدار نذر بيگ ۽ مانڊڻ راءِ وزير جي سفارش سان هن کي فوجي مدد منظور ٿي ملي ۽ سلطاني لشڪر "ٻکار" مان اچي "ويرا واهه" (ٿر تعلقو ننگر پارڪر) ۾ خيمه زن ٿيو.

علاو الدين 1299ع ۾ سپهه سالار ظفر خان جي ماتحت هڪ فوج سيوستان موڪلي. ظفر خان پوري سنڌ ۽ سيوستان کي تاتارين کان صاف ڪيو. انهيءَ سال گجرات به فتح ڪيائين. جنهن ۾ نو مسلم

تاتارين جي فوج به شامل هئي. 1301ع ۾ راجستان به فتح ڪيائين. يعني 1299ع کان 1301ع تائين فوجون سنڌ جي آس پاس پئي ڦريون. گجرات تي حملي وقت الغ خان سپهه سالار جي ماتحتيءَ ۾ فوج ڏني ويئي هئي، جنهن سان گڏ نصرت ملڪ سپهه سالار به هو. تنهن کان سواءِ تمر بيگ، نذر بيگ نامدار محمد خان "هنبس" پٺاڻ، ماڏو راءِ محاڏ تي شامل رهيا. ماڏو راءِ جيڪو اصل ۾ گجرات جي راجا ڪرڻ واگهيلي جو وڏو وزير هو تنهن غداري ڪري پٺاڻن جو پاسو روتو. سلطان علاوالدين جي فوجن کي سنڌ ۽ گجرات ۾ آڻڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو ۽ ان سان سونهون ٿي ڪري هليو.

چنيسر جي دل ۾ علاوالدين جي فوجي مدد جو خيال صرف ان ڪري پيدا ٿيو جو سرحد جي ويجهو بادشاهي فوجون منزل انداز اڳي ئي ٿيون پيون هيون. دودي سومري به هن نازڪ صورت حال جي ڪري ئي پگ هڏڻ لاءِ امير گڏ ڪيا هئا ۽ فساد تارڻ خاطر وري چنيسر کي موڪلائڻ جي به ڪوشش ڪئي هئي، پر چنيسر دوراندیشي نه ڪئي.

بادشاهي فوجن ويرا واهه وٽ تنبو کوڙيا ۽ هيڏانهن وري سنڌ جا سڀ سردار سامهون ٿيڻ لاءِ دودي وٽ اچي گڏ ٿيا. دودو پاڻ گهر ويهي رهيو ۽ چنيسر جي نوجوان پٽ ننگر کي لشڪر جو مهندار بنائي سندس پيءُ جي سامهون ٿيڻ لاءِ مقرر ڪيائين ۽ چيائينس ته، "وڃي پٺهين سان وڙهه يا ڪيس راضي ڪر." نوجوان ننگر سنڌ ڏرتيءَ لاءِ پنهنجي پيءُ جي گهرايل ڏارين جي لشڪر جي سامهون "ريڙ" ندي تي ٿيو سندس ماتحت هي امير هئا. ممد خان ۽ سپڙ سومرو چٽو جاڙيجو سوائي سميجو، ڳهڻو راڄڙ، هاسو سوڍو ۽ پاڳو پان پڙ فوجي مشير طور ساڻ هو.

بادشاهي فوجن مان پهريائين شڪاريّ دستو سامهون ٿيو ان بعد "بانڪو برخوردار" پنهنجا حبشي آندا. آخر ۾ محمد خان هنبس پٺيان آيو اهي سڀ مارجي وڃڻ کان پوءِ نامدار بيگ آيو جنهن جنگ جي سورهين ڏينهن ننگر گهوٽ کي شهيد ڪري وڏو. هاڻي بادشاهي فوجون وڳهه ڪوٽ ڏي وڌيون. جتي دودي سومري پنهنجو تخت گاهه بچائڻ لاءِ سامهون ٿي جنگ ڪئي. جنگ دوران ٻنهين هٿن ۾ به

تلوارون کٽي دشمن تي وار ڪرڻ لڳو. بهادريءَ سان وڙهيو پر پناڻن جي نرغي ۾ اچي هو به حويليءَ جي دهليز اڳيان شهيد ٿيو. افسوس آهي جو دودي پاڻ پهرين سنڌي لشکر جي مهنداري نه ڪئي. جيڪڏهن پاڻ مهندار هجي ها ته جنگ جو پاسو ئي پلٽجي وڃي ها. هن، نوجوان ننگر کي موڪليو جو ناتجربيڪار هو. اهو صرف ان لاءِ ڪيو ويو هو ته چنيسر ۽ ننگر پيءُ پٽ پاڻ ۾ ڇاٽن. پر اهو نه ڏٺو ته سنڌ کي به نقصان رسندو. وري جڏهن بادشاهي فوجون در تي اچي بيٺيون. پوءِ وڙهڻ اجايو ثابت ٿيو. هن جنگ ۾ دودي سومري کي هيرو (Hero) مڃڻ پنهنجي جاءِ تي درست، پر مان نگر نوجوان کي سنڌ جو سورمو چوندس، جنهن الهڙ جواني ۾ سنڌي فوجن جي ڪمان ڪري هڪ زبردست دشمن جي فوجن کي منهن ڏنو ۽ ميدان جنگ ۾ شهيد ٿيو. جڏهن ته سندس والد چنيسر سامهون دشمن طرفان مقابلو ڪري رهيو هو واه ننگر راءِ واه!

سومرا دور جي پاڳو پان، هڪ هنڌ دودي چنيسر جي پيءُ جو نالو به دودو لکيو آهي. جيڪڏهن پاڳو پان جي چوڻ مطابق، اهو دودو ۽ چنيسر جو پيءُ آهي ته پوءِ اسان جا هيرو دودو ۽ ننگر، علاوالدين خلجيءَ کان تمام آڪاٿو ٿي گذريا آهن. هي سڀ مسئلا تحقيق طلب آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته 1226ع ۾ چنيسر ترم شيرين عرف علاوالدين جي مدد وٹي آيو هو نڪي علاوالدين خلجيءَ جي! بهرحال اسان جي سنڌ جي سورمي ننگ ۽ ناموس خاطر بهادريءَ سان وڙهندي شهادت ماڻي.

تاريخ "دولت علويه" ۾ شمس الدين پونگر جي وفات 678هـ ڪمال الدين چنيسر کي 696هـ ۾ تخت تان لاٿائون ۽ اسدالملت دودي جي وفات 700هـ ڏيکاريل آهي.

(سنڌ جا سورهه تان)

آزاد قاضي

دودي جي بهادر پيڙ 'باگهل ٻائي'

سنڌ جي هيءَ عظيم عورت، سنڌ جي قديم قبيلي سومرن مان هئي. جنهن قبيلي جي فردن هر دؤر ۾ ديس جي ننگ ۽ ناموس تان قربان ٿي، پئي پاڻ ملهايو آهي.

هي سورمي سومرن جي نامياري حاڪم پونگر راءِ جي ڏيءُ (ڏاڏي پوٽيءَ مان) ۽ دودي جي سڳي پيڙ هئي.

پونگر راءِ کي به گهر هئا. پهرين گهر واري سومري هئي. بعد ۾ گجر قبيلي مان روپا نالي چوڪريءَ سان 640هـ ۾ عشق مان شادي ڪيائين.[1]

پونگر کي انهن ٻنهي گهرن مان هن ريت اولاد ٿيو. سومريءَ مان پهريائين "باگهي" پوءِ گجر مان "چنيسر" پوءِ وري سومريءَ مان "دودو" پيدا ٿيو. ڪن روايتن موجب پهريان چنيسر، پوءِ باگهي ۽ آخر ۾ دودو پيدا ٿيو.[2] ڪيئن به هجي پهريان باگهي پيدا ٿي هجي يا چنيسر، ۽ سمورن روايتن منجهان اها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته باگهي دودي جي سڳي پيڙ هئي.

اعليٰ صفتون

هن عظيم عورت جي پرورش ۽ پالنا، وقت جي دارالحڪومت وڳهه ڪوٽ ۾ ٿي. سندس ننڍپڻ جي زندگيءَ جي ڪائي معلومات

---

[1] ڪن روايتن ۾ روپا جي ذات لوهر بيان ڪئي ويئي آهي ۽ حقيقت هن طرح آهي ته روپا جا مائٽ اصل ۾ گجر هئا، ۽ جيئن ته لوهڻ جي پرسان اهي سنيون تلوارون ۽ ٻيو جنگي سامان ٺاهيندا هئا، انهيءَ ڪري لوهر سڏجڻ لڳا. (آزاد قاضي)

[2] منشي اُڌارام جي ڳالهه

ملي نہ سگهي آهي. هن سنڌي عورت جو اعليٰ ڪردار ان وقت عوام اڳيان اچي ٿو. جڏهن 678ھ ۾ پونگر راءِ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ٿو ويجي ۽ راج پاڻ ۾ حاڪم مقرر ڪري پڳ ٻڌائڻ جو مسئلو اٿي ٿو.

سومرن جي سرداريءَ هيٺ ڪيئي بهادر ۽ جنگجو قبيلا هئا، جهڙوڪ: جاڙيجا، سما، سوڍا، پٽي، گجر، راڄڙ، هولياڻي، خفيف وغيره. پونگر راءِ جي فوت ٿيڻ بعد قبيلن جا چڱا مڙس اچي گڏ ٿيا تہ پڳ ڪنهن کي ٻڌائجي، چنيسر کي يا دودي کي؟

منڊ ۾ اهو معاملو دودي ۽ چنيسر جي وچ ۾ ڪونہ هو مگر (صرف) راڄن جي وچ ۾ هو.[1] جيئن تہ دودو ڏاڏي پوٽيءَ مان ۽ چنيسر لوهارڻ (گجر) ڏاريءَ مان. ان ڪري راج فيصلو ڪيو تہ پڳ دودو ٻڌي. پوءِ يڪراءِ فيصلو ڪري سڀني گڏجي يا منجهائن ستر چونڊ چڱن هلي اچي دودي کي چيو تہ: "تون پڳ ٻڌ." ۽ دودو داناءُ هو تنهن انهن چڱن جي سٽ ۾ ويهي چيو تہ: "پڳ چنيسر ٻڌي. جو وڏو پاءُ آهي."[2] دودي تہ گهٽو ئي چاهيو ٿي تہ جيئن ملڪ اندر انتشار نہ ڦهلجي، تنهن ڪري ئي هن راج کي صلاح ڏني تہ. "چنيسر وڏو آهي، ان کي پڳ ٻڌائي ويجي." ۽ پر عام راءِ کي وڏي اهميت هوندي هئي، تنهن ڪري دودي جي ڪنهن ٻہ نہ ٻڌي. آخر راڄن پنهنجي ڳالهہ پوري ڪرڻ لاءِ، دودي کي نشو ڏيئي پوءِ پڳ ٻڌي سندس مٿي تي رکي.[3]

---

1 سومرن جو دؤر ص 27.

2 سومرن جو دؤر ص 22. ڪن روايتن مطابق راج پهريان چنيسر کي پڳ ٿي ٻڌائي. پر هو راج کي وهاري ماڻ سان صلاح ڪرڻ ويو تہ پويان راج فيصلو بدلائي چڏيو. چي. "جيڪو پڳ ٻڌڻ لاءِ ٻہ ماڻ کان پڇڻ ويو آهي. سو اڃتي ڇا ڪندو!" (آزاد قاضي)

3 سومرن جو دؤر ص 30. ٿي سگهي ٿو تہ دودي جي چوڻ تي چنيسر کي پڳ لاءِ چيو ويو هجي. پر سندس اهو جواب ڏيڻ تي تہ (امان کان پڇي اچان) پوءِ راج فيصلو تبديل ڪيو هجي ۽ دودي کي شراب پياري پڳ سندس مٿي تي رکي ويئي هجي. ڈاڪٽر بلوچ هن طرح ٻڌايو آهي:
"جيئن ئي راج دودي تي زور رکيو. تڏهن چيائين تہ پلا ترسو تڪڙ نہ ڪريو جيستائين چنيسر اچي. چنيسر شڪار تي ويل هو. دودي ماڻهو موڪلي ڪيس سڏايو. چنيسر جيئن ئي باهران آيو تہ. دودي ڪيس پڳ ٻڌڻ لاءِ چيو ۽ سڀني راڄن کي سمجهايائين. جن ٻہ سندس چوڻ ڪونہ موڙيو. چنيسر اچي ويٺو ۽ ڪيس پهريون ور دودي ڏنو." تڏهن چنيسر ماڻ کان پڇڻ واري ڳالهہ ڪٽي ۽ اتان قصو ڏهي پيو.

اتي هن عظيم عورت جو صلح پسندانہ ۽ ذهانت وارو گڻ ظاهر نٿي ٿيو. هن نٿي چاهيو تہ پڳ جو معاملو ايتري قدر وڌي وڃي جو پائر پاڻ ۾ وڙهي پون ۽ راج حصن ۾ ورهائجي وڃي. چو تہ اهڙي ريت قومي شيرازي ڪمزور ٿيڻ جو انديشو نظر پئي آيو. هن کي جڏهن اها خبر پيئي تہ دودي کي نشو ڏيئي پڳ ٻڌائي ويئي آهي ۽ چنيسر کاوڙيو پيو وڃي. تڏهن ٻاگهيءَ اچي دودي کي اتاريو ۽ چنيسر کي واپس ورائڻ لاءِ چيائين:

ٻاگهي روئندي آئي، اچي پاکر پاتائين پاءَ
پٽراڻي پير ڪريہ سُتين کهڙي ساءِ
پاءُ وڃي ٿو پر مجهان، پوئي سياءِ ڪونہ سماءُ
سنڌ سڄي ڪيو سومرو وڃي سندو راڻين راءِ

دودي کي نشي مان جاڳائي، چنيسر کي ڏاڍي در وڃڻ کان روڪائي، پوءِ هن ٻنهي پائرن کي پاڻ ۾ پرچي صلح سانت سان گڏجي راج هلائڻ جي تلقين ڪئي. دودي کي اهو احساس ڏياريائين تہ چنيسر وڏو آهي. تنهن ڪري توکي ان جو تابع رهڻ گهرجي ۽ چنيسر کي چيائين: "ادا جي دودي کي پائن پڳ ٻڌائي آهي تہ هي ملڪ سڄو تنهنجو آهي. ان کي هٽ سان ٽڪر ڏي ۽ هٽ سان اُتار ويهار پائر آهيو پاڻ ۾ تنازع نہ وجهو ۽ وڙهو نہ"[1] دودي کي جا پيڙ هدايت ڪئي. تنهن تي دودي ٻہ پاءُ کي چيو: "پائر آهيون پاڻ ۾ مون کي پائرن (راج وارن) پڳ ٻڌائي آهي. مون زور سان ڪانہ ٻڌي آهي. ملڪ سڄو تنهنجي حوالي آهي. مان ٻہ تنهنجي حڪم هيٺ هلندس. مگر ڪاوڙجي نہ وڃ"

تنهن تي چنيسر چيس: "ڏئين تہ پڳ موتائي ڏي. جي پڳ موتائي نہ ڏيندين تہ هرگز وڙهنداسين."

آءٌ ويندس دهليءَ شهر ڏانهن، ايندس چليون چلائي،
دودي ۽ دودياڻي کي، مان ايندس رک چهائي،
ننڍيون وڏيون سومريون، مان ٻہ ايندس رلائي.[2]

ڪن روايتن ۾ تہ اٿين ٻہ آهي تہ ٻاگهي پائرن ۾ وڏي هئي. تنهن ڪري پهريان پڳ ان کي پئي ملي. پوءِ هن اها وڏي پاءُ چنيسر کي ڏياري. پر هو جو ماءُ کان پڇڻ ويو تہ راج فيصلو ڪيرائي ڇڏيو. (آزاد قاضي)

[1] بلوچ، نبي بخش. دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، ص 416.

[2] بلوچ، نبي بخش. دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو، ص 417.

ائين چئي چنيسر ڏهليءَ روانو ٿيو. پوءِ به دودي کيس پرچائڻ لاءِ راڄن پاڻ ۾ نياڻين سياڻين جون ميڙيون پويان موڪليون. پر هو نه موٽڻو هو سو نه موٽيو.

هتي هڪ ڳالهه بحث طلب آهي ته باوجود سومرن پاران ايترين ميڙين منٿن ڪرڻ جي، پوءِ به چنيسر پنهنجي هَٺ تان نه لٿو ۽ اهوئي پئي چيائين ته: "آءٌ سومريون رلائي ايندس." آخر ائين ڇو؟

جيڪڏهن تاريخي طور تي ڏسبو ته ان ڳالهه جي پٺيان سوچيل سمجهيل منصوبي تحت، سومرن کان حڪومت کسرائي ملڪ ڏارين جي چنبي ۾ ڏيڻ واريون ڪاروايون ڪارفرما نظر ايندیون.

چنيسر جي ماءُ گجر قبيلي مان هئي. سندس پيءُ جونالو "لاڙڪو" هو جو گجر قبيلي جو چڱو مڙس هو. گجرن ۾ سومرن جي ورهن کان پاڻ ۾ اٽٻٽ هلندي پئي آئي. سندّ جي تاريخ ۾ سومرن جي دور جي روايتن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته اندازاً سومرن جي اوائلي دور جي ڏيڍ سؤ سالن (1250ـ1100ع) واري عرصي ۾ سومرن جون گجرن ۾ واڳهيلن سان لڙايون ٿيون ۽ انهن لڙاين ۾ سوڀ سومرن جي ٿي.[1]

تاريخ جي ورقن اندر سومرن جي پريءَ پيڙهيءَ ۾ دودي نالي ٿي مڙس ملن ٿا، جيڪي ٿيئي هڪ ٻئي جو هٿَ هٿا ۽ ٻاگهيون ٻه ملن ٿيون. ٻنهي ٻاگهين تان جنگ لڳي آهي ۽ سومرن غيرت جو ثبوت ڏيندي سر گهور ڪيا آهن.

هڪ جُوءِ ٻي جُوءِ، چڏين ڪين جوان
اهڙا ٻي انسان، جيڪي ننگن تان نثار ٿيا.
(سچل)

روايتن جي روشنيءَ ۾ پهريون ڪارو دودو ٿيو جنهن وڳهه ڪوٽ جي بادشاهي ورتي. ڪچ جي ڏکڻ ۽ اوپر طرف وارن ملڪن ۾ گهٽو آڪاڻو گجرن جي حڪومت هئي. وڳهه ڪوٽ اصل گجرن جو هو ۽ پوءِ اهو سومرن هٿ ڪيو. ان کي پنهنجي گاديءَ جو شهر ڪيائون.[2] ٻيو

---

[1] بلوچ، نبي بخش. دودو چنيسر، سندي ادبي بورڊ جامشورو ص 252.

[2] بلوچ، نبي بخش. دودو چنيسر، سندي ادبي بورڊ جامشورو ص 261.

دودو جيڪو نهري دودي سان مشهور آهي، اهو سومرن جي وچئين دؤر ۾ پيدا ٿيو ۽ ان جي ئي دور ۾ سومرن گجرن سان لڙايون لڙيون. کين شڪستون ڏنيون. ٿيون دودو ان کان پوءِ ٿيل جيڪو چنيسر جو پاءُ هئو ۽ دهليءَ جي فوج سان وڙهندي شهيد ٿيو.

اهڃاڻن مان اهڙي تصديق ٿئي ٿي ته گجرن جون رياستون سنڌ جي سرحد سان لاڳيتو هيون ۽ پڻ گجر سومرن سان سڳيٽا هئا.[1] روايتن ۾ آهي ته جئيسنگ گجر جوڳين کان پڇيو ته "اوهين ملڪ پيا گهمو منهنجي جوڙ جيس ڪا عورت ڪٽي ڏٺؤ؟" جوڳين جواب ڏنو ته "هي ڪا عورت ته اسان کي ڪاڻ سجهي، باقي وڳهه ڪوٽ ۾ شهزادي ہاگهي (پهرين) تنهنجي لائق آهي." اهو ہڏي گجر ميڙ ڪري وڳهه ڪوٽ ۾ حاڪم پونگر راءِ سومري وٽ ہاگهيءَ جي سنگ لاءِ آيا. پر اچي پنهنجي طاقت ڏيکاريائون ۽ سنگ لاءِ زور رکيائون. پونگر کجهه ڏينهن جي مهلت ورتي. دودي ڏانهن نياپو ڪيو جو ڪاوڙجڻ ڪري پر واريءَ بادشاهيءَ ۾ رهندو هو. ان اچي گجرن سان جنگ جوٽي. ڪن روايتن ۾ اچي ٿو ته پاڻ پونگر جنگ جوٽي ۽ گجرن کي شڪست ڏنائين. پونگر جي وقت ۾ گجر هارائي پڳا. پر پونگر جي مرڻ کان پوءِ گجر وري وڳهه ڪوٽ تي ڪاهي آيا. تڏهن ہاگهي (پهرين) دودي (وڏي) ڏانهن قاصد موڪليو[2] ۽ انهيءَ اچي جنگ لڙي.

اهڙي ريت ان سلسلي ۾ مختلف روايتون آهن. پر سڀني جو مرڪزي خيال وڏي ہاگهيءَ تان گجرن ۽ سومرن جي جنگ تي مبني آهي. اها اٽڪٽ دودي ٿئين جي دور تائين هلندي آئي.

ساڳي ريت سومرن جي واگهيلن سان پڻ اٽڪٽ هئي. واگهيلا اوير ڪڇ جا حڪمران هئا. "سنبت 1238ع کان پوءِ واگهيلا ڪڇ ۾ حڪمارن ٿيا. سومرن واري دؤر ۾ ڪڇ ۾ آباد سنڌ جي قبيلن ۽ ڪڇ جي واگهيلن جي وچ ۾ صلح ۽ سنگابنديءَ جا رشتا پڻ هئا.[3] سومرن

---

[1] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، ص 257.

[2] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، ص 264.

[3] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، ص 251.

جي اوائلي دور جي ڏيڍ سؤ سالن واري عرصي ۾ سومرن جون واگهيلن سان لڙايون لڳيون، جن ۾ سومرن سوين کيون.

مٿي بيان ڪيل جهيڙن ۾ اختلافن جي ڪري ٻنهي قبيلن (گجر ۽ واگهيلن) جي سومرن سان دشمني ٿي پيئي هئي. ڏکهي ويڑهه وڙهڻ کان پوءِ هنن سڌيءَ طرح سامهون ٿيڻ کان شايد لهرايو پئي. ان ڪري پلاند وٺڻ خاطر هنن اها چال هلي، جو پونگر (چنيسر جي پيءُ) بادشاهه سان مٽي ڪري في الحال خاموش ٿي ويا. پونگر بادشاهه 620هـ ۾ روپا سان لائون لڏيون ۽ 678هـ ۾ وفات کيائين. ان حساب سان 38 سال هو بلڪل خاموش رهي، اندروني انتشار وجهڻ لاءِ سومرن سان سگهابنديون ڪري شرارتون سٽيندا هئا. ان منصوبي تحت چنيسر جي ماءُ پنهنجي ننهن، يعني چنيسر جي زال ۽ گجرن مان ورتي. چنيسر جي زال مريم، محمد نالي گجر سردار جي، جو دودي جو دوست هو پڻي هئي.[1]

اهڙيءَ طرح هو سومرن ۾ گهرو انتشار وجهڻ ڪارڻ راهون هموار ڪندا رهيا ۽ پوءِ پونگر جي وفات ڪرڻ بعد اصل ڪارروائي شروع ڪري ڏنائون. انهن ڪارروائين ۾ واگهيل سندن مددگار هئا. جيئن روايتن ۾ ملي ٿو ته چنيسر ڪرن واگهيلي جي وزير ماڏو راءِ سان گڏجي دهليءَ روانو ٿيو ۽ ان جي ئي معرفت بادشاهه جي دربار تائين پهتو.[2] ڪافي وقت اڳ گجرن چنيسر کي سومرن کان بدظن ڪري وڏو هو ۽ انهن جي چرچ تي سپهه سالار سهڙ تان سندس اعتماد ختم ٿي ويو هو.

پڳ تان اٽٻٽ ٿيڻ وقت، چنيسر جو ماءُ کان پڇڻ لاءِ وڃڻ اهو ظاهر ٿو ڪري ته گجرن کيتري قدر نه چنيسر کي چنبي ۾ ڪري ورتو هو. ۽ چنيسر جي ماءُ ۽ زال ٻئي پنهنجي قبيلي (گجر) جي مفاد ڪارڻ ڪم ڪري رهيون هيون. اهوئي سبب آهي، جو پڳ واري اختلاف کي دودي ۽ ٻاگهيءَ خلاف ڪرڻ ٿي

---

[1] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ص 259.

[2] شاهي لشڪر 698هـ/1298ع ۾ گجرات فتح ڪرڻ کان پوءِ سنڌ ڏانهن رخ رکيو. سنڌ تي لشڪر ٻن هنڌن تان حملو ڪيو. هڪ بکر کان ۽ ٻيو ننگر پارڪر کان. ننگر پارڪر واري حملي ۾ ماڏو راءِ جو وڏو هٿ هو.

چاهيو. چنيسر به ان تي راضي ٿي ويو هو عورتن کيس طعنا ڏيئي دهليءَ وڃڻ تي مجبور ڪيو.[1]

چنيسر ملڪ مٿان ڏاريو وڻي اچڻ. ٻڌي رمڻ جي برابر سمجهيو ٿي. هن نٽي چاهيو ته ڏارئي کي آٽي ملڪ پيلائجي. ان ڪري جڏهن طعنن تپائي ڏنس ته لاچار ٿي چيائين:

اڳي وڃان ته ٻڌي مران، ٿي پويان ساڻي باهه
اڳيان آهن دور درياءَ جا، ٿو پويان هري آڙاهه
ضايع ٿيان زمين ۾ مون کي ڏرتي ڏئي جاءِ

چنيسر جي ڪاڻ هلي. جوٽس ۽ ماٽس گڏجي ايترا ته طعنا ڏنس جو آخر مجبور ٿي دهليءَ روانو ٿيو. ۽ پاڻ ڏانهن نياپو ڪيائين:

منهنجا دودل پاءُ کي، ساري سلام ڏجاڻ
ته طعن ماريس سومرا، هاڻي عالادين آٽيان.

مٿين ڳالهه جي تصديق هيٺين روايتن مان پڻ ٿئي ٿي. جڏهن چنيسر روانو ٿيو ٿي ته، پٽس محمد پچيس، تڏهن چيائين:

ڏاڏهين جي مهڻن کان وڌ، ماريس تنهنجي ماءُ
چيم ماٽهين جي مهڻن کان، وڃي پالين ٽنگايان پاءُ.[2]

گجر تلوارون سٽيون ٺاهيندا هئا. وزير ماڏو راءِ جي معرفت چنيسر هيٺيون ڪم ته ٺاهي ورتو پر جيستائين شاهي فرمان نه پئي ٿيو تيستائين ڪجهه به نٽي ٿي سگهيو. چنيسر به هڪ طعنن جو تپايو ٻيو وري ميڻن منڊن کي پڻ موتائي ڇڏيو هئائين. سو چپ ڪري وهڻ يا موٽي وڃڻ وارو ڪونه هو تنهن پنهنجي ڳالهه اڳي ڪرڻ لاءِ عالادين کي ٻاگهيءَ جو سڳ باسي راضي ڪيو.[3]

ڪن روايتن ۾ اڻين آهي ته هن اختلاف ڪيو ٿي ڪونه. جڏهن کيس اهو معلوم ٿيو ته پڳ دودي کي ٻڌائي اٽن. تڏهن چيائين: "شڪر ڪريان الله جو آٽي اسان جي گهر ڏانهن." دودو چنيسر ص 794. ذاتي طور تي هو (چنيسر) تحمل وارو ماڻهو هو جو پهريان چيائين ته: "جي دودي کي پڳ ملي ته جڻ اسان جي گهر آٽي" سومرن جو ڏڻ ص 31

[2] بلوچ، نبي بخش دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ص 32.

[3] بلوچ، نبي بخش دودو چنيسر، مستي نالي شاعر جي روايت، ص 33.

مڙني روايتن مان ائين معلوم ٿو ٿئي، ته چنيسر جي چوڻ تي به عالادين راضي ڪونه پئي ٿيو پر چنيسر هڪڙي ٻي اٽڪل ڪئي. جنهن کي عالادين پنهنجي عزت جو مسئلو ڪري سمجهيو. چنيسر عالادين کي چيو ته "منهنجي ٻيءَ ٻاڱهي توکي ڏيڻ لاءِ وصيت ڪئي هئي، پر دودو نٿو ڏئي." آخر گجر (چنيسر) سومرن کان انتقام وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.[1] ۽ عالادين سنڌ تي چڙهائي ڪئي.

مٿين سموري بحث ڪرڻ مان مطلب اهو ظاهر ڪرڻ هيو ته عالادين ڪهڙن سببن ڪري سنڌ تي ڪاهه ڪئي. منهنجي نظر ۾ اهو هڪ قبيلي جو ٻئي قبيلي کان انتقام وٺڻ جو نتيجو هو. ان سلسلي ۾ اهو پڻ نظر اچي ٿو ته چنيسر ٻاڱهي لاءِ جتي به ذڪر ڪيو آهي، اتي ٻاڱهي دودي جي ڌيءَ ڪري چيو آٿس. پنهنجي ڌيءَ هڻڻ جو ذڪر ڪڻي ئي ڪونه ٿو ڪري! جيئن هڪ هندو عالادين کي مخاطب ٿي چوي ٿو: "ٻڪ وڻي ڏنئي ته وڳهه ۾ دودي جي ڌيءَ ٻاڱهيءَ جو سنگ به ڏيندوسئين."[2]

قوم خاطر قرباني

قومي عزت ۽ غيرت اها وٽ آهي، جنهن تان ڪيئي جانيون قربان ٿي وڃن، تڏهن به پرواهه ناهي، ڇو ته عزت ۽ غيرت آهي ئي قومي (سموري قوم جي) ذاتي عزت، (ڪنهن هڪ فرد جي) قومي عزت جي ڌيءَ ۾ ڪائي حيثيت نه ٿي رکي. ان سلسلي ۾ ٻاڱهيءَ جو ڪردار تمام متاهين درجي تي آهي. قرباني واري راهه ۾ ٻاڱهيءَ جو ٻئو ڪردار نظر اچي ٿو.

---

[1] مختلف روايتن جي روشنيءَ ۾ گمان ڪري سگهجي ٿو ته عالادين پوئين ڌاڙهيءَ ۾ گجرن جو ويجهو ٻٽ هيو. عالادين ۽ ڪڇ ۾ رهندڙ گجرن جي ڌاڙهي پوئتي ترڪن سان ٿي ملي. تنهن ڪري عالادين به سنڌ ۾ گجر ۽ ترڪ ٻنهي قبيلن سان سڌيو ويو آهي. جيئن سومرن کي ملڪ تان آزار ٽارڻ لاءِ صلاح ملي ته ٻاڱهي ٻجاءِ نوڪرياڻي ڏيئي جند ڇڏايو تنهن تي دودي وراڻيو:

گولي ويندي گجرني، سڏبي دودي ڌيءَ
سومريون ڏيندم مهڻا، جن جا وڻن مون کي ويڙ
هو ترڪ اسين سومرا، ڪيئن سما ٿين سيڙ.

[2] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ص 126.

(الف) قومي عزت بچائڻ خاطر ذاتي عزت جي قرباني

قومي وقار جي سلسلسي ۾ ہاگهيءَ جو ڪردار اٽليءَ جي مونا وانا سان ملندڙ آهي. مونا وانا اٽليءَ جي پسا پرڳٽي جي حسين، جميل، من موهيندڙ عورت هئي. سندن پرڳٽي تي فلورينس وارن حملو ڪيو. مونا وانا جي لشڪر جو سپهه سالار سندس مڙس وانا هو ۽ فلورينس جو اڳواڻ پرنزي هو. جنگ ۾ مونا وانا وارن جو بارود تباهه ٿي ويو خوراڪ کٽي ويئي. جنهن ڪري مجبور ٿي هن صلح جون ڳالهيون ڪيون. صلح جي ڳالهين ۾ پرنزيءَ هڪ شرط رکيو. چي: "هڪ رات لاءِ مونا وانا منهنجي حوالي ڪئي وڃي." وانا اهو ٻڌي باهه ٿي ويو. پر مونا وطن جي بچاءَ خاطر اهو شرط قبول ڪيو ۽ هن پنهنجي عزت تان هٿ کنيو. مونا جي ان قرباني کي ڏسي پرنزي ان شرط تان دست بردار ٿيو ۽ مونا جو ملڪ غلاميءَ کان بچي ويو.

سومرن ۽ دهليءَ جي حاڪم وچ ۾ هلندڙ جنگ ۾، هاسي سوڍي جي مارجڻ کان پوءِ جڏهن دودي جنگ جي تياري ڪئي، تڏهن سندس زال، ہاگهيءَ کي طعنو هٽي چيو: "هي معاملو سپوئي جو ٿيو آهي، سو توتشون ٿيو آهي. جيڪڏهن دودو تنهنجو سنگ بادشاهه کي ڏئي ته جهجهڙو لهي پوي."[1] اها ڳالهه ہاگهي کي ڏهن ۾ ويٺي ۽ کيس احساس ٿيو ته مون هڪڙيءَ جي ڪري پوري قوم چو ٿي تباهه ٿئي. هي سون ورني ڏرتي چاکاڻ تاراج ٿئي. تنهن ڪري دودي کي گهرائي چيائين:

مون پائيڙا دودل، منهنجي ڳالهه سڌيج.
جو ڏُر پائين ڏاکڙو تتي مون کي ڏيج.
ويرم هڏ ڪيج، متان پوي ڏولاهو راج ۾.[2]

ہاگهيءَ جي ان چوڻ تي دودي راج مان پريا مڙس گڏ ڪيا ۽ انهن کي چيائين ته: "چا اڳ به ڪنهن سومري ائين سنگ ڏنو آهي؟" تڏهن پاڳ نالي مڱٽهار چيس: "اڳ ته ڪنهن ڪونه ڪيو آهي، پر جي اوهان ڪيو ته مرضيءَ وارا آهيو." اهڙيءَ ريت دودي ڪافي ماڻهن کان

---

1 بلوچ، نبي بخش دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، ص 22.

2 بلوچ، نبي بخش دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، ص 22.

صلاح مصلحت کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو تہ، "اهو قومي ننگ ۽ ناموس جي خلاف آهي، جو دشمن کان ڊڄي سندس عذاب کان بچڻ لاءِ، ڪيس پنهنجون عورتون آڇيون وڃن." آخر سنڌ جي سپني راڄن جو اهو فصيلو ٽيو تہ مڙس ٽي ننگن تان نثار ٿيو. ان فيصلي کان ٻاگهيءَ کي بہ آگاہ ڪيو ويو تہ اهو رڳو تنهنجو مسئلو نہ آهي، بلڪ سڄي قومي ننگ ۽ ناموس، عزت ۽ غيرت جو سوال آهي، تڏهن ٻاگهي مسئلي کي پوري ريت سمجهي ويئي ۽ خاموش رهي.

(ب) ذاتي عزت بچائڻ سان قومي عزت جو بچاءُ

ٻاگهيءَ لاءِ پهريون مرحلو اهو هيو تہ پاڻ ڏيئي قوم بچائي، پر پوءِ جيئن حالتن ڦيرو ڪاڏو تہ نوبت بدلجي ويئي. پوءِ حالت اها هئي تہ قومي ننگ ۽ ناموس بچائڻ لاءِ هن کي پنهنجو پاڻ بچائڻ اولين فرض پر شامل هو.

عالادين سان جنگ ۾ سنڌي سورهہ شهيد ٿيندا ويا. دودو جو وڳهہ ڪوٽ جو آخري وسيلو هئو تنهن بہ آخر شهادت جو جام پيتو. تڏهن چنيسر پنهنجي لاءِ حالتون همنوار ڏسي، ٻاگهيءَ ڏاڻهن نياپو ڪيو تہ، "اسان تنهنجو سڳ عالادين کي ڏيڻو ڪيو آهي، اميد تہ تون انڪار نہ ڪندينءَ." ٻاگهي کي ان ڳالهہ تي سخت ڪاوڙ لڳي ۽ پنهنجي غدار ڀاءُ کي چوائي موڪليائين: "اسان سنڌ جا رهاڪو ڪنهن ٻئي ملڪ، يا ٻي ذات واري سان ڪڏهن بہ مائٽي نہ ڪندا آهيون. عالادين جيئن تہ اسان جي ملڪ، قوم ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان هر حالت ۾ ڌاريو آهي، تنهن ڪري آءٌ پنهنجو ست وڪڻي، پنهنجي ملڪ تي اهو ڪارنهن جو ٽڪو هرگز نہ لائيندس."[1]

ٻاگهي متيون جواب ڏيئي قومي وقار کي برقرار رکيو ۽ اهو سندس دليريءَ، بهادريءَ ۽ قومي غيرت جو زندهہ ثبوت هو. لطيف سائينءَ اهڙن ئي ڪردارن لاءِ چيو آهي:

هڏ نہ پڙان هيڪڙي، ٿوري ٽر جاين
مون کي ماروئڙن، ميري ڪري نہ متيو. (شاهہ)

---

[1] هفتيوار "صبح سنڌ"، 6 سيپٽمبر 1970ع

بلند حوصلو

عورت کي اڪثر ڪري ڪمزور ڪم عقل ۽ سست شمار ڪيو ويندو آهي، پر ٻاگهيءَ جو ڪردار ان سلسلي ۾ بلڪل انوکو ۽ نرالو آهي.

قديم توڙي جديد دور ۾ اها جنگي حڪمت عملي رهي آهي، ته دشمن کي پنهنجي وسيلن ۽ مال ملڪيت منجهان فائدو وٺڻ نه ڏجي. ان ڪري جتي دشمن قابض ٿي ويندو آهي ته اتي هر شيءِ ٻهريان تباهه ڪئي ويندي آهي. ٻاگهي پڻ ان وقت ساڳيو ڪردار ادا ڪيو هو سنڌين جي شڪست جي خبر ٻڌي سست نه ٿي بلڪ بلند حوصلي جو مظاهرو ڪندي هن "سڄي شهر ۾ هيرن جا جنڊ ڏيارياڻ ملڪيت ساڻي شهر مان روانو ٿي"[1]

ابڙي ڏانهن سام ٿي وڃڻ

سام پوڻ جو قدمي اخلاقي رواج صرف سنڌ سان ئي وابسته آهي. جنهن موجب هارائيندڙ ڌر جي، عورتن جي عصمت جي نگهداشت کٽيندڙ ڌر تي لازم هئي. يا وري جنگ کٽندڙ حاڪم جو دوست انهن عورتن جي ذميواري قبول ڪندو هو جنهن جي پوئواري هر قسم ۽ نقصان جي حالت ۾ لازم هئي.[2]

جيستائين کٽيندڙ ڌر پاران هارائيندڙ ڌر جي عورتن جي نگهداشت جو سوال آهي ته اهو سنڌي ماڻهن جو ثقافتي ورتو هو پر دودي جو جيئن ته مقابلو ڏاڙئي حاڪم سان هو تنهن ڪري هن اهو ئي بهتر سمجهو ته سامون ڪنهن دوست ڏانهن موڪليون وڃن. جيڪو سامن تان سر ڏيڻ جهڙو جوان هجي. ان لاءِ دودي ڪافي سوچ ويچار کان پوءِ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته سامون ابڙي ڏانهن موڪلبيون ان ڪري جيئن ئي دودي جي موت جي خبر پهتي، تيئن ٻاگهي ملڪيت ساڻائي روانو ٿي.

روايت آهي ته ابڙي ڏانهن سامون نيڻ لاءِ ڪوئي ڪونه هيو تڏهن ٻاگهي پٽڪو ٻڌي (ڪن روايتن ۾ نوڪر ساڻ ڪري لکيل آهي) سامون وٽي ابڙي ڏي هلي.[3]

---

[1] دودو چنيسر، رکيل راڄڙ جي روايت، ص 253.

[2] هفتيوار "صبح سنڌ"، 6 سيپٽمبر 1970.

[3] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ص 640.

دُنس جن جا سون جا، ڪاجاوا آرٽ
سام وڃي ابڙي ڏي، ڇڏي ڇانوَ ۾ ڪٽ
گهر، ماڙيون ۾ پٽ، ساڙي هليون سومريون.

سومريون ابڙي ڏانهن ويون پئي تہ واٽ تي سهڙ سامن کي مليو تنهن کي ٻاگهيءَ چيو:

ابو پانيان ابڙو سهڙ پانيان ياءِ،
دود ڇڏيم سنڌ ۾، آيس ادل متاءِ.

سهڙ جواب ڏنس:

ابو تنهنجو ابڙو سهڙ تنهنجو ياءِ
هوندا جاڙيجا جوءِ ۾، تہ ڏسي پوءِ ڏيندءِ.

انهن تي ٻاگهيءَ کيس چيو:

نڪي جاڙيجا جوءِ ۾، هيکڙين اسين.

سهڙ جواب ڏنو:

جهجها جاڙيجا جوءِ ۾، اجهي آياسون
سومريون سلطان کي، سمجهي ڏيندا سون.[1]

اڳتي هلي ٻاگهيءَ ابڙي ڏانهن نيا پو ڪيو تہ: "سام اچي ٿي، تون جهليندين يا اسين پلٽي موٽي وڃون؟"

تڏهن ابڙي اوني جاڙهيو پاٽان پلو ياءِ
تہ سُرنجڙ سومرين جو ادا ونيِ آءِ.

ابڙي جو ياءِ هار سينگار ۽ تيل سرما ڪري سامن اڳيان آيو تنهن تي ٻاگهيءَ کي خار لڳي.[2] چي: "اها اسان تي نئول آهي، تنهن ڪري اڳتي نہ وڃبو." ابڙي ياءِ موڪلڙ کان پوءِ خيال ڪيو مان پليو آهيان، ياءِ تہ موڪليو اٿم، پر پاڙ هلي وڃان. تڏهن ابڙي پاڙ اچي سامن کي پر چائي واپس ورايو.

---

[1] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، 331-332، عورتن جي تعداد متعلق تاريخ ريگستان ۾ جاٽايل آهي تہ، "سومرن جو ڪٽنب 140 راجائي ڪل جي نالن سميت ڪچ ڏي جام ابڙي وٽ پناهہ لاءِ موڪليو ص 63.

[2] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ص .....

تڏهن اڏ ۾ آيو ابڙو هيئور هلائي
نَوَ سوَ سومري گڏي ٿو ڳر ڳڇيون لائي.

اتي ٻاگهيءَ ابڙي کي چيو:

ابو اسان جو ابڙو سهڙ پانيون پاءَ
ڳوري لاٿو ڳهٽي ٻاگهل هار ڳواڙ
تہ هيتروٽ اسان جو توکي سوپان ڏيندو الله .

باگهي ٻيهر ابڙي کي چيو:

ڊڇي ڏيج مر ابڙا، سومريون سلطان
جي تو سام آئيون، وَرُ مارائين پاڻ
ڏسي مَرُ جهان، تہ ابڙي پاڻ ملهائيو.

تڏهن ابڙي چيو:

ساهہ تہ منهنجو سومريون، جي مون سامون آئيون
آءٌ پڻ کارڙ تن، جنگيون ڪريان جُهد مون.

انهن سوالن جوابن کان پوءِ سومريون ابڙي جي محل ۾ ويون. عالادين جي اچڻ تي جنگ لڳي ۽ پهريان اَبلَ ابڙي جو پٽ ممٽ مارجي ويو تڏهن ٻاگهي پار ڪيي روئڻ لڳي:

ممٽ منهنجا پائڙا، مون پانيو هڏ نہ ائين
تون ويندين هليو، جيئن دودو ويو تيئن
هاڻي ڪنديس ڪيئن، دلبر بنان ديس ۾.

آهستي آهستي ٿي ابڙا بہ يارن دوستن سميت ماريا ويا. آخر ۾ جڏهن اَبلَ ابڙو بہ مارجي ويو، تڏهن ڏونگر راءِ نالي ابڙي جي پٽ کي سومرين چيو: "پٽهين مري ويو هاڻ عالادين پيو اچي." تڏهن هو ٽپ ڏيئي اَٽيو ۽ چيائين: "ايجان آءٌ زنده آهيان." ان دليرانہ وصف ڪري لطيف سائين کيس هن طرح ياد ڪيو آهي:

هٿن مڙني ڏنيون، ڏي نہ ڏونگر راءِ
اڻ ڏنين آڏو ڦري، ڏنيون ڏي ڪٽاءِ
لوڙيون لک مٽاءِ، ان متيري موتائيون.

---

[1] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ، جامشورو، ص 389.

جرئت مندي جو مظاهرو

باوجود ايترين تڪليفن اچڻ ۾ شڪستن ملڻ جي، هن حوصلي مند عورت ڪڏهن به شڪست نه قبولي، هن آخرين وقت تائين بلند حوصلي ۽ جرئتمنديءَ جو مظاهرو ڪيو. اهائي سندس جرئت مندي هئي، جنهن ڪري سندين جي شڪست فتح ۾ تبديل ٿي ويئي. ابڙي جي هار کان پوءِ هن راتو رات وڃهه ڪوٽ ڏانهن واپسي ڪئي. عالادين جو به گهٽو لشڪر مارجي ويو هو باقي ڪي آڳرين تي ڇڏڻ جيترا وڃي بچيا هئا. تن کي جو اها خبر پيئي، سي به سامن جي پٽيان پيا. پنڌ جي تڪليفن ۽ ڏکن، ڏولاون جي ڪري، محمد جي زال ساران جا دودي جي ڏيءَ هئي، تنهن کي وڃهه ڪوٽ پهچڻ تي پٽ جمي پيو جنهن جو نالو "يونگر" رکيائون.

لڙيءَ رات عالادين وڃهه ڪوٽ جي در تي آيو تڏهن اندران ٻاگهل هڪ ڪري چيو: "جي عالادين آهين ته هلي اوطاق پيڙو ٿي! ايجان اسان جو هڪ سومرو حيات آهي، اهو جنگ ڪندو صبح ساڻ ايندو[2] ان وقت ئي ٻاگهي دهل دمام وجرائي هڪ پاسي يونگر جي جمڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪرايو ته ٻئي پاسي جنگ جي ماريل بي ستي عالادين کي يقين ٿي ويو ته برابر ايجان سومرا جنگ ڪندا ۽ اهو جنگ جو اعلان آهي.

تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي مثال آهن، جن ۾ حاڪمن جي راڻين مرداڻا ڪپڙا ڪري فوجن جي اڳواڻي ڪئي ۽ جنگ لڙي فتح حاصل ڪئي آهي. تيموريه خاندان جي امير سعد جي زال بيبي "آغا بيگي" دشمنن سان مقبالي ڪرڻ لاءِ ٻئي سامان کانسواءِ ٻانهين ۽ نوڪرياڻين کي به مرداڻو لباس ڏيڪائي هٿيارن پنهوارن سان تيار ڪيائين ۽ پاڻ مرداڻو لباس ڏيڪي فوج جي سپهه سالار بني.[3]

---

[1] ڪن روايتن ۾ ڏونگر راءِ لکيل آهي. سومرن جي سامن متعلق ڇڻ مختلف رايا ملن ٿا. جيئن امر ڪوٽ اتهاس، ص 20 تي لکيل آهي: "سومريون ڪچي راجپوتن سان گڏ باهه ۾ جلي ميون. يعني جوهر ڪيائون". يا اهو ڇڻ تاريخن ۾ ملي ٿو ته اهي زمين ۾ غرق ٿي ويون. پر اها ڳالهه سيني سومرن سان لاڳو ڪانهي. خاص طور تي باگهي، جو ان ڳالهه سان واسطو نه آهي. چو ته سندس ڪردار آخر تائين ملي ٿو. البت ائين ٿي سگهي ٿو ته چند عورتن ائين ڪيو هجي. جيئن "تحفة الڪرام" واري لکيو آهي: "سندن عورتن منجهان ڪي پاڪدامن، چڄي، شاهي فوج جي چنبي ۾ اچي پائيون جي خدا ڏانهن متوجه ٿي زمين ۾ غرق ٿي ويون" ص 137.

[2] بلوچ، نبي بخش، دودو چنيسر، سنڌي ادبي بورڊ جامشورو ص 464.

[3] سگهڙ زالون ص 13

جنگ جي هن فيصلہ ڪن موڙ تي اسان جي هن سورميءَ پڻ ساڳيو نمونو اختيار ڪيو. هن چا ڪيو جو سيني عورتن کي مردانا ڪپڑا ڏياري (پهرائي) پوءِ (راتورات) ڪوٽ جي ٻانهين ۾ڇائي، پرهہ ڦٽيءَ اتان (جنگي جوڌن جي) قطار ڪرائي. اوطاق آڏو لنگهايائين ۽ ائين ڏيرن تي ڏيرا ڏنائون جو لشڪر ڪٽي ئي نہ پيو. اهو ڏسي عالادين جي بچيل فوج دهلجي ويئي ۽ وڌيڪ وڙهڻ جي سگهہ نہ ساري ۽ عالادين ڊڄي ٻاگهيءَ کي چيو (چوايو) تہ: (تون منهنجي قيامت تائين پيڙ ٿئين پر ڏونگر راءِ ٻاهر ڳنهي آءٌ تہ ڏسيو وڃان." ٻاگهي اهو پيغام ٻڌي اگهاڙي ترار هٿ ۾ جهلي، ڇوڪر کي هنج ۾ ڪٽي ٻاهر ڪڍي آئي. عالادين ٻارڙي کي ڏسي چيو: "افسوس چا ڪيم هن ٻارڙي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪيا اٿم." ان وقت ٻارڙي آرس ڀگو تہ پٺ جا ٻنڌڻ، جن سان سندس هٿ پير ٻڌل هئا، سي ڪٽي پيا. تڏهن عالادين چيو: "برابر هي اسان کي شڪست ڏئي ها!" تنهن بعد عالادين اهڙو اقرار نامو لکيو تہ:

"سنڌ سومرن جي آهي، مون جنگ ڇڏي"[1]

اهڙي ريت هن عظيم عورت جي بلند حوصلي ۽ بهادري ڪري سنڌ ڌارين جي راڄ کان بچي ويئي ۽ چيڙي نبيري پنهنجي ئي هٿ هيٺ رهي.

مُٺ مائر سي مرڪن، جن اهڙيون ڏيئر جائيون. (شاهہ)

تہ اهڙيءَ طرح سنڌ جي هن سچاڻ ۽ بهادر نياڻي ٻاگهيءَ هيءَ هاريل جنگ ڪٽي ورتي.

(سنڌ جون انقلابي عورتون تان ورتل)

---

[1] نندڙي ٻار جي آرس پچڻ تي، پٽ جي ٻنڌڻن جو ٽٽڻ، اُها ڳاهہ سمجهہ کان ٻاهر آهي. لڳي ٿو روايتون ڪنڊڻ، چنيسر سان منسوب ديون، پرين ۽ جادوءَ جي ڳالهين وانگر هيءَ بہ اڻين بيان ڪري ڇڏي آهي. (آزاد قاضي)

جي: ايم. سيد

دودو بن خفيف سومرو سوم

چار تراريون چيلهه سين، ٻڌئين ٻه پاڳون،
اڳين جون آگون، ڪانڌ قلعي ۾ موڪيون.
(شاهه)

سنڌ تي راجا ڏاهر ڪانپوءِ جڏهن ڏارين جو قبضو ٿيو تہ اهو دور 340 ورهيه هليو ان کان پوءِ سنڌ جي اصل رهاڪو سومري خاندان وري 1051ع سنڌ تي سندن تسلط قائم ڪيو جن جي حڪومت اٽڪل ٽي سؤ ڪن ورهيه هلي.

سومري قبيلي لاءِ ٻہ روايتون مشهور آهن: هڪ محض جذباتي آهي، جنهن موجب هن کي علوي خاندان جي عربي النسل مان شمار ڪيو ويڃي ٿو.

هتي ڪجهه وقت کان عام دستور ٿي ويو هو تہ سيڪو ماڻهو پاڻ کي زور مس ڪري ويڃي عربن مان شمار ڪري، ان لاءِ ٻہ ڪارڻ جوابدار هئا. هڪ تہ عرب گهڻو وقت حاڪم رهيا هئا، ٻيو تہ هاڻ ماڻهن جي اڪثريت مسلمان ٿي ويئي هئي، ان ڪري مذهبي جذبي هيٺ عرب سڏائڻ کي هو فخر سمجهندا هئا. هنن کي ڪهڙي خبر تہ عربن جا وڏا بدوي ۽ بت پرست هئا ۽ سندن وڏا آريہ نسل مان راجپوت ۽ مهذب هئا، پر مذهبي جنون سڀ ڪم ڪرايا ٿي. اسلام نسلن جا فرق مٽائڻ آيو هو تہ ڪن کي ڀلو ۽ ڪن کي ڊلو بنائڻ آيو هو.

رسول مقبولؐ جو چوڻ هو تہ جنهن کي سندس عملن پوئتي ڌڪيو آهي، اُن کي ان جو نسل اڳتي ڪري نٿو سگهي.

ان ڪري مقامي ماڻهن سان سومرن، سمن، بلوچن ۽ پناڻن سڀني تاريخ جي صحيح حقيقتن خلاف پاڻ ڪي عرب نسل مان سڏائڻ شروع ڪيو اهو ڏوهه نه صرف رواجي ماڻهن کان سرزد ٿيو پر سيد پير، عالم ۽ مڪيه قبيلا به انهيءَ جرم جا مرتڪب ٿيا.

هي روايت آهي ته سومرا آريه نسل جي راجپوت شاخ مان هئا، سندن قديم نالا، رسم و رواج پوئين نظريي جي حمايت ڪن ٿا.

هنن جو دؤر حڪومت سنڌ لاءِ امن امان، تهذيب ۽ تمدن جو باعث ٻڌيو. سندن تخت گاهه محمد طور نزديڪ شاهه ڪپور جا تعلقي ميرپورٻنوري ۾ ميلن تائين نشان سندس عظمت جو زنده ثبوت ڏين ٿا. بدقسمتيءَ سان سنڌ جي انهيءَ سونهري دؤر جي پوريءَ طرح تاريخ نه لکجي سگهي آهي، مختلف تاريخن جا چند ٽڪرا گڏي، ڪجهه احوال معلوم ڪري سگهجي ٿو ليڪن هن ڳالهه جي ازحد ضرورت آهي ته ڪي محب وطن ان سموري مسئلي تي تفتيش (کوجنا) ڪري ان دؤر جي مڪمل تاريخ لکن. ان لاءِ وڌيڪ ڪوٽ، محمد طور ۽ ٻين سومرن جي دؤر وارن قتل شهرن جي کوٽائي، مختلف تاريخن جي مطالعي، ڏند ڪٿائن، رسم و رواج، رومانوي افسانن ۽ سماجي دستورن مان گهٽي معلومات هٿ ڪري سگهجي ٿي.

اها حقيقت آهي ته سسئي پنهون، مومل راڻي، ليلان چنيسر ۽ عمر مارئي جا قصا انهيءَ دؤر جا واقعا آهن. جن تي شاعرن خاص طرح شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ سندس شعر ۾ انهن وسريل ڪهاڻين کي زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو عام دستور هوندو آهي ته شاعر اڪثر سندن ملڪ جي بهترين دؤر جي روايات زنده رکڻ لاءِ چند مثالن کي ونڊي طبع آزمائي ڪندا آهن.

هن قبيلي جي حب الوطني، همت غيرت ۽ قومي ڪردار جا روايات زبان زد عام آهن. انهيءَ مان دودي ٽئين جي جوانمرديءَ همت ۽ وطن دوستيءَ، هن قبيلي جو نالو روز روشن وانگر زنده جاويد بنائي ڇڏيو آهي، جنهن بابت چچ نامي جي لکڻ موجب هن حاڪم 1331ع کان 1356ع تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي. ان جي دؤر حڪومت ۾ خاندائي اختلافن ڪري باهرين حاڪمن کي دست اندازي ڪري حملا آور ٿيڻ جو موقعو مليو.

ان اختلاف جي ڪارڻ بابت ڏند ڪٿائن مان عام طرح هيٺين آڪاڻي مشهور آهي.

چون ٿا ته دودي جي والد خفيف جي وفاتيءَ بعد سندس ٻه فرزند گاديءَ لاءِ دعويدار هئا، جن ۾ وڏو چنيسر ۽ ننڍو دودو هو. چنيسر ڏاڙين عورت مان هو ۽ دودو ڏاڏي پوٽيءَ مان هو ان ڪري سومرن سردارن گڏ ٿي وڏي پٽ جو حق ريٽي دودي کي گاديءَ تي وهاريو.

ان فيصلي تان چنيسر ناراض ٿي دهليءَ جي حاڪم وٽ ويو عام مشهور اهو آهي ته ان وقت دهليءَ تي علاؤالدين خلجيءَ جي حڪومت هئي. ان هن جي دانهن ٻڌي سنڌ تي قبضي ڪرڻ جي خيال کان سندس سپهه سالار سالار خان جي هٿ هيٺ هڪ وڏو ڪٽڪ سنڌ تي چاڙهي موڪليو.

سنڌ حڪومت جي بنسبت دهليءَ جي حاڪمن جي معمولي حيثيت هئي. انهن جي وڏي لشڪر سان چڙهائي ڪافي خوف پيدا ڪندڙ هئي. دهليءَ جي سپهه سالار نزديڪ اچڻ بعد سنڌ جي حاڪم دودي کي ٻه شرط وڌا، جن جي مڃڻ تي هن جي جان آزاد ٿي سگهي ٿي.

پهريون شرط اهو هو ته دهليءَ جي حاڪم جو حڪم ميڃي، وڏي پاءُ کي گاديءَ تي وهاريو ويڃي. ٻيو شرط اهو هو ته سندس پيڙ ٻاگهيءَ جو بادشاهه لاءِ سڳ ڏنو ويڃي.

ان تي هن جملہ سومرن سردارن کي گڏ ڪري احوال پيش ڪيو جن صلاح مشوري بعد گڏ ٿي اهو فيصلو ڪيو ته اهي شرط مڃڻ سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ قبيلي جي روايات جي خلاف هئا. جڏهن انهن اهو فيصلو ڪيو ته کين نتيجن جو پورو پتو هو. هو صرف لاڙ سنڌ جي تڪري جا حاڪم هئا، جن وٽ ڪو مقرر ٽيل لشڪر ڪونہ هو. گهٽي ۾ گهٽو چار- پنج هزار ماڻهو لڙائي لاءِ گڏ ڪري سگهيا ٿي، جن کي هٿيار مهيا ڪري ڏيڻ به ڏکيو ڪم هون. هوڏانهن دهليءَ جي حڪومت جي ويهه هزار لشڪر گهوڙن، سنن هٿيارن ۽ تربيت يافته سپاهين سان مقابلو ڪرڻو هو. اها غير مساوي طاقتن جي لڙائي هئي، ڪٽڻ جو ڪوبہ امڪان ڪونہ هو ان ڪري هنن پنهنجا هار ٻچا زالون ڪچ ۾ آبل ابڙي سمي ڏي ڏياري موڪليون. پاڻ مڙس ٿي مقابلي لاءِ تيار ٿيا. هاڻ سوال اٽندو ته هنن حالتن

مان واقف هوندي ۽ جاڻي واڻي ڇو موت کي منهن ڏيڻ قبوليو. ان جي جواب کي صرف اهي ماڻهو سمجهي سگهندا جي قومن جي قومي ڪردار (Character) مان واقفيت رکندا هوندا. ان وقت سنڌي ڪردار ۾ ڪي خاص خصوصيتون پيدا ٿي ويل هيون، جهڙوڪ:

1. حب الوطني، 2. قومي روايات جو لحاظ، 3. غيرت، 4. آزاديءَ جي هوا، 5. انصاف.

انهيءَ جا مثال انهيءَ زماني جي آکاڻين مان ملي سگهن ٿا. جن کي شاهہ لطيفؒ ۽ هين شاعرن اسان تائين پهچائي ڇڏيو آهي، امر سومري امرڪوٽ جي حاڪم مارو قبيلي جي عورت مارئيءَ زوريءَ آڻي ڪوٽ ۾ بند ڪري، هن کي راضي ڪرڻ لاءِ گهٽا حيلا هلايا. پر هن نہ وطن وساريو نہ مارن جي پريت ڇڏي. امر سومري کيس راضي ڪرڻ لاءِ طرح طرح جا طعام آڇيا، ريشم ۽ زريءَ جا وڳا ڏيٹا ڪيا، محلن ۽ ماڙين ۾ رهايو، پر هن جو روح نہ ريجهيو ڇي، "حيف تنين کي هوءِ وطن جن وساريو"، "مارو ڪيئن وهان مان وساري، عمر مرم مارن جو ٿو ماري"، "اي نہ مارن ريت جو سيڙ مٿائين سون تي" هن وٽ ماڙين ۽ محلن کان پراٹا پکڑا وڌيڪ هٿا، ست رڇين طعامن کان ڏڻ ۽ ڏڻرا زياده پيارا ٿي لڳا.

سسئيءَ جي پنهونءَ لاءِ جبل جهاڳڙ، مومل جو راڻي لاءِ راتيون وهائي ڏينهن ڪرڻ، ليلان جو چنيسر کي ليلائي رضامند ڪرڻ جا قصا اُن زماني جي سنڌي ڪردار جي ساک پرين ٿا. امر سومري جو انصاف بہ مشهور آهي تہ باوجود مارئي ڪيتري وقت تائين وٽس نظربند هئي، پر هي سندس رضامنديءَ کان سواءِ ان جي ويجهو نہ ويو نيٺ موتائي ملڪ موڪليائينس.

جنهن قوم جي مڙدن ۽ عورتن جو اهڙو ڪردار هجي، انهن کي خوف ۽ لالچ سندن ستيا ۽ سير کان مٿائي نٿا سگهن. سومرن جي اها حالت هئي جي سگ ڏيئي جان ٿي آزاد ڪرايائون تہ ستن پيڑهين کي ٿي لهايائون، جي ڏارين حاڪم جي حڪم تي پنهنجي پسنديده حاڪم کي گاديءَ تان لاٿائون ٿي تہ سندن غيرت ۽ همت جي اها ڳالهہ خلاف هئي، ان ڪري هنن وطن جي عزت، آزادي، روايات جي برقرار

رکڻ خاطر سر ڏيڻي سرهو ٽيڻ کي ترجيح ڏني ۽ گيدي ۽ جي حياتيءَ کان عزت واري موت کي پسند ڪيو.

امام حسين عليه السلام جي ساڻي حالت هئي، سندس طرف 70 افراد زالن ٻارن سميت هئا ۽ يزيد طرف هزارها لشڪر هو.

"پر سر داد نہ داد دست بردست يزيد."

معني: سر ڏيڻ وڌيڪ پسند ڪيائين بنسبت ناحق اڳيان بيعت ڪرڻ جي.

هنن بہ سنت حسيني تي هلندي فنا ٿي وڃڻ کي وڌيڪ پسند ڪيو. اهڙيءَ طرح هنن سنڌين جي روايات، غيرت ۽ حب الوطني جي زنده رکڻ لاءِ پاڻ کي قربان رکڻ پسند ڪيو. جيئن اسلامي تعليم کي زنده رکڻ لاءِ امام حسين عليه السلام سر ڏنو تيئن سنڌي روايات جي لڄ رکڻ لاءِ دودي سومري جي گروه پاڻ موکيو. سومرن مان اڪثر مرد ميدان تي مارجي ويا. سندن رهيل عورتن لاءِ چوڻ آهي تہ دشمن جي هٿ هيٺ اچڻ کان راجپوتي دستور مطابق پاڻ جلائي ڇڏيائون. ڪن جو چوڻ آهي تہ زمين ڦاٽي پيئي، ان ۾ گهڙي ويئون. ان جاءِ کي اجا تائين ستين جو آستان سڏيو وڃي ٿو.

هوڏانهن ابڙي وٽ پهتل عورتن بہ جڏهن ڏٺو تہ دهليءَ جو لشڪر ڪچ ڏي ڪاهيندو ٿي آيو تہ انهن پاڻ مارائي ڇڏيو.

ان حڪايت بابت تاريخدانن جا مختلف رايا آهن، ڪن جو چوڻ آهي تہ علاؤالدين ۽ دودو سومرو ساڳي زماني ۾ نہ هئا وغيره. جيئن تہ هن گهراٽي جي دؤر حڪومت جي مستند تاريخ لکي نہ ويئي آهي، ان ڪري تاريخي نقطہ نگاهہ کان ان بابت پوري حقيقت معلوم ڪرڻ ذرا مشڪل نظر پيو اچي. ليڪن هيءَ ڳالهہ پايہ ثبوت تي پهتل آهي تہ باهرين دهليءَ جي لشڪر سان لڙندي دودي سومري خاندان ۽ قبيلي سميت قرباني ڏني. سندس تختگاه اجاڙ ٿي ويو. ان سندس قربانيءَ سهل سنڌ جي دلين تي اهڙو اثر وهاريو جو اڄ تائين ڳوٺن ۾ ان ۽ پٽ ان واقعي جي آکاڻي ڳائيندا رهن ٿا. شاهہ صاحب چيو آهي تہ:

پنهون ڪارڻ پٻ ۾ مر متو ڏيئي،
تہ سرتيون سپيئي، واکاڻين ويئيون.

ان وانگر هنن مقصدن خاطر سر ڏيئي پاڻ کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو. سنڌ جي شعر ۾ اها پهرئين رجزيه ۽ مرثيه واري شعر جي آڪاٿي آهي.

قومن جي اڪثريت هميشه بزدل، بي غيرت، ابن الوقت ماڻهن جي ٿئي ٿي. ليڪن انهن ۾ چند اهڙا به ماڻهو پيدا ٿين ٿا، جي ڏسي وائسي صرف روايات ۽ مقصدن خاطر قربان ٿيو وڃن. شاهه سائينءَ اهڙيءَ حالت لاءِ چوي ٿو:

ته ڪر ڪيئن مئي، جي سِير نه گهڙي سهٽي،
هتي حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهين تان نه هئي،
هوئين هوند مُئي، پر ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٿيا.
(شاهه)

ههڙن باهمت، باغيرت، ملڪ جي عزت ۽ ناموس، آزادي ۽ قومي روايات جي حفاظت لاءِ لڙي پاڻ قربان ڪندڙ ٿي سنڌين کي واقعي فخر ڪرڻ ۽ انهن جي يادگار ملهائڻ جو حق آهي.

پر چوٽي آهي ته صحيح راءِ ۽ حق تي هلڻ ٿي جدا ڳالهه آهي، پر انهن ماڻهن جي سچاڻپ ۽ قدرداني به ٿورن کي ٿئي ٿي. دنيا جي چاليهه ڪروڙ مسلمانن مان پنج سيڪڙو به امام حسين عليه السلام جو يادگار مس ملهائيندا هوندا.

هن وقت جڏهن اسان تاريخ جي نهايت مشڪل دؤر مان لنگهي رهيا آهيون. اسان جي سياسي آزادي ختم ڪئي ويئي آهي، جا اقتصادي حالت تي اثرانداز ٿيڻ کان رهي نه سگهي آهي. اسان جي ڪلچر ۽ زبان تي وار ٿي رهيا آهن. ان وقت اهڙي قسم جي سپوت ۽ سورهين جا قصا ۽ ڪهاڻيون عوام تائين پهچائڻ ۽ سنڌن ياد تازه ڪرڻ، قومي غيرت، همت ۽ جذبه آزاديءَ کي زنده ڪرڻ جي برابر آهي.

دودو سومرو ۽ ان جو قبيلو راجا ڏاهر کان پوءِ ٻيو سنڌي سورهيه شهيد آهي، جنهن جي ڪارنامن تي سنڌين کي ناز ڪرڻ جو پورو حق آهي.

هن واقعي کان پوءِ به سومرن جي حڪومت ڪجهه وقت لاءِ رهي، پر ايترين قربانين سندين طاقت ڪمزور ڪري ڇڏي هئي، جنهن ڪري ٿوري وقت کان پوءِ انهيءَ قبيلي جي همير نالي حاڪم کي سمن قتل ڪري حڪومت تي قبضو ڪيو. سما به سنڌ جا رهاڪو ۽ راجپوت نسل مان هئا.

(سنڌ جا سورما تان)

شيخ محمد سومار

دودي جي آخري آرامگاھ روپا ماڑي

بدين کان ڏکن 26 ميلن جي پنڌ تي سنڌ جي مشھور بادشاھ دودي ۽ چنيسر جي ھميشہ آرام گاھ "روپا ماڑي" واقعي آھي. انھيءَ روپا ماڑيءَ تي سال ۾ ٽي دفعا ميلا لڳن ٿا: ھڪ ميلو اُتي جا ماڻھو پوھ مھيني ۾ چنيسر ۽ دودي تي لڳائيندا آھن. ٻيو ميلو ڪچي سومرا 14 ڦڳڙ تي سال بسال ملھائيندا آھن. ۽ ٽيون ميلو آل پاڪستان سومرا جماعت مارچ مھيني ۾ لڳائيندي آھي. اُن کان سواءِ ھر ڪنھن مھيني جي ماھ پھري جمعي تي ڪي نہ ڪي معتقد مولود خواني ڪرڻ ۾ ويندا آھن.

"روپا ماڑيءَ" تي اھي ميلا 700ھ/1300ع کان وٺي لڳندا اچن. آل پاڪستان سومرا جماعت تازو ميلو لڳايو آھي، باقي ٻيا ٻہ ميلا قديم وقت کان لڳندڙ آھن.

روپا ماڑي جنھن جڳھ تي واقعي آھي، ان جاءِ تي اڳي ھڪ ننڍو شھر نالي "ڪونرسر" آباد ھو پر اُن شھر جي ڪا خاص اھميت نہ ھئي. 640ھ ۾ يونگر بادشاھ روپا راڻيءَ سان لانئون لڏيون. روپا راڻيءَ جا مائٽ "گجر" ھٿا. پاڻ ۾ ساڳئي ذات رکندي ھئي، پر جيئن تہ "لوھڙ" جي پر سان اُھي "گجر" سئيون تلوارون ۽ ٻيو جنگي سامان ٺاھيندا ھٿا. انھيءَ ڪري "لوھر" سڏبا ھٿا. گھٽن ماڻھن جي اصلي ذات ڏنڊي جي ڪري بدلجي ويندي آھي. روپا راڻيءَ ٻہ "گجر" مان "لوھارڙ" ايئن ٿي. روپا راڻيءَ جي پيءُ جو نالو لاڏڻو ھو ھوءَ ھڪ "گجر" سردار جي ڏيءَ ھئي، جيڪو ڪونرسر ۽ ريڙ علائقي مٿان راج ڪندو ھو ۽ يونگر بادشاھ جي مکيہ سردارن مان ھو. اُن لاڏڻي گجر

جي ڏيءَ سان 640ھ ۾ سومرن ۾ هين جي گهٽي مخالف هوندي به شادي ٿي ويئي ۽ بادشاھ سلامت پنهنجي راءِ لاءِ اُتي ڪونرسر ۾ هڪ وڏي ماڙي ٺهرائي. راڻيءَ سان گڏ ڇهه مهينا روپا ماڙيءَ ۾ رهندو هو ۽ ڇهه مهينا وڃھ ڪوٽ ۾ رهندو هو.

هن بادشاھ کي روپا راڻيءَ مان چنيسر پيدا ٿيو جنهن کي هو ساھ کان به پيارو پائيندو هو. هن پوءِ چنيسر جو سنپالينڊ ۾ جنگي سکيا جو استاد سمات قوم جو فوجي سپھ سالار دائود شيخ ڪيو. اِهو شيخ دائود چنيسر جو استاد به هو ۽ سمات قوم جو سپھ سالار به. سومرا قوم جو سپھ سالار سڏ هو جيڪو پونگر بادشاھ جي غير موجودگيءَ ۾ وڃھ ڪوٽ سنپالينڊو هو ۽ وزير "ہارڙ" سومري جو هانهن هيلي هوندو هو.

جڏهن بادشاھ کي رب پاڪ دودو عنايت ڪيو تڏهن پونگر بادشاھ جو خيال وڃھ ۾ "روپاماڙي" ڏانهن هڪ جهڙو ٿي ويو. ۽ پر پاڙ سال جا ڇهه مهينا پوءِ به وڃھ ڪوٽ ۾ ۽ ڇهه مهينا روپاماڙيءَ ۾ رهندو هو. 678ھ ۾ پونگر بادشاھ وفات ڪئي. سندس قبرستان روپاماڙيءَ جي پرسان ڪاڪ جي ويجهو "پونگرا" نالي مڪان وٽ آهي.

پونگر جي وفات کان پوءِ 678ھ ۾ چنيسر گاديءَ نشين ٿيو ۽ سندڙ جي گادي جو هنڌ ساڻئي سن کان وڃھ ڪوٽ کان روپاماڙيءَ ۾ ٿيو. ٺوڙهو ملاح. لاڙڪو گجر ۽ شخ دائود ۽ هين غير سومرن کي چنيسر وٽ حد کان وڌيڪ عزت ملي. شيخ دائود کي ته هُو وڏو معتقد سمجهندو هو. سندس پاران وڃھ ڪوٽ تي دودو راج ڪندو هو. سالياني تاج پوشي ۽ هيون حڪومت جي پاران ڪارروايون ۽ حڪم نامه روپا ماڙيءَ مان چنيسر جي حڪم سان نڪرندا هئا. اُن وقت ہارڙ وزير وفات ڪري ويو. سڏ سپھ سالار مان چنيسر مطمئن نه هو. ان ڪري سومرن ۾ روپا ماڙي جي راج لاءِ ڪجھ چمه گويون شروع ٿي ويون. اهي ڳالهيون 696ھ/1296ع ۾ وڏي وڻ ٿيون ۽ چنيسر تخت چڙي گجرات کان ڪرن واگهيلي جي وزير پنوراءِ گڏجي 697ھ/297ع ۾ علاوالدين جي دربار ۾ پهتو. ماڏو راءِ ڪرن واگهيلي جو وزير هو ۽ ڪرن واگهيلي جي تڪليفن کان لاچار ٿي. اُن جي علاوالدين کي دانهن ڏيڻ ويو اُن

وقت ۾ ساڻس چنيسر، جو ماءُ جي سڳ ۾ گجر ۽ پيءُ جي سڳ ۾ سومرو هو علاوالدين جي دربار ۾ پهتو.

چنيسر جڏهن ويو ٽي، تڏهن روپا ماڑيءَ جو انتظام شيخ دائود جي حوالي ڪري ويو هو. ڇو ته ڪيس سپڙ جي ماٺهن کان ۽ سپڙ کان تڪليف پهچڻ جو شڪ هو. چنيسر جي وڃڻ کان پوءِ ائين ٽيو پر شيخ دائود روپا راڻيءَ ۽ چنيسر جي زال کي سومرن جي مذاق کان بچايو ۽ انهن کي روپا ماڑي ۾ داخل ٿيڻ نه ڏيندو اهي ئي ڳالهيون سومرن وڏائي دودي جي ڪن وڌيون. جيڪو پوءِ پاڻ روپا ماڑي ۾ هلي آيو ۽ شيخ دائود سان ڳالهه ڪيائين. جنهن جو مقصد هو ته "تون سومرن جي ڳالهه ۾ نه پؤ" پر شيخ دائود چيو ته، "روپا راڻي ۽ چنيسر جي لڄ منهنجون نياڻيون آهن. چنيسر انهن جو مون کي محافظ ڪري ڇڏي ويو آهي. سومرا انهن جو مذاق اُڏائين ٿا. انهيءَ ڪري شر انگيز ماٺهن کي روپا ماڑيءَ ۾ اچڻ کان مون منع ڪئي آهي." پوءِ روپا راڻيءَ سان دودي گفتگو ڪئي ۽ نتيجو هي نڪتو جو شيخ دائود کي روپا راڻيءَ پنهنجي ڀُوٽ وڃڻ جو چيو ۽ دودو سومرو پوءِ شيخ دائود واريءَ جڳهه تي روپا ماڑيءَ جو محافظ ٿي وهڻ قبوليو ۽ اِهو به قبوليو ته، "شر انگيز ماٺهن کي ماڑيءَ جي ويجهواچڻ نه ڏيندو." جڏهن شيخ دائود روانو ٿي ويو تڏهن سپڙ سومري دودي سان صلاح ڪري هن کي واپس ورڻ لاءِ چيو. پر هُو واپس نه ٿيو سندس ڏاڻهن چنيسر جو پٽ ننگر موڪليو ويو جو کيس واڻ تي وڃي پهتو پر جڏهن وٽس اتي پهتو تڏهن اُن به رڪعتون نفل پڙهي ساهه خلقيندڙ جي حوالي ڪيو ۽ ۽ واپس به نه وريو ۽ انڪار به نه ڪري سگهيو.

دودو پوءِ وڳهه ڪوٽ جي بدران روپا ماڑيءَ ۾ رهي پيو ۽ ڪوبه شر پکيڙيندڙ ماٺهو ماڑيءَ کي ويجهو نه ڇڏيندو هو. ۽ هوڏانن وڳهه ڪوٽ ۾ سپڙ سومرو ۽ پيا سومرا پيا راج سنيالينداهئا. پر گاديءَ جو هنڌ وري به روپا ماڑي ٿي رهي. دودي پنهنجي جنگي جوانن رستي ملتان، اُچ بهاولپور جي موجوده حدن تائين حڪومت وڌائي ڇڏي، خلجي گهراڻي جا جيڪي عملدار هئا، اهي صرف قلعن ڪوٽن ۾ رهي سگهيا ٿي ۽ سڄي ملڪ تي راج دودي جوهو.

شيخ دائود جي وفات کان پوءِ سمائ قوم ۾ سومرن جي فوج لاءِ گھٽيون چمڙ گويون ٿيون ۽ گھٽن سردارن سومرن کان پاسو ڪيو. چو ته هنن چنيسر کي مظلوم ٿي سڏيو.

هوڏانهن گجرات ڏانهن ڪرن واگھيلي تي خلجي فوج حملو ڪري چڪي هئي. اُن لشڪر ۾ نؤ مسلم تاتارين ۽ مغلن جو وڏو تعداد شامل هو. گجرات تي 697ھ/1297ع ۾ حملو ٿيو. اُن لشڪر ۾ جيڪي مکيہ ماڻھو شامل هئا، انن مان الماس بيگ، الغ خان، ملڪ نصرت، ظفر خان، ماڙو راءِ، محمد شاھ، تمر بيگ، قتلغ بيگ، محمد خان پٺاڻ ۽ نصرت خان خاص فوجي اهميت جا ماڻھو ليکيا ويا ٿي. محمد حسن خسرو بہ اُن وقت گجرات ۾ مشهور ماڻھو هو.

698ھ/1298ع ۾ گجرات فتح ٿي. اُن کان پوءِ اُنهيءَ لشڪر جو منهن سنڌ ڏانهن ٿيو. سنڌ کي لشڪر ۾ هنڌن تان حملو ڪيو. هڪ بکر کان ۽ ٻيوننگر پارکر کان. ننگر پارکر واري حملي ۾ ماڙو راءِ جو مکيہ هٿ هو ۽ بکر واري لشڪر جي اڳواڻي محمد خان پٺاڻ، محمد شاھ ۽ تمر بيگ ڪري رهيا هئا. 699ھ ۾ اهو لشڪر سنڌ اندر داخل ٿيو. جيئن ته انهيءَ جو ڪم قتل ۽ غارت گري ڪرڻ هو. انهيءَ ڪري مُلڪ کي لٽيندو ۽ ڦريندو آهستي آهستي اڳتي وڌي رهيو هو. اِهو لشڪر جتي بہ رات رهندو هو اُتي سنڌين جي راتاهي جو وڏو ڍپ هوندو هو. ۽ خندقون کوٽيو انهن جي وچ ۾ رهندو هو ۽ هڪ منزل کان ٻي منزل ڏانهن پهچڻ لاءِ نڪري. ٻيءَ منزل ڏانهن پهچڻ لاءِ لشڪر کي ڪجھ وقت لڳندو هو.

ننگر، پونگر، محمد سومرو سپڙ سومرو ۽ ٻيا زبردست فوجي جوان جنگ کي منهن ڏيندا رهيا ۽ سنڌين پڙ ڏارين جي لشڪر تي پنهنجي سگھ موجب نندا نڌا لشڪر ٽاهي حملا ڪيا ۽ شهيد ٿي پاڻ ملهايو. اهڙن ۾ ويرم پاهوڙ نيڙ، ڍڪڙ ۽ ڏاما مکيہ ليکجن ٿا. ويرا واھ (ننگر پارکر) واري لشڪر کي سامهون محمد سومرو هاسو سوڍو ۽ ٻيا ٽيا. ماٽيلي (بکر) کان ايندڙ لشڪر کي سامهون ننگر، مونگر، پونگر ۽ ٻيا ٽيا. ڏينهون ڏينهن لشڪر روپا ماڙيءَ ڏانهن اوپر ۽ اتر کان وڌي رهيو هو. چوڏاري جنگ ۾ هار نصيب ٿي رهي هُئي. اِهو لحاظ رکي سومرن خاص

ڪري سردار سومرن ۾ حڪومت ۾ ڏميوار خاندانن پنهنجون سامون ابڙي ڏانهن موڪلي ڏنيون. محمد طور (مهاتم طور) جي سومرين موتي جنڀڙ ۾ پيٽا. وسائي جي ڪوٽ (ماڙي) ۾ به ائين ٿيو.

وڳهه ڪوٽ ۾ روپا ماڙي جون سومريون ڪڇ ڏانهن ابڙي جي سامر لاءِ روانيون ٿي ويون. ابڙي سمي ڏانهن سومرين کي پاڳو يان ونڊي وڃي رهيو هو. هوڏانهن ابڙي سمي وٽ جيڪو به ڪٻهه هو سو هارائي مڇ ڪيائين ته جيئن سومريون راهه پُلجي نه وڃن.

البت روپا راڻي وڃڻ کان انڪار ڪيو. چو ته، هُن دودي کي چيو ته، "مون پونگر بادشاهه سان وعدو ڪيو هو ته جيسين جيئري هوندس ته هن محلات مان باهر پير نه ڪيندس. چنيسر منهنجي حفاظت لاءِ شيخ دائود به انهيءَ لحاظ کان چڏي ويو هو هاڻ جيڪڏهن منهنجي توهان کان سنيال نه ٿي ٿئي، ته پوءِ اِها جوابداري سِرَ تي چو ٿي ڪنيوَ" پوءِ دودي هن تي زور نه رکيو ۽ روپا ماڙيءَ جي اڳيان روپا راڻيءَ جي حفاظت ڪندو رهيو. سڀ سومريون ابڙي سمي وٽ پهچي ويون، باقي روپا راڻيءَ روپا ماڙيءَ ۾ رهجي ويئي.

دودو جنگ ۾ پنهنجا جوان مارائيندو رهيو. رت رئندو رهيو پر روپا ماڙيءَ کان هڪ پير به باهر ڇُري نٿي سگهيو. چو ته هن کي شيخ دائود جي جڳهه تي قول موجب روپا راڻيءَ جي حفاظت ڪرڻي هئي. جنگ ڏينهون ڏينهن ويجهي پوندي ويئي. آخر روپا ماڙيءَ جو ڪيڏاري جي سُر سان جنگ اچي سلام ڪيو. دودو انهيءَ جنگ ۾ ٽِهانگو ڪٽي وڙهيو پر روپا ماڙيءَ کان پري وڃي نٿي سگهيو اُن جي ارد گرد جنگ پئي ڪيائين. آخر لشڪر ڪيس ويجهو گهيرو ڪيو جنهن ۾ پاڻ روپا ماڙيءَ جي زناني گيٽ وٽ روپا راڻيءَ جي حفاظت ڪندي پنهنجي جان خلقيندڙ جي حوالي ڪيائين. اها ڳالهه 700هـ/1300ع ۾ ٿي. پنهنجي پاءُ دودي کي رت ۾ پريل ڏسي چنيسر جي رت ۾ جوش اچي ويو ۽ هن خود مغل فوج سان جنگ شروع ڪري چڏي. جنهن ۾ پاڻ شهيد ٿي ويو. روپا راڻيءَ جهروڪن سان اِهو حال اکين سان پئي ڏٺو تنهن پوءِ سڃيءَ ماڙيءَ کي باهه ڏيئي چڏي ۽پاڻ اُن ۾ جلي مري ويئي. چنيسر وصيت ڪئي هُئي ته "منهنجي قبر ادا دودي جيءَ قبر

کان ميل پري ڪجو" پوءِ دودو اُتي دفن ڪيو ويو جتي شهيد ٿيو هو اڄ به روپا ماڑيءَ جي اڀيان دودي جي قبر آهي. ڇٽڪر هو ايجان به روپا ماڑيءَ جي حفاظت ڪري رهيو آهي ۽ چنيسر جي قبر روپا ماڑيءَ کان ..... آهي. چنيسر جي قبر کان ..... شيخ دائود جي قبر ميل اولهه آهي. اهڑيءَ طرح هي روپا ماڑيءَ جا وريام ..... جي شڪل ٺاهيو سنڌ جي صحرا ..... جي ياد تازي ڪريو ستا پيا آهن.


روپا ماڑيءَ جي خاتمي کان پوءِ مغل فوج ڪڇ ۾ ويئي. ابڑو سمون سِر ڏيئي سرهو ٿيو پر سامون ڪونہ ڇڏيائون. ابڑي سمي سان گڏ ممٽ سمون، راهو سمون، ڪاکريو فقير، مالو ميگهواڙ به سِر سامن تان گهوري ويا. ان کان پوءِ بي واهہ سومريون رب کان پناهہ گهُرڻ لڳيون. جنهن ڏرتيءَ جو منهن وڏو ڪري پاڻ وٺ انهن ستين کي گهُرايو. ستين جي مقام تي سومرا سال بسال 14 ڦيرڻ تي ميلو ڪندا آهن. پاڳو پان جا پونيان "پاڳ" اِهو ميلو لڳائيندا اچن. سومرا انهيءَ ميلي تي "چيڙا چيڙيءَ" جي رسم به ادا ڪندا آهن.


ڪڇ تي حملو ڪندڙ فوج کي ڪجهہ به نصيب نہ ٿيو تڏهن واپس ٿي. پر هڪ سومرو امير صالح ورندڙ فوج کي خوب تنگ ڪيو. آخر وڏي مشڪل سان ٿورو حملو ڪندڙ لشڪر واپس ٿي سگهيو.


روپا ماڑي 640هـ ۾ ٺهي ۽ 700هـ ۾ تباهہ ٿي ويئي. انهيءَ روپا ماڑيءَ جو ذڪر هِت ٿيو جيڪا هاڻ ڪنڊر بنجي چڪي آهي.


(روپا ماڑي تان ورتل)

سنڌي سڙيچ



شهيد
شاهه عنايت
(سنڌي سڙيچ)
دانش تونيار
روشني



شهيد
روپلو کولهي
(سنڌي سڙيچ)
ڈاڪٽر آزاد ماڻهي
روشني


شهيد
مهاراجا ڏاهر
(سنڌي سڙيچ)
مرتب
ڈاڪٽر آزاد ماڻهي
روشني



شهيد
مخدوم بلاول
(سنڌي سڙيچ)
ڈاڪٽر آزاد ماڻهي
روشني


شهيد جرنيل
هوش محمد شيدي
(سنڌي سڙيچ)
منصور قادر جوڻيجو
روشني


کامريڊ
حيدر بخش
جتوئي
(سنڌي سڙيچ)
ڈاڪٽر آزاد ماڻهي
روشني


شهيد
هيمون ڪالاڻي
(سنڌي سڙيچ)
ڈاڪٽر آزاد ماڻهي
روشني


شهيد
دولهه دريا خان
(سنڌي سڙيچ)
ڈاڪٽر آزاد ماڻهي
روشني


شهيد
الهه بخش سومرو
(سنڌي سڙيچ)
ڈاڪٽر آزاد ماڻهي
روشني